جمهوري سوچ جي ترجمان
ABC
CARTL
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايڊيٽر: حاجي محمد حنيف ميمڻ
ايڊيٽر: سيد گل شاهه
جلد 17 | خميس 05 نومبر 2026ع بمطابق 24 جمادي الاول 1448هه | قيمت: 20 | شمارو 25

سنڌ جي وڏي وزير سان انٽرنيشنل ملٽي گروپ جي وفد جي ملاقات، زراعت ۽ سرمائيڪاري تي خيالن جي ڏي وٺ

صوبائي حڪومت برآمدي فصلن تي تحقيق کي هٿي ڏيڻ لاءِ انٽرنيشنل ملٽي گروپ آف ڪمپنيز (IMGC) سان گڏجي ويجهڙائي سان ڪم ڪندي

ته ڪمپني ڪيس ڪيسٽر ۽ ترن جي ٻج جي پروسيسنگ، ويليو_ايڊڊ برآمدات ۽ آبادگارن سان پائيداري بڻائڻ واري پنهنجي اگري_فوڊ پروجيڪٽ بابت بريفنگ ڏني

اهي ڪمپني جي ماهرن سان گڏ ويهن ۽ اهو طئي ڪن ته برآمدي فصلن تي تحقيق کي ڪيئن اڳتي وڌائي سگهجي ٿو. آئي ايم جي سي (IMGC) جي وفد جي اڳواڻي چيئرمين شيخ امجد رشيد ڪري رهيو هو

جنهن سان گڏ جنرل مئنيجر ٽريڊ اينڊ ڪموڊٽيز شاهه رخ خان، هيڊ آف ڪيسٽر اينڊ سيسيم پروجيڪٽ اعجاز چوڌري ۽ ريسرچ اينالسٽ زوهيب حسن پڻ موجود هئا

سيد سردار شاهه، سيڪريٽري انويسٽمينٽ راجا خرم شهزاد، سيڪريٽري زراعت زمان ناريجو ۽ سيڪريٽري مائنز اينڊ منرلز سهيل بلوچ صوبائي حڪومت جي طرفان شريڪ ٿيا

اسان جو مقصد روايتي زراعت کان هاءِ_ويليو اگري_فوڊ پروسيسنگ ڏانهن منتقل ٿيڻ آهي. اسان انٽرنيشنل ملٽي گروپ کي هي پروجيڪٽ قائم ڪرڻ لاءِ هڪ بهترين ماحول فراهم ڪرڻ لاءِ پُرعزم آهيون

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه چيو آهي ته صوبائي حڪومت برآمدي فصلن تي تحقيق کي هٿي ڏيڻ لاءِ انٽرنيشنل ملٽي گروپ آف ڪمپنيز (IMGC) سان گڏجي ويجهڙائي سان ڪم ڪندي جڏهن ته ڪمپني ڪيس ڪيسٽر ۽ ترن جي ٻج جي پروسيسنگ، ويليو_ايڊڊ برآمدات ۽ آبادگارن سان پائيداري بڻائڻ واري پنهنجي اگري_فوڊ پروجيڪٽ بابت بريفنگ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر20

ڪراچي: وزيراعلي سنڌ مراد علي شاهه سان جيز ڪيش جو سي اي او مرتضي علي ملاقات ڪندي

پيٽرول سبسڊي تي 28 ارب خرچ ٿيا، سياري ۾ تيل ۽ گيس جي کوٽ پيدا نه ٿيندي: وزيراعظم

سياري ۾ قدرتي گيس(ايل اين جي) (ايل پي جي) ، پيٽرول ۽ توانائي جي ٻين ذريعن جي گهرج پوري ڪرڻ سان گڏوگڏ وڌندڙ قيمتن کي به اندر ڪنٽرول رکڻ جي لاءِ ڏينهن رات ڪوششون جاري آهن

ڍاڪن کان پراڻي مافيا جو دور ختم ٿي چڪو آهي جنهن ڪروڙين، اربين ڪمايا هوندا. انهي جي امپورٽ جو انتظام مڪمل هڪ جهڙائي ۽ شفافيت سان گڏ ڪيو ويو آهي

هاڻ پاڪستان اسٽيٽ آئل(پي ايس او) ، سوئي سدرن جي سبسيڊري، پاڪستان ايل اين جي لميٽيڊ ۽ پارڪو پرل گيس سميت سرڪاري ادارا به ايل پي جي درآمد ڪندا

روزاني 7 هزار ٽن ايل پي جي جي ضرورت هوندي آهي جنهن مان 25 سيڪڙو مقامي طور تي پيدا ٿيندي آهي ۽ ننڍي لاٽس ۾ اوپن آڪشن جي ذريعي وڪرو ڪئي ويندي

جنهن جو منافعو ناٽي ۾ اچڻ کان پوءِ عوام کي رليف فراهم ڪيو ويندو ملڪ ۾ فيول سبسڊي پروگرام انتهائي ڪاميابي ۽ شفافيت سان جاري آهي جنهن سان هيئنر تائين ڏيڍ ڪروڙ ماڻهو فائدو حاصل ڪري چڪا آهن

انهي مد ۾ 28 ارب روپيه خرچ ڪيا ويا آهن. انهي دوران هن فيول تي ڏنل رعايت جي خاتمي جو اشارو اهو سبسڊي پروگرام ڊسمبر جي آخر تائين جاري رهندو

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم شهباز شريف قوم کي يقين ڏياريو آهي ته سياري ۾ قدرتي گيس(ايل اين جي) (ايل پي جي) ، پيٽرول ۽ توانائي جي ٻين ذريعن جي گهرج پوري ڪرڻ سان گڏوگڏ وڌندڙ قيمتن کي به اندر ڪنٽرول رکڻ جي لاءِ ڏينهن رات ڪوششون جاري آهن. ڪابينا جي اجلاس کي خطاب ڪندي هن ايل پي جي جي حوالي سان اهم اعلان ڪندي چيو ته ڍاڪن کان پراڻي مافيا جو دور خ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر1

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف اجلاس جي صدارت ڪندي

دهشتگردي جي خلاف سيڪيورٽي فورسز پاران ڪامياب آپريشنز قومي سلامتي جي عزم جو اظهار آهن: دانيال چوڌري

دهشتگردي جي خلاف سيڪيورٽي فورسز پاران ڪامياب آپريشنز قومي سلامتي جي عزم جو اظهار آهن

اسلام آباد (بيورو) اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي پارلياماني سيڪريٽري بيرسٽر دانيال چوڌري چيو آهي ته بلوچستان جي ضلعن ڪيچ/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر19

انٽيليجنس آپريشن جو دائرو وڌائڻ جو حڪومتي فيصلو

وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ قومي ۽ اندروني سلامتيءَ بابت اجلاس ٿيو

جنهن ۾ خيبرپختونخوا جي گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي مختلف شعبن ۾ هيئنر تائين کيل قدمن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني

وزيراعظم وفاقي، صوبائي ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن وچ ۾ رابطن ۽ سهڪار کي بهتر بڻائڻ جي هدايت

اسلام آباد (بيورو) حڪومت دهشتگرديءَ جي خاتمي لاءِ انٽيليجنس آپريشنز جو دائرو وڌائڻ جو فيصلو/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر2

وزيراعظم چيو آهي ته عوام تي بار نه وجهو، بي آءِ ايس پي ڊيٽا تحت مستحقن کي ايل پي جي تي رليف ڏينداسين: وفاقي وزير

عالمي مارڪيٽ جي حساب سان ايل پي جي جي قيمت 450 رپيا في ڪلو ٿيڻ گهرجي، پر ڪجهه عنصرن ايل پي جي تي ناجائز منافعو ڪمايو آهي

حڪومت عوام کي سستي ايل پي جي فراهم ڪندي ايل پي جي جي درآمد کي مقابلي جي بنياد تي کولي رهيا آهيون

اسلام آباد (بيورو) پيٽروليم واري وفاقي وزير علي پرويز ملڪ چيو آهي ته مستحق ماڻهن کي بي آءِ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر3

لاڙڪاڻو: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري پارٽي ڪارڪن سان ملاقات ڪندي

شرجيل ميمڻ يونيورسٽي روڊ تي ريڊ لائن بي آر ٽي جا يو ٽرن کولڻ جي هدايت ڪري ڇڏي

شرجيل انعام ميمڻ هلندڙ مهيني ڪراچي پهچندڙ ڊبل ڊيڪر ۽ اي وي بسز جي لاءِ موزون روٽس کي حتمي شڪل ڏيڻ، روٽس جي تعين ۾ اهم شاهراهن، ڪاروباري مرڪزن، تعليمي ادارن ۽ رهائشي علائقن کي خاص طور تي مد نظر رکڻ جون هدايتون

سنڌ جي سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ جي صدارت هيٺ ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري کاتي جو اهم اجلاس ڪراچي ۾ ٿيو

اجلاس ۾ هلندڙ مهيني ڪراچي پهچندڙ ڊبل ڊيڪر بسن ۽ اي وي بسن جي روٽس جي انتظامن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي سينئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ هلندڙ مهيني ڪراچي پهچندڙ ڊبل ڊيڪر ۽ اي وي بسز جي لاءِ موزون روٽس کي حتمي شڪل ڏيڻ، روٽس جي تعين ۾ اهم شاهراهن، ڪاروباري مرڪزن، تعليمي ادارن ۽ رهائشي علائقن کي خاص طور تي مد نظر رکڻ جون/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر18

آمريڪا جو ايران تي حملي جو ڪو فوري منصوبو ناهي: ڊونلڊ ٽرمپ

ايران بابت آمريڪا جي پوزيشن مضبوط آهي. لڳي ٿو ته اسان کي اهو سڀ ڪجهه ملي رهيو آهي

اها ڪارروائي هڪ ڪلاڪ اندر ڪري سگهجي ٿي. آمريڪي صدر اهو پڻ چيو ته گذريل رات ايران تي ڪيو ويو

حملو هڪ محدود آپريشن هو، جنهن کي وڏي جنگ قرار نٿو ڏئي سگهجي، اسان ايران جي جوهري نڪتن جي مسلسل نگراني ڪري رهيا آهيون

واشنگٽن (م د) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ چيو آهي ته آمريڪا جو ايران تي حملو ڪرڻ جو ڪو فوري منصوبو ناهي. برطانوي رسالي فنانشل ٽائمز کي انٽرويو ڏيندي هن چيو ته ايران بابت آمريڪا جي پوزيشن مضبوط آهي. لڳي ٿو ته اسان/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر5

اسلام آباد: پاڪستان ۽ برطانيا جي وچ ۾ اسلام آباد ۾ دهشتگردي جي خاتمي (سي ٽي) ڊائيلاگ جو انعقاد ڪيو ويو

پاڪستان ۽ برطانيا پاران دهشتگردي جي خلاف ٻطرفي ۽ گهڻ رخي تعاون جي عزم جو ورجاءُ

پاڪستان ۽ برطانيا جي وچ ۾ اسلام آباد ۾ اربع ڏينهن دهشتگردي جي خاتمي (سي ٽي) ڊائيلاگ جو انعقاد ڪيو ويو

جنهن ۾ عالمي ۽ علائقائي سيڪيورٽي جي بدلجندڙ ماحول تي تفصيلي ۽ تعميري ڳالهه ٻولهه ٿي

دهشتگرد تنظيمن بشمول عالمي دهشتگرد نيٽ ورڪس سان پيدا ٿيندڙ خطرن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان ۽ برطانيا دهشتگردي جي خلاف ٻطرفي ۽ گهڻ رخي تعاون جي عزم جو ورجاءُ ڪندي اداراجاتي رابطن کي مضبوط بڻائڻ تي اتفاق ڪيو آهي. پرڏيهي آفيس پاران جاري بيان موجب پاڪستان ۽ برطانيا جي وچ ۾ اسلام آباد ۾ اربع ڏينهن دهشتگردي جي خاتمي (سي ٽي) ڊائيلاگ جو انعقاد ڪيو ويو جنهن ۾ عالمي ۽ علائقائي سيڪ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر6

ڪي پي ۾ ٽرانسفارمر بنياد تي لوڊ مئنيجمينٽ جو فيصلو

وفاقي وزير توانائي اويس احمد لغاري گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي کي وڌيڪ بجلي نقصان وارن علائقن ۾ به لوڊشيڊنگ جو مدو گهٽائڻ جي خاطري ڪرائي

وزيراعظم شهباز شريف جي هدايت تي خيبرپختونخوا جي توانائي مسئلن جي حل لاءِ وفاقي ۽ صوبائي قيادت جو اهم مشاورتي اجلاس ٿيو

جنهن ۾ گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي، وفاقي وزير توانائي اويس احمد لغاري، وفاقي وزير پيٽروليم ۽ چيف سيڪريٽري خيبرپختونخوا شرڪت ڪئي

صوبي ۾ ڊگهي لوڊشيڊنگ جو مسئلو اٿاريندي عوام کي بجلي جي فراهمي ۾ رليف ڏيڻ لاءِ فوري ۽ اثرائتا قدم کڻڻ تي زور ڏنو

اسلام آباد (بيورو) وفاقي حڪومت خيبرپختونخوا ۾ بجلي جي لوڊشيڊنگ گهٽائڻ لاءِ ٽرانسفارمر بيسڊ لوڊ مئنيجمينٽ سسٽم متعارف ڪرائڻ جو فيصلو ڪري ورتو. وفاقي وزير توانائي اويس احمد لغاري گورنر فيصل ڪري/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر7

ڪراچي: ڪميونٽي پوليسنگ ڪراچي جي زيراهتمام سيمينار ڪي آءِ جي سنڌ شيلڊ ڏيندي

عمران خان ۽ بشريٰ بي بي خلاف 190 ملين پائونڊ ڪيس بابت اپيلن ۾ وڏي اڳيرائي

190 ملين پائونڊ ڪيس ۾ باني پي ٽي آءِ ۽ بشريٰ بي بي جون اپيلون 10 نومبر تي ٻڌڻي لاءِ مقرر ڪري ڇڏيون

چيف جسٽس سردار سرفراز ڊوگر ۽ جسٽس محمد آصف ٻڌڻي ڪندا

اسلام آباد (بيورو) باني پي ٽي آءِ عمران خان ۽ بشريٰ بي بي خلاف 190 ملين پائونڊ ڪيس بابت اپيلن ۾ وڏي اڳيرائي ٿي آهي. اسلام آباد هاءِ /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر11

قتل ڪرڻ واري ڪيس ۾ جوابدار عرفان کي ماتحت عدالت پاران ڏنل موت جي سزا عمر قيد ۾ تبديل ڪري ڇڏي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ ننڍي نياڻي کي زيادتي جو نشانو بڻائڻ بعد قتل ڪرڻ واري/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر8

شهدادڪوٽ، بک هڙتالي ڪيمپ تي پوليس چڙهائي، ڪيترائي گرفتار

شهدادڪوٽ (رپورٽر) شهدادڪوٽ ۾ اي سيڪشن پوليس جمالي برادري جي چئن مهين/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر9

ڪميونيٽي پوليسنگ ڪراچي جي انتظام هيٺ ڪميونيٽي پوليسنگ جي فائدن جي عنوان سان سيمينار منعقد

ڪراچي (رپورٽر) آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو ڪميونيٽي پوليسنگ ڪراچي (جي انتظام /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر10

گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي جي پهرين ڪميٽي پاڪستان پاران پيش ڪيل ٽي قراردادون وڏي اڪثريت سان منظور ڪري ورتيون

علائقائي هٿيار ڪنٽرول ۽ اعتمادسازي جي قدمن بابت پاڪستان جي پراڻي ڪوشش جي عالمي برادري پاران مسلسل حمايت جو مظهر آهن

هٿيارن جي خاتمي ۽ عالمي سلامتي جي معاملن بابت جنرل اسيمبلي جي پهرين ڪميٽي پاڪستان جي پيش ڪيل قراردادن جي منظوري ڏني

علائقائي ۽ ذيلي علائقائي ڏس ۾ اعتمادسازي جي قدمن بابت قرارداد بنا ووٽنگ جي منظور ڪئي وئي

اسلام آباد (بيورو) گڏيل قومن جي 81هين جنرل اسيمبلي جي پهرين ڪميٽي پاڪستان پاران پيش ڪيل ٽي قراردادون وڏي اڪثريت سان منظور ڪري ورتيون. جيڪي ائٽمي هٿيار نه رکندڙ رياستن جي لاءِ سلامتي جي خاطرين، علائقائي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر12

نيب ۽ ايف آءِ اي مولانا فضل الرحمان جي پٽ ۽ اسعد محمود کي طلب ڪري ورتو

نيب راولپنڊي طرفان اسعد محمود کي 10 نومبر تي صبح 11 وڳي پيش ٿيڻ جو نوٽيس جاري ڪيو ويو آهي

2022ع کان 2023ع دوران سندس وزارت واري عرصي ۾ 3 هزار 938 منظور ٿيل جاين تي مبينا طور 4 هزار 252 ڀرتيون ڪيون ويون

اسلام آباد (بيورو)قومي احتساب بيورو (نيب) ۽ وفاقي جاچ اداري (ايف آءِ اي) مولانا فضل الرحمان جي پٽ ۽ اڳوڻي وفاقي وزير اسعد محمود ک/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر17

مزاحمت تي قتل واقعن ۾ 17 سيڪڙو گهٽتائي، دعويٰ

ڪراچيءَ ۾ پوليس اهلڪارن جو انگ 42 هزار آهي، جڏهن ته ضرورت 60 هزار اهلڪارن جي آهي

اهڙا اهلڪار هجڻ گهرجن، جيڪي تعليم ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي ڄاڻ رکندڙ هجن

ڪراچي(رپورٽر) آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو صوبي ۾ ڦر دوران مزاحمت ڪرڻ تي قتل جي واقعن ۾ 17 سيڪڙو گهٽتائي جي دعويٰ ڪئي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر16

بري ٿيڻ باوجود پوليس ڀرتيءَ کان نااهلي غيرقانوني قرار

رڳو ايف آءِ آر داخل ٿيڻ ڪنهن به اميدوار کي سرڪاري ملازمت لاءِ پاڻمرادو نااهل قرار ڏيڻ جو بنياد نٿو بڻجي سگهي

چيف جسٽس امين الدين خان پوليس ۾ ڊرائيور ڪانسٽيبل جي ڀرتيءَ بابت ڪيس جو لکت ۾ فيصلو جاري ڪري ڇڏيو

اسلام آباد(بيورو) وفاقي آئيني عدالت سرڪاري ملازمتن ۾ ڀرتي کان اڳ اميدوارن جي ڪردار ۽ ماضيءَ جي ڪيسن جي جاچ لاءِ 6 اهم اصول /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر15

پاڪستان ۾ اسٽاڪ ايڪسچينج جي ڪاروبار ۾ تيزي، انڊيڪس ۾ 1849 پوائنٽس جو اضافو

مارڪيٽ ۾ گڏيل طور تي 568 ڪمپنين جي شيئرز جو ڪاروبار ڪيو ويو

جن ۾ 376 جي اگهه ۾ اضافو، 91 ۾ گهٽتائي جڏهن ته 101 ڪمپنين جا شيئرز مستحڪم رهيا

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ شروعاتي سيشن دوران تيزي جو لاڙو رهيو ۽ ڪي ايس اي 100 انڊيڪس 184 /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر14

ڪراچي ۾ حوالا هنڊي جي غير قانوني ڪاروبار ۾ ملوث عنصرن خلاف ڪارروائي

جوابدارن جي قبضي مان 25 لک رپيا نقد، ڊجيٽل اوزار ۽ ٻيا اهم ثبوت هٿ ڪيا ويا

ڊائريڪٽر ڪراچي زون منتظر مهدي جي هدايتن تي گلاس ٽاور ويجهو جامع ڪلاٿ مارڪيٽ، ايم اي جناح روڊ تي ڇاپو هنيو ويو

ڪراچي(رپورٽر)وفاقي تحقيقاتي اداري (ايف آءِ اي) جي اسٽيٽ بئنڪ سرڪل ڪراچي ۾ حوالا هنڊي جي غير قانوني ڪاروبار ۾ ملوث عنصرن خلاف /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر13

ڪراچي: بلديه ٽائون سيڪٽر 4 ايف تي زير تعمير گهر جي پٽ ڪرڻ بعد ملبو پيل آهي

عالمي مارڪيٽ ۾ ڪچي تيل جي اگهه ۾ گهٽتائي، سون، چانديءَ ۽ زرعي جنسن جي اگهه ۾ اضافو

اسلام آباد (بيورو) عالمي مارڪيٽ ۾ اربع ڏينهن ڪچي تيل جي اگهه ۾ گهٽتائي رڪارڊ ڪئي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر21

اسحاق ڊار پاران 'فاذ' ميزائل جي ڪامياب تجربي تي مبارڪون

اسلام آباد (بيورو) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار پاڪستان جي پهرين/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر22

سنڌ ۾ ڪمند جي في مڻ قيمت وڌائڻ جو مطالبو، ڪرشنگ شروع نه ڪرڻ تي اسلام آباد مارچ جي ڌمڪي

سنڌ آبادگار اتحاد ۽ هاري اتحاد حڪومت کي ڪمند جي ڪرشنگ شروع ڪرڻ ۽ قيمت مقرر ڪرڻ جي لاءِ 10 ڏينهن جي مهلت ڏئي ڇڏي

مطالبا پورا نه ٿيڻ جي صورت ۾ هارين اسلام آباد طرف مارچ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي. ڪراچي پريس ڪلب ۾ هنگامي پريس ڪانفرنس

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ آبادگار اتحاد ۽ هاري اتحاد ح/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر23

آمريڪي مڊٽرم چونڊن دوران صنف جي بنياد تي ووٽنگ جي رجحان بابت سروي جا انگ اکر

واشنگٽن (بيورو) آمريڪي مڊٽرم چونڊن دوران صنف جي بنياد تي ووٽنگ جي رجحان بابت سرو/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر24

پهريون مسلمان سينيٽر، سوشلسٽ ڊيموڪريٽڪ السيد ڪامياب

ڊيموڪريٽڪ پارٽي جي ڪاهي ڊر لاءِ ملڪ جي اهم ترين سياسي مقابلي وارين رياستن مان هڪ ۾ وڏي اڳڀرائي

مصري والدين جي گهر ۾ جنم وٺندڙ عبدل السيد آمريڪا جو پهريون مسلمان سينيٽر بڻجندو

واشنگٽن(م د) آمريڪا جي رياست مشي گن ۾ سينيٽ جي خالي سيٽ لاءِ سخت مقابلي واري چونڊ مهم ۾ ترقي پسند خيالن جي حامي عبدل السي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر25

صدر ٽرمپ کي بدترين شڪست، ڊيموڪريٽس ٻئي ايوان کٽي ويا، ڪٿي سوڳ ته ڪٿي خوشيون

آمريڪا جي 50 رياستن ۾ 21 ڪروڙ کان مٿي رجسٽرڊ ووٽر آهن جن مان 5 ڪروڙ 80 لک کان مٿي ووٽر پولنگ واري ڏينهن 3 نومبر کان اڳ ۾ ئي ووٽ ڪاسٽ ڪري چڪا هئا

هن چونڊ نتيجن بعد صدر بدستور ڊونلڊ ٽرمپ 2029 تائين برقرار رهندو پر هو پنهنجي ڪنهن به سياسي پاليسي بابت قانون سازي نه ڪري سگهندو

واشنگٽن(م د) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي پارٽي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر26

واشنگٽن: صدر ٽرمپ کي بدترين شڪست، ڊيموڪريٽس ٻئي ايوان کٽي ويا،خوشيون ملهايون پيون وڃن

ايف بي آر سيلز ٽيڪس رولز ۾ وڏيون ترميمون ڪري ڇڏيون

ايئرڪنڊيشنر، فرج، فريزر، واشنگ مشين ۽ ٽيليويزن کي نون ضابطن ۾ شامل ڪيو ويو آهي

ٽيڪس اسٽيمپ ڪانسواءِ درآمدي شين جي ڪسٽم ڪليئرنس نه ٿي سگهندي، ڪليئرنس کان اڳ اسٽيمپ لڳائڻ ۽ فعال ڪرڻ ضروري هوندو

پرچون ۽ آٽو موبائل ڪمپنين کي فراهم ٿيندڙ اسٽوريج بيٽريون پڻ نون ضابطن ۾ شامل هونديون

ڪراچي(رپورٽر) فيڊرل بورڊ آف ريونيو (ايف بي آر) سيلز ٽيڪس رولز ۾ ترميم ڪندي گهريلو برقي سامان جو دائرو وڌائي ڇڏيو آهي. جنهن تحت نين شين تي ٽيڪس اسٽيمپ لڳائڻ لازمي قرار ڏنو ويو آهي.ايف بي آر طرفان جاري ڪيل /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر28

پاڪستان پاران مقامي سطح تي تيار ڪيل پهرين فضا کان فضا ۾ مار ڪندڙ جديد ميزائل "فاذ" جو ڪامياب تجربو

جديد ترين ٽرمينل گائيڊنس سسٽم سان ليس هي ميزائيل ڊگهي فاصلي تي دشمن جي فضائي هدفن کي نشانو بڻائڻ جي صلاحيت رکي ٿو

"فاذ" پاڪستان ايئرفورس جي آپريشنل لچڪ ۽ صلاحيتن ۾ نمايان اضافو ڪندو جنهن سان ملڪ جي مجموعي دفاعي نظام کي وڌيڪ سگهه ملندي

اها ڪامياب فلائيٽ ٽيسٽ پاڪستان جي دفاعي صنعت جي ٽيڪنيڪي پختگي، جدت طرازي ۽ پاڙيرائپ جو واضح ثبوت آهي

راولپنڊي (بيورو) پاڪستان مقامي سطح تي تيار ڪيل پهرين فضا کان فضا ۾ مار ڪندڙ جديد ميزائيل "فاذ" جي ڪامياب فلائيٽ ٽيسٽ ڪئي آهي جيڪو ڊگهي فاصلي تي دشمن جي فضائي هدفن کي نشانو بڻائڻ جي ڀرپور صلاحي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر29

سنڌ حڪومت مزدورن جي حقن جي بهتري، ڪم جي جڳهن تي تحفظ کي يقيني بڻائڻ لاءِ پرعزم آهي: سعيد غني

محفوظ ۽ صحت بخش ڪم جا ماحول مزدورن جي عزتِ نفس، حقن ۽ ڀلائي لاءِ بنيادي اهميت رکن ٿا

عالمي برانڊز ۽ صنعت سان لاڳاپيل اهم ڌرين جي هن گڏجاڻي ۾ شرڪت سندس لاءِ خوشيءَ جو سبب آهي. هن پاڪستان ايڪارڊ جي ٽيم جا ٿورا مڃيا

ان اداري ڪيس علائقائي برانڊ ميٽنگ ۾ شرڪت جي دعوت ڏني ۽ عالمي سطح جي اهم برانڊز جي نمائندن کي هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪيو

ڪم جي جڳهن تي تحفظ جو معاملو سندس لاءِ ذاتي طور به وڏي اهميت رکي ٿو، ڇاڪاڻ ته هو نه رڳو محنت ۽ انساني وسيلن جو وزير آهي

ڪراچي (رپورٽر)سنڌ جي صوبائي وزير محنت، افرادي قوت ۽ سماجي تحفظ سعيد غني چيو آهي ته سنڌ حڪومت مزدورن جي حقن جي بهتري، ڪم جي جڳهن تي تحفظ کي يقيني بڻائڻ ۽ ڪاروبار جي واڌ ويجهه ٽوڙي سيٽ اپ/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر30

ڪراچي: گورنر سنڌ نهال هاشمي سان ورلڊ آئوٽ آف هوم آرگنائيزيشن جو صدر جو قيادت سميت گروپ فوٽو

سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ شهر جي مختلف علائقن مان گم ٿيندڙ ٻن عورتن جي بازيابي بابت درخواستن جي ٻڌڻي

ڪراچي(رپورٽر)سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ شهر جي مختلف علائقن مان گم ٿيندڙ ٻن عورتن جي بازيا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر31

سنڌ هاءِ ڪورٽ گلشن جمال ۾ پاڻي جي اڻ فراهمي خلاف داخل درخواست تي ٻڌڻي

ڪراچي(رپورٽر)سنڌ هاءِ ڪورٽ گلشن جمال ۾ پاڻي جي اڻ فراهمي خلاف داخل درخواست تي ٻڌڻي ڪندي ڪنٽونمينٽ بورڊ ڪي علائقي ج/ڏسو صفحو 2 بقايا نمب32

فضل الرحمان جا سمورا مبينا اثاثا هڪ هنڌ گڏ ڪري انهن جا نقشا، رجسٽريون، ملڪيت جا ڪاغذ ۽ اصل ماليت عوام آڏو پيش ڪئي وڃي: راشد محمود سومرو

جيڪب آباد(رپورٽر)جمعيت علماءِ اسلام سنڌ جي قائد علامه راشد محمود سومرو، قائد جمعي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر33

اسٽريٽ ڪرائيم ۽ ٻين ڏوهن ۾ گهٽتائي آئي آهي: آزاد خان

ڪراچيءَ ۾ سي سي ٽي وي ڪئميرائن ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي استعمال سبب اسٽريٽ ڪرائيم

ڦر دوران قتل جي واقعن سميت ٻين ڏوهن ۾ گهٽتائي آئي آهي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ هڪ تقريب کي خطاب ڪندي ڪراچي پوليس چيف آزاد خان چيو آهي ته ڪراچيءَ ۾ سي سي ٽي وي ڪئمر/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر34

ڪراچي ۾ پوليس جا 5 مبينا مقابلا، لفٽر مارجي ويو، 11 جوابدار گرفتار

گرفتار ۽ مارجي ويل جوابدارن وٽان هٿيار، گوليون، موبائل فون، روڪ رقم ۽ چوري ٿيل موٽرسائيڪلون هٿ ڪيون ويون

بوٽ بيسن پوليس ڪلفٽن جي آچر بازار ڀرسان مبينا مقابلي ڪانپوءِ هڪ جوابدار منظور احمد کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو

نارٿ ناظم آباد جي ٽنڪي گرائونڊ ڀرسان شارع نورجهان پوليس ٻن زخمين سميت 4 جوابدارن کي گرفتار ڪيو

ڪراچي(رپورٽر) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ پوليس پنج مبينا مقابلن دوران هڪ موٽرسائيڪل لفٽر کي ماري ڇڏيو. جڏهن ته 7 زخمين سميت 11 جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو. پوليس موجب گرفتار ۽ مارجي ويل جوابدارن وٽان /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر35

جمهوري سوچ جي ترجمان
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايگزيڪيوٽو : سيد شفقت حسين شاهه شيرازي
خميس 05 نومبر 2026ع بمطابق 24 جمادي الاول 1448ھ

پ پ ۽ ايم ڪيو ايم کي سياسي ڇڪتاڻ کان پاسو ڪرڻ گهرجي

سنڌ ۾ نون صوبن يا انتظامي يونٽن جي قيام بابت بحث ڪو نئون نه آهي، پر جڏهن به اهو معاملو سياسي بيانن، جوابي بيانن ۽ هڪ ٻئي خلاف الزام تراشيءَ جي صورت اختيار ڪري ٿو ته ان جا اثر رڳو سياسي جماعتن تائين محدود نٿا رهن، پر سڄي صوبي جي سياسي، سماجي ۽ جمهوري ماحول تي پون ٿا. سنڌ اسيمبليءَ ۾ صوبن جي ورهاست ۽ نون صوبن جي قيام خلاف منظور ڪيل قرارداد کان پوءِ به جيڪڏهن سياسي جماعتون هڪ ٻئي سان ڇڪتاڻ واري روش اختيار ڪنديون ته ان سان مسئلي جو ڪو مثبت حل نڪرڻ بدران اختلافن ۾ وڌيڪ اضافو ٿيندو. جمهوري معاشري ۾ سياسي اختلافن جو هجڻ ڪا غيرمعمولي ڳالهه ناهي، پر انهن اختلافن کي ڪهڙي انداز سان پيش ڪيو وڃي ٿو، اهو ئي سياسي بلوغت، جمهوري رواداري ۽ ذميواريءَ جو اصل امتحان هوندو آهي.

سنڌ اسيمبلي هڪ آئيني ۽ جمهوري ادارو آهي، جنهن ۾ چونڊيل نمائندا عوام جي ووٽن ذريعي پهچن ٿا. تنهن ڪري اسيمبليءَ جي ڪنهن قرارداد سان اختلاف رکڻ يا ان بابت پنهنجو موقف پيش ڪرڻ هر سياسي جماعت جو جمهوري حق آهي، پر ساڳئي وقت اسيمبليءَ جي آئيني حيثيت، ان جي ڪارروائي ۽ جمهوري عمل جو احترام ڪرڻ به سياسي جماعتن جي ذميواري آهي. ايم ڪيو ايم کي گهرجي ته اها سنڌ اسيمبليءَ جي قرارداد کي جمهوري عمل جي نتيجي طور ڏسي ۽ ان بابت پنهنجو موقف آئيني، قانوني ۽ پارلياماني فورمن تي پيش ڪري. قرارداد جي حوالي سان اهڙو ڪو به ردعمل نه اچڻ گهرجي، جيڪو سياسي ماحول ۾ غيرضروري ڇڪتاڻ پيدا ڪري يا عوام ۾ هڪ ٻئي بابت بدگمانيون وڌائي.

پر هن معاملي جو ٻيو پاسو به اوترو ئي اهم آهي، جنهن کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. جيڪڏهن ايم ڪيو ايم کي قرارداد جي احترام ۽ سياسي رواداريءَ جي تاڪيد ڪجي ٿي ته پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي اڳواڻن، خاص طور تي سنڌ حڪومت جي وزيرن کي به پنهنجي بيانن ۾ احتياط ۽ ذميواريءَ جو مظاهرو ڪرڻ گهرجي. حڪومت ۾ ويٺل جماعت جي حيثيت سان پيپلز پارٽيءَ تي وڌيڪ ذميواري لاڳو ٿئي ٿي ته اها سياسي اختلافن کي وڌائڻ بدران انهن کي گهٽائڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪري. ايم ڪيو ايم جي ڪنهن بيان يا مطالبي سان اختلاف ڪرڻ پيپلز پارٽيءَ جو حق آهي، پر ان اختلاف کي اهڙي انداز ۾ بيان ڪرڻ، جنهن سان مخالف ڌر جي قيادت ۽ ڪارڪنن ۾ ڪاوڙ پيدا ٿئي، سياسي مسئلي کي ذاتي ۽ جماعتن جي دشمنيءَ ۾ تبديل ڪري سو مناسب ناهي.

تازو صوبن ۽ انتظامي يونٽن بابت بحث دوران ٻنهي جماعتن جي اڳواڻن طرفان اهڙا بيان سامهون آيا آهن، جن سياسي ماحول کي وڌيڪ گرم ڪيو آهي. سنڌ اسيمبليءَ جي قرارداد کان پوءِ ايم ڪيو ايم جي موقف تي پيپلز پارٽيءَ جي ڪجهه اڳواڻن جا سخت تبصرا ۽ انهن جي جواب ۾ ايم ڪيو ايم جي اڳواڻن جا ردعمل ڪنهن به صورت ۾ سياسي مفاهمت ۽ جمهوري رواداريءَ جي گهرجن سان ٺهڪندڙ ناهن. سينيئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ پاران ايم ڪيو ايم جي انتظامي يونٽن واري مطالبي کي ٻاراڻو قرار ڏيڻ واري بيان کان پوءِ به سياسي بحث جو مرڪز اصل مسئلن بدران هڪ ٻئي تي تنقيد بڻجڻ جو خدشو پيدا ٿيو آهي. سياسي جماعتن کي اهو سمجهڻ گهرجي ته ڪنهن مخالف جماعت جي موقف کي رد ڪرڻ لاءِ ان جي اڳواڻن جي تذليل يا توهين آميز لفظن جي ضرورت ناهي. دليل جو جواب دليل سان ڏيڻ ئي جمهوري سياست جو بنيادي اصول آهي.

حڪومت ۾ شامل جماعت ۽ مخالف ڌر جي جماعت جي ذميوارين ۾ فرق ضرور هوندو آهي. مخالف ڌر حڪومت جي پاليسين تي تنقيد ڪندي آهي، مطالبا پيش ڪندي آهي ۽ احتجاج ڪندي آهي. جڏهن ته حڪومت کي نه رڳو پنهنجو موقف پيش ڪرڻو هوندو آهي، پر مخالف ڌر کي ٻڌڻ، ان جي خدشن کي سمجهڻ ۽ مسئلن جي حل لاءِ رستو به پيدا ڪرڻو هوندو آهي. ان ڪري پيپلز پارٽيءَ کي اهو احساس رکڻ گهرجي ته ايم ڪيو ايم سان سياسي ڇڪتاڻ جو نقصان ايم ڪيو ايم کان وڌيڪ حڪومت کي ئي ٿيندو.

سنڌ اسيمبليءَ ۾ 3 سيپٽمبر 2026ع تي نون صوبن ۽ سنڌ جي جاگرافيائي حدن ۾ تبديليءَ بابت قرارداد منظور ٿي. قرارداد ۾ سنڌ جي وحدت ۽ علائقائي سالميت جي تحفظ سان گڏ اهو به واضح ڪيو ويو ته وفاقي ڍانچي ۾ ڪنهن به تبديليءَ بابت بحث آئين، جمهوري رضامندي ۽ لاڳاپيل ماڻهن جي راءِ جي دائري اندر ٿيڻ گهرجي. ان اجلاس ۾ ايم ڪيو ايم ۽ جماعت اسلاميءَ جا ميمبر واڪ آئوٽ ڪري ويا هئا، ڇاڪاڻ ته سندن تجويز ڪيل انتظامي يونٽن بابت نقطا قرارداد ۾ شامل نه ڪيا ويا هئا. ايم ڪيو ايم جو موقف هو ته موجوده ڊويزنن کي وڌيڪ انتظامي، مالي ۽ سياسي اختيار ڏيڻ بابت به ڳالهه ٿيڻ گهرجي.

ان پسمنظر ۾ ضروري آهي ته سياسي جماعتون هڪ ٻئي جي موقف کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪن. سنڌ جي جاگرافيائي وحدت بابت پيپلز پارٽي ۽ ٻين جماعتن جا خدشا پنهنجي جاءِ تي آهن، جڏهن ته ڪراچي ۽ ٻين وڏن شهرن جي انتظامي مسئلن، وسيلن جي ورڇ، بلدياتي اختيارن ۽ عوامي سهولتن بابت ايم ڪيو ايم جا سوال به سياسي بحث جو حصو آهن. انهن سوالن کي هڪ ٻئي جي خلاف نفرت يا دشمنيءَ جو سبب بڻائڻ بدران جمهوري ادارن اندر بحث هيٺ آڻڻ گهرجي.

حقيقت اها به آهي ته سنڌ ۾ سياسي ڇڪتاڻ جو هڪ وڏو سبب مقامي حڪومتن جي ڪمزور حيثيت، اختيارن ۽ وسيلن جي اڻپوري ورڇ ۽ انتظامي معاملن ۾ عوام جي محدود شرڪت به آهي. جيڪڏهن صوبائي حڪومت مقامي ۽ ضلعي نظام کي واقعي بااختيار بڻائي، ڪراچي سميت سمورن ڊويزنن ۽ ضلعن کي سندن ضرورتن مطابق مالي ۽ انتظامي اختيار ڏئي ۽ عوامي مسئلن جي حل لاءِ مؤثر مڪاني ادارا قائم ڪري ته ڪيترائي سياسي اعتراض عملي بحث ذريعي حل ٿي سگهن ٿا. اختيارن جي هيٺين سطح تائين منتقليءَ سان نه رڳو حڪمراني بهتر ٿيندي، پر مختلف علائقن جي عوام کي اهو احساس به ٿيندو ته سندن مسئلن کي ٻڌو ۽ حل ڪيو پيو وڃي.

ڇا آمريڪا جون مڊٽرم چونڊون ٽرمپ جا پَر ڪٽينديون؟

وسعت الله خان

آمريڪي ڪانگريس جون هر ٻن سالن ڪانپوءِ ٿيندڙ وچ مدي واريون چونڊون اڳ ڪڏهن به ڪا وڏي عالمي خبر نه رهيون آهن. پر صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي صدارت جي ٻئي دور ۾، خاص طور تي سندس پاليسين سبب عالمي نظام اندر جيڪا اٿل پٿل پيدا ٿي آهي، تنهن ڪري ڪالهه (3 نومبر) تي ٿيل مڊٽرم چونڊن تي باقي دنيا به وڏي دلچسپيءَ سان نظر رکي رهي آهي. وڏين مصنوعي ذهانت (اي آءِ) ڪمپنين ۽ آمريڪا_اسرائيل پبلڪ افيئرز ڪميٽي (ايپيڪ) سميت مختلف شعبن جون لابيون هن وقت تائين پنهنجن پسنديده اميدوارن جي چونڊ مهم تي ساڍا ٻارهن ارب ڊالر خرچ ڪري چڪيون آهن. اهو خرچ گذريل صدارتي چونڊ مهم جي خرچن کان به وڌيڪ آهي. مطلب ته ٿيندڙ مڊٽرم چونڊون آمريڪي ڪانگريس جي تاريخ جون سڀ کان مهانگيون چونڊون آهن.

هن وقت ڪانگريس جا ٻئي ايوان، يعني ايوان نمائندگان ۽ سينيٽ، حڪمران ريپبلڪن پارٽيءَ جي ڪنٽرول ۾ آهن. تنهن ڪري پنهنجي مرضيءَ جي قانونسازي ۽ بجيٽ جي منظوريءَ ۾ وائيٽ هائوس کي ڪا ڏکيائي پيش نه اچي رهي آهي. جيڪڏهن انهن مان ڪو هڪ ايوان به مخالف ڌر جي ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ جي ڪنٽرول ۾ اچي وڃي ٿو ته موجوده صدارتي پاليسين تي ڪنهن حد تائين ضابطو آڻي سگهجي ٿو. يعني اهي مڊٽرم چونڊون صدارتي پاليسين بابت عوامي راءِ شماريءَ جي حيثيت رکن ٿيون. مقابلو ايترو ته سخت آهي جو جيڪڏهن ڊيموڪريٽس کي ايوان نمائندگان ۾ وڌيڪ ٽي ۽ سينيٽ ۾ چار اضافي سيٽون ملي وڃن ته ڪانگريس جو ڪنٽرول سندن هٿن ۾ اچي سگهي ٿو. پر جيڪڏهن سينيٽ ۾ ٻنهي پارٽين جون سيٽون برابر ٿي وڃن ته به ڪنٽرول ريپبلڪنز وٽ ئي رهندو، ڇاڪاڻ ته نائب صدر جي ڊي وينس سينيٽ جو چيئرمين آهي ۽ ووٽن جي برابريءَ جي صورت ۾ فيصلائتو ووٽ ڏئي سگهي ٿو. آمريڪي ايوان نمائندگان جون 435 ۽ سينيٽ جون 100 سيٽون آهن. سينيٽرن جو مدو ڇهه سال ۽ ايوان نمائندگان جي ميمبرن جو مدو ٻه سال هوندو آهي. اڄ 21 ڪروڙ ووٽر ايوان نمائندگان جي سمورين ۽ سينيٽ جي هڪ ٽئين حصي، يعني 33 ۽ ٻن اضافي سيٽن سميت ڪل 35 سيٽن لاءِ ووٽ وجهندا. ايوان نمائندگان جون سيٽون هر رياست جي آباديءَ جي تناسب سان ورهايل آهن، جڏهن ته سينيٽ ۾ هر رياست مان رڳو ٻه سينيٽر چونڊيا ويندا آهن. ايوان نمائندگان ۾ سڀ کان وڌيڪ سيٽون ڪيليفورنيا رياست جون آهن، جن جو انگ 52 آهي. جڏهن ته آباديءَ جي لحاظ کان وائيومنگ ۽ ورمونٽ رياستن جي حصي ۾ رڳو هڪ هڪ سيٽ اچي ٿي. ايوان نمائندگان ۾ اڪثريت حاصل ڪرڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ 218 سيٽون گهربل آهن. جيڪي هن وقت ريپبلڪنز وٽ آهن، جڏهن ته ڊيموڪريٽس وٽ 214 سيٽون آهن. هڪ آزاد ميمبر آهي ۽ ٻه سيٽون خالي آهن. ڪانگريس جي ٻنهي ايوانن جا اڄ چونڊجندڙ ميمبر 3 جنوري تي حلف کڻندا. چيو پيو وڃي ته ايوان نمائندگان جي 35 سيٽن تي سخت مقابلو آهي. انهن مان 12 سيٽن تي ڪنهن به اميدوار جي ڪاميابيءَ جو امڪان آهي ۽ اهي ئي سيٽون فيصلو ڪنديون ته نئين ايوان جو ڪنٽرول ڪهڙي پارٽيءَ وٽ هوندو. موجوده سينيٽ ۾ 53 سيٽون ريپبلڪنز، 45 ڊيموڪريٽس ۽ ٻه سندن حمايتي آزاد سينيٽرن وٽ آهن. اڄ سينيٽ جي جن 35 سيٽن تي چونڊون ٿي رهيون آهن، تن مان 22 ريپبلڪنز ۽ 13 ڊيموڪريٽس جي خالي ڪيل آهن. سينيٽ ۾ 51 سيٽون حاصل ڪرڻ لاءِ ڊيموڪريٽس کي نه رڳو پنهنجون خالي ٿيل 13 سيٽون برقرار رکڻيون پونديون، پر ريپبلڪنز جون چار سيٽون به کٽڻيون پونديون. ٻڌايو پيو وڃي ته 35 مان 11 سينيٽ سيٽن تي سخت مقابلو آهي.

اڄ ئي 36 رياستن ۾ نون گورنرن، رياستي اسيمبلين ۽ مڪاني ادارن جي قيادت جي چونڊ لاءِ به ووٽنگ ٿي رهي آهي. مطلب ته هر ووٽر کي ڪيترائي ووٽ ڏيڻا پوندا. جيتوڻيڪ روايتي طور باقي دنيا آمريڪي صدارتي چونڊن ۾ وڌيڪ دلچسپي وٺندي آهي، پر هڪ عام آمريڪي ووٽر لاءِ مڪاني ادارن جون چونڊون وڌيڪ اهميت رکن ٿيون. آمريڪي ووٽرن بابت مشهور آهي ته کين پرڏيهي پاليسي يا جنگي معاملن کان وڌيڪ ان ڳالهه جي ڳڻتي هوندي آهي ته ووٽ وجهڻ واري ڏينهن سندن روزمره جي خرچن سبب کيسي تي ڪيترو بار پئجي رهيو آهي. تنهن ڪري اڄ هڪ عام ووٽر جي ذهن ۾ هڪ سال اڳ جي ڀيٽ ۾ پيٽرول جا ٻيڻا اگهه، گهرن جي وڌندڙ قيمتن، روزمره جي استعمال وارين شين جي مهانگائي ۽ علاج معالجي جي وڌندڙ خرچن جا سوال گردش ڪري رهيا آهن. انهن معاملن ڪانپوءِ ووٽرن جي ترجيحن ۾ جمهوري قدرن جو زوال، پرڏيهين ۽ مهاجرن جو مسئلو ۽ ان ڪانپوءِ آمريڪا جون ٻاهرين جنگيون شامل آهن. ان سان گڏ ڪيترين ئي رياستن ۾ تيزيءَ سان قائم ٿيندڙ مصنوعي ذهانت جي ڊيٽا سينٽرن سبب پاڻيءَ جي وڌندڙ بحران جهڙا مسئلا به ووٽرن لاءِ پريشانيءَ جو سبب بڻيل آهن. ووٽنگ کان هڪ هفتو اڳ ڪرايل عوامي راءِ جي جائزي موجب صدر ٽرمپ جي داخلي پاليسين کي رڳو 31 سيڪڙو ووٽر پسند ڪن ٿا. 44 سيڪڙو ووٽر ڊيموڪريٽس، 36 سيڪڙو ريپبلڪنز ۽ پنج سيڪڙو ٻين اميدوارن جا حامي آهن. جڏهن ته 15 سيڪڙو ووٽر آخري وقت تي فيصلو ڪندا ته ڪنهن کي ووٽ ڏيڻو آهي. عورت ووٽرن مان 45 سيڪڙو ڊيموڪريٽس جون حامي آهن. ڪاري نسل جي 70 سيڪڙو ۽ 18 کان 30 سالن جي عمر وارن 51 سيڪڙو ووٽرن جو لاڙو به عام طور ڊيموڪريٽس ڏانهن آهي. گذريل 80 سالن جي چونڊن جو سراسري جائزو وٺجي ته 58 سيڪڙو آمريڪي ووٽر صدارتي چونڊن ۾، جڏهن ته 42 سيڪڙو مڊٽرم چونڊن ۾ ووٽ ڏيندا رهيا آهن. جيڪڏهن ڪانگريس جا ٻئي ايوان ريپبلڪنز جي هٿن مان نڪري وڃن ٿا ته نه رڳو وفاقي خرچن تي ڊيموڪريٽس جو مڪمل ڪنٽرول ٿي ويندو، پر ڪانگريس چاهي ته صدر خلاف مواخذي جي ڪارروائي به شروع ڪري سگهي ٿي. ريپبلڪنز کي اڄوڪين چونڊن جي نتيجن ۽ انهن جي اثرن جو اندازو آهي، پر ڊونلڊ ٽرمپ پنهنجي ئي مستيءَ ۾ مگن آهي، ڇاڪاڻ ته هي سندس صدارت جو ٻيو ۽ آخري دور آهي. هن کي وري ٽيون ڀيرو صدر ته ٿيڻو ناهي. تنهن ڪري هو آخري وقت تائين پنهنجي مرضي هلائڻ جي ڪوشش ڪندو، ڀلي ان جا نتيجا سندس پنهنجي پارٽيءَ لاءِ ڪيترا به نقصانڪار ڇو نه هجن. نئين ڪانگريس جي ميمبرن جي حلف برداريءَ تائين ٽرمپ وٽ اڃا ايران سان معاملو ڪرڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ ٻه مهينا موجود آهن. جيڪڏهن اڄوڪين چونڊن ۾ ريپبلڪنز ڪانگريس تي پنهنجو ڪنٽرول برقرار رکڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃن ٿا ته باقي دنيا کي 20 جنوري 2029ع تائين پنهنجا سيٽ بيلٽ ٻڌي رکڻا پوندا، ڇاڪاڻ ته ايندڙ ٻن سالن دوران عالمي سياست جي اڻبرابري ۽ غيريقينيءَ واري ماحول ۾ مسلسل سفر ڪرڻو پوندو.

ذهني بيمارين ڏانهن سنجيدگي اختيار ڪرڻ جي ضرورت

ذلفي چاچڙ

هڪ لطيفو مشهور آهي ته هڪ زال پنهنجي مڙس کان پڇيو ته جيڪڏهن مان مري وڃان ته پوءِ تنهنجو ڇا ٿيندو؟ مڙس وراڻيو ته پوءِ مان صدمي ۾ چريو ٿي ويندس. زال وري پڇيس ته منهنجو مطلب آهي ته ڇا تون منهنجي مرڻ ڪانپوءِ ٻي شادي ڪندين؟ مڙس جواب ڏنو ته چريو ڪجهه به ڪري سگهي ٿو! واقعي چريو ڪجهه به ڪري سگهي ٿو. جيڪڏهن ڪنهن معاشري ۾ ذهني دٻاءَ، مايوسي، ڊپريشن ۽ ٻين نفسياتي مسئلن جو شڪار ماڻهن جو انگ وڌندو وڃي ته پوءِ ان کي رڳو لطيفو سمجهي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. ڇو ته جڏهن ماڻهوءَ جي ذهن تي بار وڌي وڃي، اميدون ختم ٿيڻ لڳن ۽ زندگيءَ جا مسئلا سندس برداشت کان ٻاهر ٿي وڃن ته ان جا اثر ڪڏهن ڪڏهن حڪومت لاءِ به مسئلا پيدا ڪري سگهن ٿا.

پاڪستان ۾ عام ماڻهوءَ جي زندگي اڳ ئي ڪيترن ئي مسئلن جي گهيري ۾ آهي. مهانگائي، بيروزگاري، غربت، قرضن، معاشي بي يقيني، سياسي ڇڪتاڻ، سماجي ناانصافي ۽ روزمره جي ضرورتن جي پورائيءَ لاءِ ٿيندڙ جدوجهد ماڻهن جي ذهني سڪون کي سخت متاثر ڪري رهي آهي. هڪ پاسي آمدني محدود آهي ته ٻئي پاسي خرچن ۾ مسلسل اضافو ٿي رهيو آهي. نوجوانن وٽ تعليم آهي پر روزگار ناهي، پورهيت وٽ پورهيو آهي پر ان جي اجرت گهر جو گاڏو هلائڻ لاءِ ڪافي ناهي، جڏهن ته وچولي طبقي جو ماڻهو به پنهنجي معاشي حيثيت برقرار رکڻ لاءِ پريشان آهي. اهڙي صورتحال ۾ ماڻهو جسماني بيمارين سان گڏ ذهني مسئلن جو به شڪار ٿي رهيا آهن.

اسان جي معاشري ۾ ذهني بيمارين کي اڃا تائين سنجيدگيءَ سان قبول ڪرڻ بدران اڪثر مذاق، شرمندگي يا بدناميءَ جو سبب بڻايو وڃي ٿو. جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڊپريشن، بي خوابي، شديد پريشاني يا نفسياتي دٻاءَ جو شڪار هجي ته سندس تڪليف کي سمجهڻ بدران کيس ڪمزور دل، بيوقوف يا چريو قرار ڏنو وڃي ٿو. ڪيترائي ماڻهو پنهنجي ذهني ڪيفيت بابت گهرڀاتين سان ڳالهائڻ کان به لنوائين ٿا، ڇاڪاڻ ته کين ڊپ هوندو آهي ته معاشرو سندن باري ۾ ڪهڙي راءِ قائم ڪندو. نتيجي ۾ اهڙا ماڻهو علاج ۽ مدد حاصل ڪرڻ بدران خاموشيءَ سان پنهنجي تڪليف برداشت ڪندا رهن ٿا.

ماڻهو ذهني مريض ڇو ٿو بڻجي؟ ڇا ان جو سبب رڳو ذاتي مسئلا آهن يا معاشري جو مجموعي ماحول به ان ۾ حصيدار آهي؟ حقيقت اها آهي ته ذهني صحت تي معاشي، سماجي، خانداني ۽ ماحولياتي حالتن جا گهرا اثر پون ٿا. جڏهن ڪنهن گهر ۾ ٻن ويلن جي ماني جو بندوبست ڏکيو ٿي وڃي، ٻارن جي تعليم جا خرچ پورا نه ٿين، علاج لاءِ پئسا نه هجن، نوجوانن کي مستقبل اونداهو نظر اچي ۽ ماڻهوءَ کي پنهنجي مسئلن جي حل لاءِ ڪنهن اداري کان مدد نه ملي ته اهڙيون حالتون ذهني دٻاءَ کي وڌائي سگهن ٿيون.

اسان وٽ سرڪاري اسپتالن ۾ جسماني بيمارين جي علاج جون سهولتون ئي محدود آهن، جڏهن ته ذهني صحت بابت سهولتن جي صورتحال وڌيڪ ڳڻتيءَ جوڳي آهي. نفسياتي ماهرن، ڪائونسلنگ سينٽرن ۽ علاج جي مناسب سهولتن جي کوٽ سبب عام ماڻهوءَ لاءِ ذهني بيماريءَ جو علاج حاصل ڪرڻ به آسان ناهي. وڏن شهرن کان ٻاهر رهندڙ ماڻهن لاءِ ته نفسياتي ماهر تائين پهچڻ به هڪ وڏو مسئلو آهي. حڪومت صحت جي شعبي ۾ وڏين رٿائن ۽ بجيٽن جا اعلان ته ڪندي رهي ٿي، پر ذهني صحت کي اڃا تائين اها اهميت نه ملي سگهي آهي، جيڪا ملڻ گهرجي.

هتي هڪ ٻيو اهم پهلو به نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. ذهني بيماريءَ جو شڪار هر ماڻهو خطرناڪ يا ٻين لاءِ نقصانڪار ناهي هوندو. ذهني بيماري ۽ تشدد کي هڪجهڙو سمجهڻ به غلط آهي. ڪيترائي ماڻهو سالن تائين ڊپريشن، پريشاني ۽ ٻين نفسياتي مسئلن سان زندگي گذاريندا آهن، پر ڪنهن لاءِ خطرو ناهن بڻجندا. تنهنڪري ذهني صحت جي مسئلن کي ڏوهاري ذهنيت سان ڳنڍڻ بدران علاج، همدردي ۽ مناسب مدد جي ضرورت آهي.

البت معاشري ۾ وڌندڙ مايوسي، بي چيني، ڪاوڙ ۽ عدم برداشت کي به معمولي ڳالهه سمجهي نظرانداز ڪرڻ مناسب ناهي. جڏهن ماڻهوءَ کي انصاف نه ملي، سندس حق کسجي وڃن، روزگار جا دروازا بند هجن ۽ هر طرف نااميديءَ جو ماحول هجي ته سماجي روين ۾ تلخي پيدا ٿيڻ فطري ڳالهه آهي. اهڙي ماحول ۾ ڪنهن به ماڻهوءَ جي ذهني حالت متاثر ٿي سگهي ٿي. اهو ضروري ناهي ته ذهني دٻاءَ جو شڪار ٿيڻ لاءِ ڪنهن خاص طبقي، عمر يا پيشي سان تعلق هجي. امير هجي يا غريب، آفيسر هجي يا پورهيت، سياستدان هجي يا عام شهري، ذهني مسئلا ڪنهن کي به پيش اچي سگهن ٿا.

حڪومت کي اهو سمجهڻ گهرجي ته ذهني صحت رڳو صحت کاتي جو معاملو ناهي، پر ان جو تعلق معاشي پاليسين، روزگار، تعليم، انصاف ۽ سماجي تحفظ سان پڻ آهي. جيڪڏهن ماڻهن کي بنيادي سهولتون، روزگار جا موقعا، انصاف ۽ محفوظ زندگيءَ جو ماحول فراهم نه ڪيو ويندو ته ذهني دٻاءَ جا سبب ختم نه ٿيندا. ان سان گڏ سرڪاري اسپتالن ۾ نفسياتي علاج جا شعبا فعال ڪرڻ، ضلعي سطح تي ذهني صحت جا مرڪز قائم ڪرڻ، اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ نفسياتي صلاح مشوري جون سهولتون فراهم ڪرڻ ۽ عوام ۾ ذهني بيمارين بابت شعور پيدا ڪرڻ به وقت جي اهم ضرورت آهي.

اسان جي سماج ۾ هڪ عجيب تضاد آهي. ماڻهو جسماني بيماريءَ جي صورت ۾ ڊاڪٽر وٽ وڃڻ کي عيب نٿا سمجهن، پر ذهني تڪليف جي صورت ۾ علاج ڪرائڻ کان لنوائين ٿا. جڏهن ته ذهن به انساني جسم جو اهم حصو آهي ۽ ان جي بيماريءَ جو علاج به ايترو ئي ضروري آهي، جيترو ڪنهن ٻي جسماني بيماريءَ جو. خاندانن کي به گهرجي ته ذهني دٻاءَ ۾ ورتل ماڻهن کي طعنا ڏيڻ بدران سندن ڳالهه ٻڌن ۽ کين مناسب علاج لاءِ آماده ڪن.

هاڻي وري ان لطيفي ڏانهن موٽون ٿا، جنهن ۾ مڙس پنهنجي زال کي چوي ٿو ته چريو ڪجهه به ڪري سگهي ٿو. ڳالهه کل جهڙي ضرور آهي، پر ان ۾ هڪ سوال به لڪل آهي ته جيڪڏهن ملڪ ۾ ذهني مسئلن جو شڪار ماڻهن جو انگ وڌندو رهيو ۽ حڪومت سندن علاج، بحالي ۽ سماجي تحفظ لاءِ اثرائتا قدم نه کنيا ته ان جا نتيجا ڪيترا ڏکيا ٿي سگهن ٿا؟ آخر حڪومت ڪيتري دير تائين ماڻهن جي ذهني تڪليفن کي نظرانداز ڪندي رهندي؟ حڪومت جو ڪم رڳو قانون ٺاهڻ ۽ ماڻهن کان قانون تي عمل ڪرائڻ ناهي، پر اهڙو ماحول پيدا ڪرڻ به آهي، جتي ماڻهو عزت، سڪون ۽ اميد سان زندگي گذاري سگهن. ڇو ته مايوس ماڻهوءَ کي اميد، پريشان ماڻهوءَ کي سهارو ۽ بيمار ماڻهوءَ کي علاج فراهم ڪرڻ حڪومت جي ذميوارين ۾ شامل آهي.

سو حڪومت کي وقت سر خبردار ٿيڻ گهرجي، ڇو ته ذهني صحت جو بحران ڪنهن هڪ گهر، هڪ شهر يا هڪ طبقي تائين محدود نٿو رهي. ۽ ها، ان لطيفي جي آخري جملي کي به ياد رکڻ گهرجي ته چريو ڪجهه به ڪري سگهي ٿو پر عقل وارن کي گهرجي ته ماڻهن کي چريو ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ وقت سر ڪجهه ڪن!

بقايا * 01**

۾ تي چڪو آهي جنهن ڪروڙين، اربين ڪمايا هوندا. انهي جي امپورٽ جو انتظام مڪمل هڪ جهڙائي ۽ شفافيت سان گڏ ڪيو ويو آهي. انهي موقعي تي هن پيٽروليم واري وزير علي پرويز کي نئين نظام تي بريف ڪرڻ جو چيو جنهن اجلاس کي ٻڌايو ته روزاني 7 هزار ٽن ايل پي جي جي ضرورت هوندي آهي جنهن مان 25 سئو مقامي طور تي پيدا ٿيندي آهي هن جو وڌيڪ چوڻ هو ته هاڻ پاڪستان اسٽيٽ آئل (پي ايس او)، سوئي سدرن جي سبسڊيري، پاڪستان ايل اين جي لميٽيڊ ۽ پارڪو پرل گيس سميت سرڪاري ادارا به ايل پي جي درآمد ڪندا ۽ نندي لائسن ۽ اوپن آڪشن جي ذريعي وڪرو ڪئي ويندي جنهن جو منافعو ناڻي ۾ اچڻ کان پوءِ عوام کي رليف فراهم ڪيو ويندو، شهباز شريف جو وڌيڪ چوڻ هو ته ملڪ ۾ فيول سبسڊي پروگرام انتهائي ڪاميابي ۽ شفافيت سان جاري آهي جنهن سان هينئر تائين ڏيڍ ڪروڙ ماڻهو فائدو حاصل ڪري چڪا آهن انهي مد ۾ 28 ارب روپيه خرچ ڪيا ويا آهن انهي دوران هن فيول تي ڏنل رعايت جي خاتمي جو اشارو ڏيندي چيو ته اهو سبسڊي پروگرام ڊسمبر جي آخر تائين جاري رهندو هن انٽيليجنس بيورو (آئي بي) جي رپورٽ تي عمل ڪندي سبسڊي پروگرام ۾ هيٺ مٿانهين ڪندڙ پيٽرول پمپس جي خلاف سخت ڪارروائي، انهن کي بند ڪرڻ ۽ ڳرا ڏنڊ لاڳو ڪرڻ جي هدايت ڪئي. هن چيو ته مان پيٽروليم واري وزير کي چوندس ته اهڙن پيٽرول پمپس کي نه صرف بند ڪريو پر انهن تي ڳرا ڏنڊ لاڳو ڪريو ته جيئن اهي اهڙي حرڪت ٻيهر نه ڪن. امن امان تي ڳالهيون ڪندي هن خيبرپختونخواهه جي لاءِ 160 ارب روپين جي ترقياتي ۽ سيڪيورٽي پيڪيج جي منظوري جو ذڪر ڪيو ۽ انهي ارادي جو اظهار ڪيو ته هٿياربند فوج، قانون لاڳو ڪندڙ ادارن ۽ وفاقي، صوبائي حڪومتن جي وچ ۾ تعاون سان دهشتگردي کي ڇيپائتو ويندو 2018 ۾ هڪ وقت اهڙو به آيو هو جڏهن انهي ناسور کي مڪمل طور تي ختم ڪيو ويو هو. بدقسمتي سان انهي ٻيهر ڪر کنيو پر هاڻ انشاالله انهي جو مڪمل خاتمو ٿيندو. آخر ۾ وزيراعظم ناڻي واري وزير محمد اورنگزيب کي گروپ آف 24 جي چيئرمين شپ ملڻ تي ڪابينه جي طرفان مبارڪباد ڏني ۽ انهي ڳالهه تي اطمينان جو اظهار ڪيو ته اها ذميواري لائق هٿن ۾ آهي. انهي کان علاوه هن پاڪستان طرفان ايئر ڊفينس ميزائل جي ڪامياب تجربي تي پوري قوم کي مبارڪباد ڏيندي انهي جو ڪريڊٽ فيلڊ مارشل سيد عاصم منير، انهي جي ٽيم ۽ لاڳاپيل ادارن کي ڏنو.

بقايا * 02**

ڪري ورتو آهي وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ قومي ۽ اندروني سلامتيءَ بابت اجلاس ٿيو، جنهن ۾ خيبر پختونخوا جي گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي مختلف شعبن ۽ هينئر تائين کنيل قدمن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني اجلاس ۾ خيبر پختونخوا جي 12 ضلعن ۾ امن امان جي صورتحال جو جائزو ورتو ويو، ذريعن موجب اي آر ڊي سي جي هينئر تائين ڪارڪردگي پڻ غور هيٺ آئي. وزيراعظم وفاقي، صوبائي ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن وچ ۾ رابطن ۽ سهڪار کي بهتر بڻائڻ جي هدايت ڪئي. اجلاس ۾ وفاق پاران خيبر پختونخوا لاءِ 160 ارب رپين جي پيڪيج تي عملدرآمد جو پڻ جائزو ورتو ويو.

بقايا * 03**

ايس پي جي ڊيٽا جي بنياد تي ايل پي جي تي رليف فراهم ڪيو ويندو. هڪ بيان ۾ علي پرويز ملڪ چيو ته عالمي مارڪيٽ جي حساب سان ايل پي جي جي قيمت 450 رپيا في ڪلو ٿيڻ گهرجي، پر ڪجهه عنصرن ايل پي جي تي ناجائز منافعو ڪمايو آهي. حڪومت عوام کي سستي ايل پي جي فراهم ڪندي. هن وڌيڪ چيو ته ايل پي جي درآمد کي مقابلي جي بنياد تي کولي رهيا آهيون. جڏهن ته سمورين ڪمپنين پنهنجي ويب سائيٽن تي ايل پي جي جا اگهه ظاهر ڪنديون. مقامي ايل پي جي جي فراهمي نيلامي ذريعي ڪئي ويندي. پيٽروليم واري وزير جو چوڻ هو ته حڪومت جي ڪوشش آهي ته ڊسمبر ۽ جنوري ۾ ملڪ اندر گئس جي فراهمي برقرار رکي وڃي، ٻئي پاسي سڌ سماءَ واري وفاقي وزير عطا تارڙ چيو ته وزيراعظم جي هدايت آهي ته عوام تي بار نه وڌو وڃي، ان ڪري عوام تي بار گهٽائڻ لاءِ قدم کنيا پيا وڃن. هن ٻڌايو ته ايل پي جي بابت فيصلن جي وفاقي ڪابينا منظوري ڏئي ڇڏي آهي.

بقايا * 04**

ت جي ٻڌڻي تي عدالت درخواستگذار جي نالي تي داخل ڪيسن جو رڪارڊ طلب ڪندي ٻڌڻي 15 ڊسمبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي. ٻڌڻي دوران درخواستگذار جي وڪيل جهانگير شمس ايڊووڪيٽ موقف اختيار ڪيو ته پاڪ ڪالوني پوليس درخواستگذار جو سڃاڻپ ڪارڊ نمبر ان جي هم نام جوابدار جي رڪارڊ سان ڳنڍي ڇڏيو، جنهن سبب 29 ڪيسن جو اندراج درخواستگذار جي سڃاڻپ ڪارڊ نمبر تي ٿي ويو. وڪيل موجب سڃاڻپ ڪارڊ نمبر جي

ڪري ڇڏيو ويو آهي درخواستگذار جي وڪيل وڌيڪ ٻڌايو ته رڪارڊ ۾ غلط اندراج سبب شهري کي هڪ هفتي تائين پوليس حراست ۾ به رکيو ويو پوليس عملدارن کي رڪارڊ جي درستگي لاءِ درخواست ڏيڻ باوجود ڪا ڪارروائي نه ڪئي وئي ته درخواست ۾ استدعا ڪئي وئي ته درخواستگذار جو سڃاڻپ ڪارڊ نمبر مبينه جوابدار جي رڪارڊ کان الڳ ڪيو وڃي. عدالت درخواستگذار جي نالي تي داخل ڪيسن جو رڪارڊ طلب ڪندي وڌيڪ ٻڌڻي 15 ڊسمبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا * 05**

کي اهو سڀ ڪجهه ملي رهيو آهي. جيڪو اسان چاهيون ٿا. ان کان اڳ هڪ آمريڪي ٽي وي کي انٽرويو ڏيندي صدر ڊونلڊ ٽرمپ جبل ڪلنگ تي حملي بابت سوال جي جواب ۾ چيو هو ته اها ڪارروائي هڪ ڪلاڪ اندر ڪري سگهجي ٿي. آمريڪي صدر اهو پڻ چيو ته گذريل رات ايران تي ڪيو ويو حملو هڪ محدود آپريشن هو، جنهن کي وڏي جنگ قرار نٿو ڏئي سگهجي. اسان ايران جي جوهري ٺڪاڻن جي مسلسل نگراني ڪري رهيا آهيون. آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ چيو آهي ته هو انتهاپسند کاٻي ڌر کي آمريڪا تي قبضو ڪرڻ نه ڏيندو، جڏهن ته چونڊن جا نتيجا اميدن کان وڌيڪ بهتر ثابت ٿيندا. ٽرمپ پنهنجي هڪ بيان ۾ چيو ته مشي گن جي عبدالسيد جهڙن اميدوارن کي اسرائيل جو بهانو بڻائي انتظاميا جي ڪارنامن کي وسارڻ جي اجازت نه ڏيندس. واضح رهي ته آمريڪا جي مڊٽرم چونڊن کان هڪ ڏينهن اڳ تائين ٽرمپ جي عوامي مقبوليت 32 سيڪڙو تي برقرار آهي. رائٽرز ۽ ايپسوس جي سروي موجب، ٽرمپ جي عوامي مقبوليت رڪارڊ جي گهٽ ترين سطح جي ويجهو آهي. سروي ۾ 46 سيڪڙو رجسٽرڊ ووٽرن چيو ته اهي ڪانگريس جي چونڊن ۾ ڊيموڪريٽس کي ووٽ ڏيندا، جڏهن ته 38 سيڪڙو ووٽرن ريپبلڪنز جي چونڊ ڪرڻ جو چيو.

بقايا * 06**

يورپ جي بدلجندڙ ماحول تي تفصيلي ۽ تعميري ڳالهه ٻولهه ٿي ۽ دهشتگرد تنظيمن بشمول عالمي دهشتگرد نيٽ ورڪس سان پيدا ٿيندڙ خطرن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. پاڪستاني وفد جي قيادت ڊائريڪٽر جنرل سي ٽي ڊاڪٽر فريحه بگٽي ڪري رهي هئي جڏهن ته برطانوي وفد جي قيادت فارن، ڪامن ويلٿ اينڊ ڊولپمينٽ آفيس ۽ نيشنل اينڊ اڪنامڪ سيڪيورٽي جو ڊائريڪٽر ٿامس بيري ڪري رهيو هو. ان موقعي تي برطانيا پاران پاڪستان ۾ دهشتگردي جي واقعن ۾ ٿيندڙ جاني زيان تي تعزيت جو اظهار ڪندي

بقايا * 07**

م ڪندي کي وڌيڪ بجلي نقصان وارن علائقن ۾ به لوڊشيڊنگ جو مدو گهٽائڻ جي خاطري ڪرائي آهي. وزيراعظم شهباز شريف جي هدايت تي خيبرپختونخوا جي توانائي مسئلن جي حل لاءِ وفاقي ۽ صوبائي قيادت جو اهم مشاورتي اجلاس ٿيو، جنهن ۾ گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي، وفاقي وزير توانائي اويس احمد لغاري، وفاقي وزير پيٽروليم ۽ چيف سيڪريٽري خيبرپختونخوا شرڪت ڪئي. اجلاس دوران گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي صوبي ۾ ڏگهي لوڊشيڊنگ جو مسئلو اٿاريندي عوام کي بجلي جي فراهمي ۾ رليف ڏيڻ لاءِ فوري ۽ اثرائتا قدم کڻڻ تي زور ڏنو. نئين نظام تحت سڄي فيڊر بدران انفرادي ٽرانسفارمرن جي سطح تي لوڊ مئنيجمينٽ ڪئي ويندي، جنهن سان بجلي جا بل باقاعدگي سان ادا ڪندڙ صارفين کي لوڊشيڊنگ ۾ رليف ملي سگهندو. اجلاس ۾ خيبرپختونخوا جي توانائي مسئلن جي حل ۽ عوام کي فوري رليف ڏيڻ لاءِ گڏيل قدم کڻڻ تي اتفاق ڪيو ويو.

بقايا * 08**

ڪيس ۾ جوابدار عرفان کي ماتحت عدالت پاران ٻڌايل موت جي سزا عمر قيد ۾ تبديل ڪري ڇڏي. تفصيل موجب سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ جوابدار عرفان جي اپيل تي ٻڌڻي ٿي جوابدار جي وڪيل لياقت گبول ايڊووڪيٽ موقف اختيار ڪيو ته ماتحت عدالت پاران سزا ٻڌائيندي قانوني گهرجون پوريون نه ڪيون ويون. جڏهن ته شاهدن جي بيانن ۾ به تضاد موجود هئا. پراسيڪيوشن موجب جوابدار عرفان کي جون 2026 ۾ ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج شرقي موت جي سزا ٻڌائي هئي استغاثي جو چوڻ هو ته جوابدار 8 ڊسمبر 2022 تي مبينه ٽائون ٿاڻي جي حدن ۾ هڪ گهر ۾ داخل ٿي ننڍي نياڻي کي زيادتي جو نشانو بڻايو ۽ بعد ۾ گلو دٻائي قتل ڪري ڇڏيو هو. پراسيڪيوشن موجب جوابدار پيشي جي لحاظ کان پلمبر هو ۽ هن گهر ۾ نياڻي کي اڪيلو ڏسي زبردستي داخل ٿي واردات ڪئي. واقعي جو ڪيس مقتول نياڻي جي پيءُ جي مدعيت ۾ مبينه ٽائون ٿاڻي ۾ داخل ڪيو ويو هو سنڌ هاءِ ڪورٽ جوابدار جي اپيل تي فيصلو ٻڌائيندي موت جي سزا کي عمر قيد ۾ تبديل ڪري ڇڏيو

بقايا * 09**

بقايا * 10**

هيٺ محمد صديق ميمڻ آڊيٽوريم، صدر ڪراچي ۾ "ڪميونيٽي پوليسنگ جي فائدن" جي موضوع تي منعقد ٿيل سيمينار ۾ شرڪت ڪئي. سيمينار ۾ ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي آزاد خان، گورنر سنڌ جو پرنسپال سيڪريٽري ڊاڪٽر سيف الرحمان، ڊي آءِ جي سائوٿ اسد رضا، ڊي جي آءِ ٽي ڊاڪٽر رانا شهزاد، آئيوري ڪوسٽ جو اعزازي سفير فضل ڪريم دادابائي، فلپائن جو قونصل جنرل ڊاڪٽر عمران يوسف، انڊس هاسپيٽل جو باني ڊاڪٽر عبدالباري خان، بوهري برادري جو اڳواڻ حسين ڪوميل، ڪراچي چيمبر آف ڪامرس جو صدر طلعت محمود، آباد جو چيئرمين حنيف گوهر، سنڌ هائيڪورٽ بار ايسوسيئيشن جو صدر حسيب جمالي، ڪراچي پريس ڪلب جو سيڪريٽري اسلم خان، ايڊووڪيٽ نديم شيخ، ايس ايس پي سائوٿ منظور علي، سي پي ڪي حيدرآباد جو چيئرمين زبير گهانگهرو، نائب صدر عمران سهروردي سميت ڪراچي شهر جي 70 کان وڌيڪ واپاري تنظيمن جا اڳواڻ، واپاري برادري، وڪيل، سماجي شخصيتون ۽ زندگيءَ جي مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ معزز شخصيتون شريڪ ٿيون ان موقعي تي ڪميونيٽي پوليسنگ ڪراچي ۽ سنڌ پوليس جي مجموعي ڪارڪردگي تي ٻڌل هڪ مختصر دستاويزي فلم (ڊاڪيومينٽري) پڻ پيش ڪئي وئي. آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو پنهنجي خطاب ۾ چيو ته پوري دنيا ۾ عوام جي سهڪار ڪانسواءِ مؤثر پوليسنگ جو تصور ممڪن ناهي، جڏهن ته ڪميونيٽي پوليسنگ جي ڪاميابي لاءِ گڏيل رابطي، اعتماد ۽ گڏيل ذميواري جو مضبوط نظام بنيادي اهميت رکي ٿو. هن چيو ته صوبي ۾ امن امان جي قيام ۽ شهرين جي تحفظ جي خاطر سنڌ پوليس جي 2,600 کان وڌيڪ آفيسرن ۽ اهلڪارن پنهنجي جانين جو نذرانو پيش ڪيو آهي.

بقايا * 11**

ڪورٽ 190 ملين پائونڊ ڪيس ۾ باني پي ٽي آءِ ۽ بشريٰ بي بي جون اپيلون 10 نومبر تي ٻڌڻي لاءِ مقرر ڪري ڇڏيون چيف جسٽس سردار سرفراز ڊوگر ۽ جسٽس محمد آصف ٻڌڻي ڪندا

بقايا * 12**

هٿيار ڪنٽرول ۽ اعتمادسازي جي قدمن بابت پاڪستان جي پراڻي ڪوشش جي عالمي برادري پاران مسلسل حمايت جو مظهر آهن سماجي رابطي جي پليٽ فارم ايڪس تي پرڏيهي آفيس جي ترجمان جي پوسٽ موجب هٿيارن جي خاتمي ۽ عالمي سلامتي جي معاملن بابت جنرل اسيمبلي جي پهرين ڪميٽي پاڪستان جي پيش ڪيل قراردادن جي منظوري ڏني علائقائي ۽ ذيلي علائقائي ڏس ۾ اعتمادسازي جي قدمن بابت قرارداد بنا ووٽنگ جي منظور ڪئي وئي جڏهن ته علائقائي ۽ ذيلي علائقائي سطح تي روايتي هٿيارن جي ڪنٽرول بابت قرارداد کي 180 ووٽن جي وڏي اڪثريت سان منظوري ملي. ان کان اڳ پاڪستان جي پيش ڪيل قرارداد "غيرائٽمي هٿيار رکندڙ رياستن کي ائٽمي هٿيارن جي استعمال يا استعمال جي ڌمڪي جي خلاف تحفظ جي خاطري جي لاءِ مؤثر عالمي انتظامن جو قيام" پڻ 122 ووٽن سان منظور ڪئي وئي جڏهن ته ان جي خلاف ڪو ووٽ نه وڌو ويو. پاڪستان ڪيترن ئي ڏهاڪن کان گڏيل قومن ۾ روايتي هٿيارن جي ڪنٽرول، اعتمادسازي جي قدمن ۽ علائقائي هٿيارن جي خاتمي جهڙن ترجيحي معاملن کي اڳتي وڌائڻ جي لاءِ قدمن جي قيادت ڪندو رهيو آهي، اهڙي وقت ۾ جڏهن عالمي سطح تي ڇڪتاڻ ۾ اضافي ۽ هٿيار ڪنٽرول جو موجوده نظام ڪمزور ٿي رهيو آهي، اهي قراردادون خطرن ۾ گهٽتائي، اعتماد جي فروغ ۽ عالمي ۽ علائقائي امن ۽ استحڪام جي لاءِ عملي ۽ تعاون تي ٻڌل رستا فراهم ڪن ٿيون.

بقايا * 13**

ڪارروائي ڪندي ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو جوابدارن جي قبضي مان 25 لک رپيا نقد، ڊجيٽل اوزار ۽ ٻيا اهم ثبوت هٿ ڪيا ويا آهن. ايف آءِ اي ترجمان موجب ڊائريڪٽر ڪراچي زون منتظر مهدي جي هدايتن تي گلاس ٽاور ويجهو جامع ڪلاٿ مارڪيٽ، ايم اي جناح روڊ تي ڇاپو هنيو ويو ڪارروائي دوران الطاف احمد ۽ محمد نديم کي گرفتار ڪيو ويو. ترجمان موجب جوابدارن جي قبضي مان 25 لک رپيا نقد کان علاوه ڊجيٽل اوزار ۽ ٻيا ثبوت به تحويل ۾ ورتا ويا آهن. ابتدائي جاچ موجب گرفتار جوابدار حوالا هنڊي جي غير قانوني ڪاروبار ۾ ملوث هئا. ايف آءِ اي موجب موقعي تي پڇاڳاڇا دوران جوابدارن به ان ڪاروبار ۾ ملوث هجڻ جو اعتراف ڪيو. ايف آءِ اي گرفتار جوابدارن خلاف فارن ايڪسچينج ريگوليشن ايڪٽ 1947 (ترميم ٿيل 2020) جي لاڳاپيل شقن تحت ڪيس داخل ڪري وڌيڪ قانوني ڪارروائي شروع ڪري ڇڏي آهي.

بقايا * 14**

9.18 پوائنٽس جي اضافي سان هڪ لک 69 هزار 868.18 پوائنٽس جي سطح تي پهچي ويو شروعاتي سيشن موجب مارڪيٽ ۾ گڏيل طور تي 568 ڪمپنين جي شيئرز جو ڪاروبار ڪيو ويو جن

جي ڏيتي ليتي ٿي جن جي ماليت 10.67 ارب رپيا رهي.

بقايا * 15**

مقرر ڪري ڇڏيا آهن عدالت قرار ڏنو آهي ته رڳو ايف آءِ آر داخل ٿيڻ ڪنهن به اميدوار کي سرڪاري ملازمت لاءِ نااهل قرار ڏيڻ جو بنياد نٿو بڻجي سگهي. چيف جسٽس امين الدين خان پوليس ۾ ڊرائيور ڪانسٽيبل جي ڀرتيءَ بابت ڪيس جو لکت ۾ فيصلو جاري ڪري ڇڏيو عدالت بري ٿيڻ باوجود اميدوار کي ڀرتيءَ لاءِ نااهل قرار ڏيڻ وارو نوٽيفڪيشن ۽ لاهور هاءِ ڪورٽ جي ملتان بئنچ جو فيصلو ڪالعدم قرار ڏئي ڇڏيو وفاقي آئيني عدالت قرار ڏنو ته عدالتي بريت کي تسليم ڪيو ويندو ۽ اميدوار جي پس منظر توڙي اهليت جو غيرجانبدارانو جائزو ورتو ويندو، ڪردار بابت ناڪاري رپورٽ اندازن بدران مستند ۽ تصديق جوڳن شاهدن تي ٻڌل هجڻ گهرجي. فيصلي موجب بريت ڪانپوءِ اڳوڻي ڪيس کي پوليس ڪردار سرٽيفڪيٽ ۾ ناڪاري انداز سان ظاهر نٿو ڪري سگهجي.

بقايا * 16**

آهي جاويد عالم اوڍو دعويٰ ڪئي آهي ته سنڌ ۾ ڦر دوران مزاحمت تي قتل جي واقعن ۾ 17 سيڪڙو، جڏهن ته زخمي ٿيڻ وارن واقعن ۾ 32 سيڪڙو گهٽتائي آئي آهي. هن ٻڌايو ته ڪراچيءَ ۾ پوليس اهلڪارن جو انگ 42 هزار آهي، جڏهن ته ضرورت 60 هزار اهلڪارن جي آهي، پر اهڙا اهلڪار هجڻ گهرجن، جيڪي تعليم ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي ڄاڻ رکندڙ هجن. آءِ جي سنڌ جو چوڻ هو ته ڪميونٽي پوليسنگ ڪراچيءَ جي سهڪار سان شهر ۾ سي سي ٽي وي ڪيمرائن جو انگ 32 هزار مان وڌائي 40 هزار ڪيو ويو آهي، جڏهن ته هلندڙ سال اسٽريٽ ڪرائم ۾ 14 سيڪڙو گهٽتائي آئي آهي.

بقايا * 17**

ي پاڪستان پوسٽ آفيس ۾ مبينا غيرقانوني ڀرتين ۽ گهپلن واري جاچ جي سلسلي ۾ طلب ڪري ورتو آهي نيب راولپنڊي طرفان اسعد محمود کي 10 نومبر تي صبح 11 وڳي پيش ٿيڻ جو نوٽيس جاري ڪيو ويو آهي. جاري ڪيل نوٽيس موجب، 2022 کان 2023 ۽ دوران سندس وزارت واري عرصي ۾ 3 هزار 938 منظور ٿيل پوسٽن جي مبينا طور 4 هزار 252 ڀرتيون ڪيون ويون، جڏهن ته ختم ڪيل 2 هزار 646 جاين تي به مقررين جا الزام آهن. نوٽيس ۾ مستقل ڀرتين، جعلي دستاويزن، عمر جي حد ۽ ڊوميسائل ڪوٽا جي ڀڃڪڙين بابت به پڇاڻو ڪيو ويو آهي، ٻئي پاسي، ايف آءِ اي جي اينٽي ڪرپشن سرڪل اسلام آباد پڻ اسعد محمود کي بيان رڪارڊ ڪرائڻ لاءِ طلب ڪيو هو. ڀرتين ۽ ٻين بي ضابطگين بابت معاملا هن وقت جاچ هيٺ آهن.

بقايا * 18**

هدايتون ڏنيون آهن. سنڌ جي سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ جي صدارت هيٺ ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري کاتي جو اهم اجلاس ڪراچي ۾ ٿيو، اجلاس ۾ هلندڙ مهيني ڪراچي پهچندڙ ڊبل ڊيڪر بسن ۽ اي وي بسن جي روٽس جي انتظامن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي، اجلاس ۾ سيڪريٽري ٽرانسپورٽ اسد ضامن، سي اي او ٽرانس ڪراچي زبير چنا، يلو لائن بي آر ٽي جي پروجيڪٽ ڊائريڪٽر ڪمال دايو ۽ ٻين اختيارين شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ ڊبل ڊيڪر ۽ اي وي بسن جي روٽس، انتظامن سميت ٻين معاملن ريڊ لائن، يلو لائن بي آر ٽي جي تعميراتي ڪم ۽ گرين لائن جي آپريشنز تي خيالن جي تفصيلي ڏي وٺ ڪئي وئي. ان موقعي تي ڳالهائيندي سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته اميد آهي ته هلندڙ مهيني ڊبل ڊيڪر ۽ اي وي بسن جي کيپ ڪراچي پهچي ويندي. هن هدايت ڏني ته ڊبل ڊيڪر ۽ اي وي بسن جي آپريشن جي لاءِ روٽس، چارجنگ اسٽيشنز ڊيپو، اسٽاپس ۽ ٻين ٽيڪنيڪي ۽ انتظامي معاملن کي حتمي شڪل ڏني وڃي ۽ آپريشنز ۽ سروسز سميت سمورن لاڳاپيل معاملن لاءِ جامع رٿابندي ڪئي وڃي. هن چيو ته بسن جي تعداد وڌائڻ سان گڏ انهن جي روٽس ۽ آپريشنل نظام کي به اثرائتو بڻائڻ ضروري آهي، ڪوشش ڪئي وڃي ته ڊبل ڊيڪر ۽ اليڪٽرڪ بسون شهر جي انهن علائقن تائين پهچن جتي شهرين کي پبلڪ ٽرانسپورٽ جي وڌيڪ ضرورت آهي. اجلاس ۾ يونيورسٽي روڊ تي ريڊ لائن بي آر ٽي جو يو ٽرن ٻيهر کولڻ جو فيصلو ڪيو ويو، سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ هدايت ڏني ته يو ٽرن کولي شهرين کي سفري سهولت فراهم ڪئي وڃي، ريڊ لائن بي آر ٽي منصوبي جي وقت سر تڪميل جي لاءِ غير معمولي قدم کنيا وڃن. هن يلو لائن بي آر ٽي جي ڊيپو ون ۽ ڊيپو ٽو جو ڪم اوليتي بنيادن تي مڪمل ڪرڻ جون هدايتون پڻ ڏنيون. سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ جو چوڻ هو ته تاج حيدر پل جي ٻئي حصي جو تعميراتي ڪم جلد کان جلد مڪمل ڪيو وڃي، سمورين لاڳاپيل اختيارين تعميراتي ڪمن جي روزاني جي بنياد تي نگراني ڪن. سندس چوڻ هو ته ڪراچي ۾ جديد ۽ اثرائتي پبلڪ ٽرانسپورٽ جي فراهمي سنڌ حڪومت جي اوليتن ۾ شامل آهي.

بقايا * 19**

عزم جو اظهار آهن. سماجي رابطي جي ويب سائيٽ ايڪس تي پنهنجي بيان ۾ هن ملڪ جي دفاع ۽ امن ۽ استحڪام جي لاءِ سيڪيورٽي فورسز جي قربانين کي خراج تحسين پيش ڪندي شهيد حڪمت الله کي خراج عقيدت پيش ڪيو ۽ سندس گهرڀاتين سان دلي تعزيت جو اظهار ڪيو هن دعا ڪئي ته الله تعاليٰ شهيد جا درجا بلند فرمائي.

بقايا * 20**

ڏني. اجلاس ۾ وڏي وزير سيڙپڪاري ۽ زراعت وارن کاتن کي هدايت ڪئي ته اهي ڪمپني جي ماهرن سان گڏ ويهن ۽ اهو طئي ڪن ته برآمدي فصلن تي تحقيق کي ڪيئن اڳتي وڌائي سگهجي ٿو. آئي ايم جي سي (IMGC) جي وفد جي اڳواڻي چيئرمين شيخ امجد رشيد ڪري رهيو هو جنهن سان گڏ جنرل مئنيجر ٽريڊ اينڊ ڪموڊيٽيز شاهه رخ خان، هيڊ آف ڪيسٽر اينڊ سيسيم پروجيڪٽ اعجاز چوڌري ۽ ريسرچ اينالسٽ زوهيب حسن پڻ موجود هئا. سنڌ جو ڪاٽن ۽ معدنيات وارو وزير سيد سردار شاهه، سيڪريٽري انويسٽمينٽ راجا خرم شهزاد، سيڪريٽري زراعت زمان ناريجو ۽ سيڪريٽري مائنز اينڊ منرلز سهيل بلوچ صوبائي حڪومت جي طرفان شريڪ ٿيا. سنڌ سيڙپڪارن لاءِ کليل آهي: وڏي وزير شاهه چيو ته سنڌ ڪاروبار لاءِ کليل آهي ۽ عالمي سيڙپڪارن کي تمام ضروري سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ تيار آهي. هن چيو ته اسان جو مقصد روايتي زراعت کان هاءِ_ويليو اگري_فوڊ پروسيسنگ ڏانهن منتقل ٿيڻ آهي. اسان انٽرنيشنل ملٽي گروپ کي هي پروجيڪٽ قائم ڪرڻ لاءِ هڪ بهترين ماحول فراهم ڪرڻ لاءِ ٻڌل آهيون ڇاڪاڻ ته ان سان نه صرف پرڏيهي سيڙپڪاري ايندي پر ٻهراڙي جي معيشت ۾ اسان جي نوجوانن لاءِ هزارين نوڪريون پڻ پيدا ٿينديون. پروسيسنگ پلانٽ: چيئرمين رشيد وڏي وزير کي ٻڌايو ته آئي ايم جي سي (IMGC) پورٽ قاسم تي ٽرن ۽ ڪيسٽر ٻج جي پروسيسنگ لاءِ هڪ گڏيل پلانٽ ۾ 500 ملين روپين جي سيڙپڪاري ڪري رهي آهي. هن چيو ته مقصد اهو آهي ته پاڪستان اندر وڌيڪ ويليو حاصل ڪري سگهجي ۽ بين الاقوامي خريدارن کي اعليٰ قيمت وارين ٻج جون شيون ۽ تيل سپلائي ڪري سگهجن. پلانٽ جي ڇت هيٺ ٽرن جي پروسيسنگ ۽ ان سان گڏوگڏ ڪيسٽر ٻج جي پروسيسنگ ۽ ان مان تيار ٿيندڙ شين کي سنڀاليندو، ٽيڪنالاجي جي منتقلي جو عمل جاري آهي. ڪمپني چيو ته پاڪستان ۾ هن وقت ٽرن جي ٻج جي تيل جي پروسيسنگ جو ڪو به مناسب يونٽ موجود ناهي ۽ چيو ته اها ويليو_ايڊڊ لائنز طور طحيني ۽ ضروري تيل تيار ڪرڻ جو به ارادو رکي ٿي. آبادگارن کي گڏ کڻي هلڻ جي ضرورت تي زور ڏيندي وڏي وزير چيو ته هارين کي ڪيسٽر ۽ ٽرن جهڙن نقد آور فصلن ڏانهن راغب ڪرڻ لاءِ کين آگاهي ڏيڻ جي سخت ضرورت آهي. هن زراعت کاتي کي هدايت ڪئي ته هو هارين کي تيل لاءِ ٽرن ۽ ڪيسٽر پوکڻ جي ترغيب ڏين. ڪيسٽر مارڪيٽ جا موقعا: اجلاس کي ٻڌايو ويو ته صنعتي ڪاٿي موجب، عالمي سطح تي ڪيسٽر جي ٻج جي پيداوار اٽڪل 2.4 ملين ٽن آهي جنهن ۾ هندستان جو حصو اٽڪل 80 سيڪڙو آهي. جڏهن ته ڪيسٽر آئل جي مارڪيٽ جي ماليت اٽڪل 1.85 ارب ڊالر آهي. 2025 ۾ هندستان 1.066 ارب ڊالر ماليت جو 677,076 ميٽرڪ ٽن ڪيسٽر آئل ۽ ان جا حصا برآمد ڪيا جن ۾ چين، نيدرلينڊز ۽ آمريڪا سڀ کان وڏا خريدار هئا. آئي ايم جي سي (IMGC) جي ڪاٿي مطابق، پاڪستان ساليانو صرف 4,000 کان 5,000 ميٽرڪ ٽن ڪيسٽر جو ٻج پيدا ڪري ٿو جنهن جي ٻج جي برآمدي قيمت 700 کان 800 ڊالر في ميٽرڪ ٽن آهي. ان جي مقابلي ۾ ڪيسٽر آئل جي اٽڪل قيمت 1,600 کان 1,700 ڊالر في ميٽرڪ ٽن آهي ۽ سيباسڪ ايسڊ، جيڪو اسپيشلٽي ڪيميڪلز ۾ استعمال ٿيندڙ هڪ مواد آهي، تنهن جي قيمت 4,000 کان 4,500 ڊالر في ميٽرڪ ٽن آهي. ڪمپني دليل ڏنو ته مقامي پروسيسنگ پاڪستان کي ان قدر جو گهڻو وڏو حصو حاصل ڪرڻ ۾ مدد ڏيندي. آبادگارن سان ڀاڱيداري: آئي ايم جي سي (IMGC) واضح ڪيو ته اها خود آبادگار ناهي. اها طئي ٿيل پروگرام جي شرطن تحت ڪاشتڪارن کي هائبرڊ ڪيسٽر جو ٻج فراهم ڪرڻ جي تجويز ڏئي ٿي، جنهن جي پٺيان ٻيهر خريداري جي ضمانت هوندي. ڪمپني پوءِ اهو فصل ٻج جي برآمد ۽ ان کي ڪيسٽر آئل ۽ ان جي شين ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ حاصل ڪندي. سنڌ ۾ مناسب علائقن ۾ بدين، ٺٽو، ننگرپارڪر ۽ عمرڪوٽ شامل آهن. آئي ايم جي سي (IMGC) جي فارم اڪنامڪس جي مقابلي موجب ڪمپني جي بيان ڪيل فرض ڪيل شرطن تحت ڪيسٽر مان في ايڪڙ في فصل 21,500 روپيا خالص آمدني حاصل ٿي سگهي ٿي جڏهن ته ان جي مقابلي ۾ سورج مکي مان 13,000 روپيا ۽ ڪڻڪ مان 14,800 روپيا آمدني ٿئي ٿي. ڪمپني خبردار ڪيو ته اهي انگ اکر في فصل جي چڪر جا آهن ۽ ساليانو منافعو ناهن. آئي ايم جي سي (IMGC) اهو پڻ ٻڌايو ته هن 18 مهينن جي ڪوشش ڪانپوءِ چين ۾ ٽيڪنالاجي ۽ پروسيسنگ جي ڀاڱيداري حاصل ڪري ورتي آهي ۽ آمريڪا ۽

موجودگي ۾ گروپ جي "مائين_ٽو_مارڪيٽ" ماڊل تي پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. جنهن ۾ لوهه جي ڪچي ڌات، باڪسائيٽ، راڪ فاسفيٽ، ٽامي جي ڪچي ڌات، اينٽيموني، ڪروم جي ڪچي ڌات، گرينائيٽ، ميڪا، ڪوئلي ۽ گندرف سميت مختلف شيون شامل آهن ۽ ان ۾ سپلائر جي جائزي، آزاداڻي جاچ، اندروني ٽرانسپورٽ، اسٽاڪ يارڊ جي انتظام، پورٽ هينڊلنگ ۽ بلڪ لاجسٽڪ شامل آهن. وزير سيد سردار شاهه معدني وسيلن کي زرعي پيداوار سان ڳنڍڻ جي اهميت تي روشني وڌي خاص طور تي مٽي جي بهتري ۽ پروسيسنگ جي بنيادي ڍانچي ۾. هن چيو ته اسان پنهنجي معدني دولت کي جديد زرعي طريقن سان ملائي، هڪ اهڙو پائيدار ماحولياتي نظام جوڙي سگهون ٿا جيڪو پيداوار کي وڌ کان وڌ ڪري ۽ عالمي مارڪيٽ لاءِ اعليٰ ترين معيار جي پيداوار کي يقيني بڻائي. ڪمپني جي چيئرمين شيخ رشيد سيڙپڪاري بابت حڪومت جي فعال حڪمت عملي جي ساراهه ڪئي. هن چيو ته زمين ۽ موسم جي لحاظ کان سنڌ کي هڪ شاندار قدرتي فائدو حاصل آهي. انٽرنيشنل ملٽي گروپ هن صوبي ۾ اگري_فوڊ شعبي ۾ عالمي بهترين طريقا آڻڻ جو خواهشمند آهي. ۽ اسان پنهنجي پروجيڪٽ کي سهولت ڏيڻ لاءِ وڏي وزير جي ڏيکاريل عزم مان تمام گهڻو متاثر ٿيا آهيون. اجلاس زراعت ۽ سيڙپڪاري جي سيڪريٽرين کي هدايتن سان ختم ٿيو ته اهي ڪمپني سان ويجهڙائي سان رابطو ڪن ته جيئن پروجيڪٽ جي روڊ ميپ کي حتمي شڪل ڏني وڃي ۽ ڪنهن به ريگيوليٽري رڪاوٽ کي حل ڪيو وڃي.

بقايا * 21**

ئي جڏهن ته سون، چاندي ۽ زرعي جنسن جي اگهه ۾ اضافو ٿيو بلوم برگ جي رپورٽ موجب آمريڪي ويسٽ ٽيڪساس انٽرميڊيئٽ جي مستقبل جا سودا 18 سينٽ جي گهٽتائي سان 95.91 في بيرل جڏهن ته برينٽ نارٿ ڪروڊ جا سودا 11 سينٽ جي گهٽتائي سان 103.49 ڊالر في بيرل ۾ طئه ٿيا. رپورٽ موجب سون جو اگهه 77.76 ڊالر جي اضافي سان 4.007.44 ڊالر في اونس جڏهن ته چاندي جو اگهه 1.45 ڊالر جي اضافي سان 51.20 ڊالر في اونس تي پهچي ويو اهڙي ريت مڪئي جو اگهه 2.50 ڊالر جي گهٽتائي سان 440 ڊالر في بشل، ڪڻڪ جو اگهه 4.25 ڊالر جي گهٽتائي سان 595 ڊالر في بشل رڪارڊ ڪيو ويو ڪپهه جي اگهه ۾ 51 سينٽ جو اضافو ٿيو.

بقايا * 22**

مقامي طور تي تيار ڪيل هوا کان هوا ۾ مار ڪندڙ ميزائل 'فاز' جي ڪامياب تجربي تي پاڪ فضائيه، سائنسدانن ۽ انجنيئرن کي مبارڪباد ڏني آهي اربع ڏينهن سوشل ميڊيا پليٽ فارم 'ايڪس' تي پنهنجي مبارڪباد واري پيغام ۾ نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير هن ڪاميابي کي قومي دفاع ۽ وڌيڪ مضبوط ڪرڻ ۽ دفاعي ٽيڪنالاجي ۾ پاڻڀرائپ کي فروغ ڏيڻ جي حوالي سان اهم سنگ ميل قرار ڏنو سينيٽر محمد اسحاق ڊار چيو ته هي تجربو پاڪستان جي لاءِ فخر جوڳي ڪاميابي آهي. اها ڳالهه ذڪر جوڳي آهي ته جديد ترين ٽرمينل گائيڊنس سسٽم سان ليس هي ميزائل ڊگهي فاصلي تي دشمن جي فضائي هدفن کي نشانو بڻائڻ جي صلاحيت رکي ٿو.

بقايا * 23**

ڪومت کي ڪمند جي ڪرشنگ شروع ڪرڻ ۽ قيمت مقرر ڪرڻ جي لاءِ 10 ڏينهن جي مهلت ڏني آهي، مطالبا پورا نه ٿيڻ جي صورت ۾ هارين اسلام آباد طرف مارچ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي. ڪراچي پريس ڪلب ۾ اربع تي هنگامي پريس ڪانفرنس ڪندي هاري اتحاد جي صدر خالد حسين باٺ ۽ سنڌ آبادگار اتحاد جي صدر نواب زبير ٽالپر مطالبو ڪيو ته ڪمند جي قيمت 650 روپيه في مڻ مقرر ڪئي وڃي ۽ شوگرملز مالڪن کي فوري طور تي ملون هلائڻ جو پابند بڻايو وڃي. هاري اتحاد جي صدر خالد حسين باٺ چيو ته حڪومت طرفان اڃان تائين ڪمند جي قيمت جو نوٽيفڪيشن جاري ناهي ڪيو ويو

بقايا * 24**

ي جا انگ اکر سامهون اچي ويا آهن. جنهن موجب عورتن جي اڪثريت ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ جي اميدوارن جي حمايت ڪئي، جڏهن ته مرد ووٽرن جا ووٽ ٻنهي وڏين پارٽين وچ ۾ برابر ورهايل رهيا. برطانوي ميڊيا جي رپورٽ ۾ ڄاڻايل سروي جي انگن اکرن موجب، مرد ووٽرن مان 49 سيڪڙو ڊيموڪريٽس ۽ 49 سيڪڙو ريپبلڪنز کي ووٽ ڏنو. عورتن ۾ ڊيموڪريٽس جي حمايت 58 سيڪڙو رهي، جڏهن ته 40 سيڪڙو عورتن ريپبلڪن اميدوارن جي حمايت ڪئي. سروي ۾ صنف جي ٽئين درجي ۾ شامل ووٽرن مان 85 سيڪڙو ڊيموڪريٽس ۽ 11 سيڪڙو ريپبلڪنز جي حق ۾ ووٽ ڏنو. اها سروي ايس ايس آر ايس پاران ايسوسيئيٽيڊ پريس ۽ ٻين ادارن لاءِ ڪئي وئي، جنهن ۾ 79 هزار 541 ماڻهن جا جواب شامل هئا. انگ اکر 4 نومبر تي آمريڪي وقت موجب رات 12 لڳي 29 منٽن تائين

تنهنڪري گهٽ فرق وارا نتيجا لازمي طور اهم نه ٿي سگهن ٿا

بقايا * 25**

د ريپبلڪن اميدوار مائڪ راجرز کي شڪست ڏئي ڇڏي آهي اها ڪاميابي ڊيموڪريٽڪ پارٽي جي کاٻي ڌر لاءِ ملڪ جي اهم ترين سياسي مقابلي وارين رياستن مان هڪ ۾ وڏي اڳڀرائي آهي. مصري والدين جي گهر ۾ جنم وٺندڙ عبدل السيد آمريڪا جو پهريون مسلمان سينيٽر بڻجندو. هو صحتِ عامه جي شعبي جو اڳوڻو عملدار آهي ۽ هن کان اڳ ڪڏهن به ڪنهن چونڊيل عهدي تي فائز نه رهيو آهي. اٺ سال اڳ مشي گن ۾ ڊيموڪريٽڪ پارٽي جي گورنر واري چونڊ ۾ وڏي مارجن سان شڪست کائيندڙ السعيد هاڻي آمريڪي سينيٽ جي سيٽ کٽڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو آهي. السيد ڊيموڪريٽڪ پارٽي جي اندروني چونڊ ۽ عام چونڊ، ٻنهي مرحلن دوران ٻاهرين ڌرين جي وڏي مالي خرچ کي منهن ڏيندي عوامي سطح تي هلندڙ مهم ذريعي ڪاميابي حاصل ڪئي. سندس مهم جا بنيادي نقطا سڀني لاءِ صحت جي سهولت، چونڊن ۾ ٻاهرين سرمائي جي اثر کي ختم ڪرڻ ۽ اسرائيل تي سخت تنقيد هئا. ڪانگريس جي ميمبر اليگزينڊريا اوڪاسيو ڪورٽيز سميت ترقي پسند اڳواڻن جي حمايت حاصل ڪندڙ السيد جي ڪاميابي 2028ع جي صدارتي چونڊن کان اڳ ترقي پسند تحريڪ کي وڌيڪ سگهارو ڪندي

بقايا * 26**

هارائي وڃي آهي ۽ ڊيموڪريٽس حيران ڪن طور ٻنهي ايوانن ۾ برتري حاصل ڪري ورتي آهي. جيتوڻيڪ اڃا سرڪاري طور مڪمل نتيجن جو اعلان ناهي ڪيو ويو پر رائٽرز، سي اين اين ۽ بي بي سي پنهنجي رپورٽن ۾ ٽرمپ جي ٻنهي ايوانن جي چونڊ هارائڻ جو اعلان ڪيو آهي ۽ صدر ٽرمپ شڪست تسليم ڪري ورتي آهي. آمريڪا جي 50 رياستن ۾ 21 ڪروڙ کان مٿي رجسٽرڊ ووٽر آهن جن مان 5 ڪروڙ 80 لک کان مٿي ووٽر پولنگ واري ڏينهن 3 نومبر کان اڳ ۾ ئي ووٽ ڪاسٽ ڪري چڪا هئا.

بقايا * 27**

ي تي موڪل اقليتي برادريءَ لاءِ خوشي ۽ احترام جو اظهار آهي: پيپلز پارٽي سڀني مذهبن جي ماڻهن جي برابريءَ تي يقين رکي ٿي ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي چيو ته سنڌ حڪومت اقليتن جي خوشين ۽ حقن جو خيال رکي ٿي هولي جي عام موڪل سنڌ حڪومت جي اقليت دوست پاليسي آهي شام سندر آڏواڻي پاران هندو برادريءَ کي هولي جون واڌايون هجن

بقايا * 28**

نوٽيفڪيشن موجب ايئرڪنڊيشنر، فرج، فريزر، واشنگ مشين ۽ ٽيليويزن کي نون ضابطن ۾ شامل ڪيو ويو آهي، جڏهن ته اسٽوريج بيٽرين تي پڻ انهن ضابطن جو اطلاق ٿيندو، نوٽيفڪيشن موجب درآمد ٿيندڙ سامان تي به ٽيڪس اسٽيمپ لڳائڻ ۽ ان کي فعال ڪرڻ لازمي هوندو، ٽيڪس اسٽيمپ ڪانسواءِ درآمدي شين جي ڪسٽم ڪليئرنس نه ٿي سگهندي، ڪليئرنس کان اڳ اسٽيمپ لڳائڻ ۽ فعال ڪرڻ ضروري هوندو، ايف بي آر موجب پرچون ۽ آٽو موبائل ڪمپنين کي فراهم ٿيندڙ اسٽوريج بيٽريون پڻ نون ضابطن ۾ شامل هونديون، جڏهن ته بيٽرين جي پرزن تي انهن ضابطن جو اطلاق نه ٿيندو، سرڪاري ملڪيت وارن ادارن کي به نون رولز ۾ شامل ڪيو

بقايا * 29**

ت رکي ٿو. آءِ ايس پي آر موجب جديد ترين ٽرمينل گائيڊنس سسٽم سان ليس هي ميزائل ڊگهي فاصلي تي دشمن جي فضائي هدفن کي نشانو بڻائڻ جي صلاحيت رکي ٿو "فاز" پاڪستان ايئرفورس جي آپريشنل لچڪ ۽ صلاحيتن ۾ نمايان اضافو ڪندو جنهن سان ملڪ جي مجموعي دفاعي نظام کي وڌيڪ سگهه ملندي. اها ڪامياب فلائيٽ ٽيسٽ پاڪستان جي دفاعي صنعت جي ٽيڪنيڪي پختگي، جدت طرازي ۽ پاڻڀرائپ جو واضح ثبوت آهي. هٿياربند فوج جي سينيئر آفيسرن ڪانسواءِ ناليوارن سائنسدانن ۽ انجنيئرز جن ان جديد ترين هٿيارن جي نظام جي تياري ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو، ميزائيل تجربي جو مشاهدو ڪيو. صدر، وزيراعظم، چيف آف آرمي اسٽاف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز ۽ سروسز چيفس ان شاندار ڪاميابي تي سائنسدانن ۽ انجنيئرز کي مبارڪباد ڏني آهي.

بقايا * 30**

ڪاري لاءِ سازگار ماحول فراهم ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي. محفوظ ۽ صحت بخش ڪم جا ماحول مزدورن جي عزتِ نفس، حقن ۽ ڀلائي لاءِ بنيادي اهميت رکن ٿا. اهڙن خيالن جو اظهار هن هڪ مقامي هوٽل ۾ پاڪستان ايڪارڊ جي سهڪار سان منعقد ڪيل ساليانې پروگرام "ڪم جي جڳهن تي تحفظ جو گڏيل فروغ" کي خاص مهمان طور خطاب ڪندي ڪيو. تقريب کي سنڌ جي سيڪريٽري محنت ساجد جمال ابڙو، سيد ذوالفقار شاهه، سيد نذير علي، مس نجهيه رضا، ڊاڪٽر سانگي، ڊاڪٽر ذيشان، طارق معين ۽ ميڊم اسماءَ سميت ٻين پڻ خطاب ڪيو

پاڪستان ايڪارڊ جي ٽيم جا ٿورا مڃيندي چيو ته ان اداري کيس علائقائي برانڊ ميٽنگ ۾ شرڪت جي دعوت ڏني ۽ عالمي سطح جي اهم برانڊز جي نمائندن کي هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪيو. جيڪي ڪم جي جڳهن تي صحت ۽ حفاظت جا معيار بهتر بڻائڻ لاءِ ڪم ڪري رهيا آهن.

بقايا * 31**

بي بابت درخواستن جي ٻڌڻي تي عدالت قائد آباد مان گم ٿيل عورت نسيم جي معاملي تي ڊي آءِ جي ايسٽ ۽ سيڪريٽري داخلا کان رپورٽ طلب ڪري ورتي، جڏهن ته اورنگي ٽائون مان گم ٿيل فاطمه جي ڪيس ۾ پوليس رپورٽ جي روشني ۾ درخواست اڪلائي ڇڏي. ٻڌڻي دوران درخواستگذار جي وڪيل موقف اختيار ڪيو ته نسيم جولاءِ کان گم آهي هوءَ شادي جي هڪ تقريب ۾ شرڪت لاءِ گهر کان نڪتي هئي، پر واپس نه آئي وڪيل موجب خدشو آهي ته عورت کي اغوا ڪري پنجاب منتقل ڪيو ويو آهي

بقايا * 32**

ي رهواسين لاءِ بلا دير پاڻي جي32فراهمي بحال ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو. ٻڌڻي دوران درخواستگذار جي وڪيل عثمان فاروق ايڊووڪيٽ موقف اختيار ڪيو ته علائقي ۾ پاڻي جي اڻ فراهمي سبب رهواسي هر مهيني هزارين رپيا خرچ ڪري ٽينڪر سروس ذريعي پاڻي خريد ڪرڻ تي مجبور آهن شهري باقاعدگي سان ٽيڪس ادا ڪن ٿا، ان باوجود کين بنيادي سهولت کان محروم رکيو پيو وڃي. وڪيل ٻڌايو ته گلشن جمال جا رهاڪو ڪيترن ئي سالن کان پاڻي جي کوٽ سبب سخت مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيا آهن. ان موقعي تي عدالت رمارڪس ڏنا ته پاڻي زندگي جي بنيادي ضرورت ۽ هر شهري جو بنيادي حق آهي ڪنٽونمينٽ بورڊ شهرين جي شڪايتن جو ازالو ڪندي بلا دير پاڻي جي فراهمي يقيني بڻائي. عدالت گلشن جمال جي رهواسين کي پاڻي جي فراهمي بحال ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو

بقايا * 33**

ت مولانا فضل الرحمان جي مبينا ملڪيتن بابت ٽي وي چئنلن ۽ سوشل ميڊيا تي نشر ٿيندڙ دعوائن تي طنزيه ردعمل ظاهر ڪندي اينڪرن، چئنل مالڪن ۽ فرمائشي پروگرام ڪندڙن کي ڪروڙ پتي بڻجڻ جي دلچسپ آڇ سان کليل چئلينج ڏئي ڇڏيو آهي. هن چيو ته جيڪڏهن مولانا فضل الرحمان جون ايترين ئي ملڪيتون آهن ته سمورا مبينا اثاثا هڪ هنڌ گڏ ڪري انهن جا نقشا، رجسٽريون، ملڪيت جا ڪاغذ ۽ اصل ماليت عوام اڳيان پيش ڪئي وڃي، سامهون ايندڙ ملڪيتن مان 25 سيڪڙو مولانا فضل الرحمان کي ۽ 75 سيڪڙو دعوائون ڪندڙ اينڪرن ۽ چئنل مالڪن کي ڏنا ويندا هن چيو ته اسٽوڊيوز ۾ ويهي ملڪيتن جون ماهر نڪري زميني حقيقتن ۽ ٺوس ثبوت عوام اڳيان پيش ڪن الزامن جي منڊي سجائڻ بدران ثبوتن جو دڪان کوليو وڃي، ڇاڪاڻ ته رڳو دعوائن ۽ اندازن سان ڪنهن جي دولت ثابت نٿي ٿئي. علامه راشد محمود سومرو وڌيڪ چيو ته جمعيت علماءِ اسلام جو سربراهه مولانا فضل الرحمان 30 نومبر تي سنڌ جي اهم دوري تي اچي رهيو آهي، جتي هو رائل چوڪ لاڙڪاڻي ۾ ٿيندڙ عظيم الشان شهيد اسلام ڪانفرنس کي خصوصي خطاب ڪندو، دوري دوران هو مختلف وفدن سان ملاقاتون پڻ ڪندو ۽ ٻين تنظيمي توڙي عوامي پروگرامن ۾ شرڪت ڪندو. ان حوالي سان جي يو آءِ سنڌ جي پريس سيڪريٽري ڊاڪٽر اي جي انصاري ميڊيا ڏانهن جاري ڪيل پريس رليز ۾ چيو آهي ته شهيدِ اسلام ڪانفرنس ۾ چئني صوبن مان ممتاز پارليامينٽيرينز، نامور سياسي ۽ مذهبي اڳواڻ، جيد عالمن ۽ عوام جو وڏو انگ شرڪت ڪندو.

بقايا * 34**

پرائن ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي استعمال سبب اسٽريٽ ڪرائيم، ڦر دوران قتل جي واقعن سميت ٻين ڏوهن ۾ گهٽتائي آئي آهي.

بقايا * 35**

هٿيار، گوليون، موبائل فون، روڪ رقم ۽ چوري ٿيل موٽرسائيڪلون هٿ ڪيون ويون آهن. تفصيل موجب بوٽ بيسن پوليس ڪلفٽن جي آچر بازار پرسان مبينا مقابلي ڪانپوءِ هڪ جوابدار منظور احمد کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو، جڏهن ته سندس ساٿي فرار ٿي ويو. نارٿ ناظم آباد جي ٽنڪي گرائونڊ پرسان شارع نورجهان پوليس ٻن زخمين سميت 4 جوابدارن کي گرفتار ڪيو. پوليس موجب گرفتار جوابدار بين الصوبائي موٽرسائيڪل چوري ڪندڙ گروهه جا ميمبر آهن ۽ شهر ۾ ڪيترين ئي وارداتن ۾ ملوث رهيا آهن. ڊي ايڇ اي فيز 7 ۾ عائشه مسجد پرسان گزري پوليس مبينا مقابلي ڪانپوءِ ٻن جوابدارن محمد احمد عرف راجا ۽ ڪاشف علي عرف بانا کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو. جوهرآباد پوليس فيڊرل بي ايريا بلاڪ 15 ۾ رياض آنوز پرسان ٻن جوابدارن محمد نعمان ۽ علي کي گرفتار ڪيو. ٻئي طرف بغدادي جي موسيٰ لين ۾ اينٽي وهيڪل لفٽنگ سيل جي پوليس پارٽي سان مبينا مقابلي دوران 25 ورهين جو موٽرسائيڪل لفٽر سيد اعزاز حسين شاهه مارجي ويو.

بقايا عوامي سوچ 01

ايڊووڪيٽ اعجاز احمد جماڻي ايڊووڪيٽ لياقت جماري ايڊووڪيٽ سجاد خواجه ايڊووڪيٽ قادر خاصخيلي ايڊووڪيٽ اياز خواجه ايڊووڪيٽ عبدالرحيم ميمڻ ايڊووڪيٽ علي رضا جت ايڊووڪيٽ عمران شاهه ايڊووڪيٽ پرديپ ڪمار ايڊووڪيٽ لطيف ڪتي ايڊووڪيٽ ڪرشن ڪمار آفتاب پنهور بيا معززين موجود هئا ضلع ڪائونسل چيئرمين سجاول دانش غلام قادر خان ملڪاڻي پاران سجاول بار لاءِ 5 لک رپين جو چيڪ پڻ ڏنو ويو

بقايا عوامي سوچ 02

حمد بروهي جي اڳواڻي ۾ ڪراچي پريس ڪلب ڏانهن روانا ٿي ويا آهن، روانا ٿيڻ کان اڳ مڪلي تي هڪ احتجاجي مظاهرو پ ٽ الف ضلعي ٺٽي جي جنرل سيڪريٽري خير محمد بروهي جي قيادت ۾ ڪندي چيو ته سنڌ جي مختلف ڪاتن جي ملازمن سميت پرائمري استادن جا پڻ ڪافي جائز مسئلا آهن، جيڪي حل ٿي ناهن سگهيا، جن جي حل لاءِ پريس ڪلب ڪراچي تي احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي، جنهن ۾ شرڪت لاءِ ٺٽي کان وڃون پيا، هنن چيو ته استادن جي جائز مسئلن جي حل لاءِ چارٽر آف ڊمانڊ پيش ڪيو ويندو، هنن چيو ته استادن جا جائز مسئلا حل نه ٿيا ته مسئلن جي حل تائين احتجاج کي جاري رکيو ويندو. هنن سنڌ حڪومت، تعليم کاتي کان مطالبو ڪيو ته استادن سميت سنڌ جي سمورن ملازمن جا جائز مسئلا سروس اسٽيڪچر، گروپ انشورنس جي بحالي، ٽائم اسڪيل، PST/HST استادن جي پروموشن سميت سمورا مسئلا حل ڪري ڪين پريشاني کان بچايو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 03

س او پيز تي آگاهي ورڪشاپ منعقد ڪئي وئي. تقريب کي خطاب ڪندي چيئرپرسن ميڊم سعيده اڪمل لغاري چيو ته باهه ۽ هيلٿ سيفٽي جي شعبن ۾ بهترين طريقي سان ڪم ٿي رهيو آهي، تنهن هوندي به، ڪارخانن ۽ صنعتي ادارن ۾ حفاظتي قدمن تي وڌيڪ ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي. اهڙيون تربيتي ورڪشاپون حادثن کي وڏين حادثن ۾ تبديل ٿيڻ کان روڪڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿيون. ورڪشاپ ۾ 100 کان وڌيڪ آفيسرن ۽ عملي شرڪت ڪئي، جڏهن ته ڊاڪٽر ڪاشف منگي، پرنسپل فيڪلٽي ايڊوائيزر، جرمني کان آن لائن تقريب کي خطاب ڪيو. ان موقعي تي انجنيئر اسد گولو ڊپٽي چيف وارڊن آف سول ڊفينس سکر ڊاڪٽر سعيد اعوڻ ۽ ڪراچي کان ٽرينرز آفاق احمد ۽ وارسٽ پراچا باهه جي حفاظت، ڪيميڪل سيفٽي ۽ سيفٽي ايس او پيز تي جامع ليڪچر ڏنا ۽ باهه وسائڻ وارن اوزارن ۽ انخلا جو عملي مظاهرو پڻ ڪيو ان موقعي تي انچارج سول ڊفينس سکر ميان جهانگير عباسي، سکر بيوريجز پرائيويٽ لميٽيڊ جا جنرل مئنيجر عبدالحليم مهر، منظور زيدي ۽ سيفٽي انچارج صفيان احمد پڻ موجود هئا. ورڪشاپ جو مقصد صنعتي ادارن ۾ حفاظتي شعور کي وڌائڻ ۽ هنگامي حالتن کي مؤثر طريقي سان منهن ڏيڻ جي صلاحيت پيدا ڪرڻ هو.

بقايا عوامي سوچ 04

ن جي سميجا برادري جي قربان سميجو عنايت الله سميجو اڪبر سميجو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ڳوٺاڻن پاران مين چوڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو احتجاج ڪندڙن جو چوڻ هوت ڪاهي ويجهو اسحاق سميجو جا گهرن جي ڊاهڻ واري عمل خلاف سخت احتجاج ڪندي اختيارين کان مطالبو ڪيو ته متاثر خاندان سان انصاف ڪيو وڃي ۽ گهر ڊاهڻ واري معاملي جو نوٽيس وٺي ذميوارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي.

بقايا عوامي سوچ 05

جي پبلڪ هيلٿ کاتي ۾ مبينا ڪرپشن، جعلي بلن ۽ فرضي ترقياتي اسڪيمن بابت سنگين الزام لڳائيندي چيو آهي ته ضلعي ۾ ڪرپشن انتها تي پهچي وئي آهي، سکر ۾ لاڙڪاڻي ڪانپوءِ دادو ڪرپشن جي حوالي سان سنڌ ۾ ٽئين نمبر تي آهي، هنن الزام لڳايو ته پبلڪ هيلٿ کاتي دادو جي ايگزيڪيوٽو انجنيئر عبدالوحيد شيخ جي دور ۾ ڪميشن جو سلسلو 10 سيڪڙو مان وڌي 80 سيڪڙو تائين پهچي ويو آهي، جڏهن ته جعلي بلن ۽ فرضي اسڪيمن ذريعي اربين رپين جي ڪرپشن ڪئي وئي آهي، سندن چوڻ هو ته هلندڙ سال پبلڪ هيلٿ کاتي ۾ هڪ ارب 80 ڪروڙ رپين جا ترقياتي ڪم منظور ٿيا، پر اهي ڪم زمين تي ڪرائڻ بدران ڪاغذن ۾ مڪمل ڏيکاري رقمون هڙپ ڪيون ويون آهن. پارٽي اڳواڻن چيو ته دادو ضلعي جي چئني تعلقن ۾ واٽر سپلاءِ اسڪيمون ۽ فلٽر پلانٽ فعال نه آهن. جنهن سبب عوام صاف پاڻي کان محروم آهي، جڏهن ته سرڪاري خزاني مان عوام جي ٽيڪس جو پيسو مبينا طور ڪوڙن بلن ذريعي ڪيرايو پيو وڃي هنن وڌيڪ الزام هنيو ته عبدالوحيد شيخ اڳ ۾ سنڌ ڪنٽرول اٿارٽي ۾ ملازمت ڪندو هو جنهن بعد پبلڪ هيلٿ کاتي ۾ سپروائيزر طور ڀرتي ٿيو ۽ جلدي انجنيئر جي عهدي تي پهتو هنن سندس تعليمي قابليت ۽ او پي ايس تحت مقرري تي به سوال اٿاريندي چيو ته اهڙي مقرري سپريم ڪورٽ جي حڪمن جي ابتڙ آهي، هنن دعويٰ ڪئي ته عبدالوحيد شيخ پاڻ کي اڳوڻي وڏي وزير سيد قائم علي شاهه ۽ ايم اين اي سيد نفيسه شاهه جو ويجهو ماڻهو ظاهر ڪندو آهي، هنن چيو ته پبلڪ هيلٿ کاتي جي ڪرپشن بابت ٻن چونڊيل ايم اين ايز سردار رفيق جمالي ۽ عرفان ظفر لغاري کي به شڪايتون ڪيون ويون آهن، پر اجا تائين ڪو اثرائتو قدم سامهون نه آيو آهي، پريس ڪانفرنس دوران هنن راڌڻ ۾ صوفي بزرگ دادن فقير جي روضي جي تعمير جو معاملو به اٿاريندي چيو ته روضي جي تعمير لاءِ 9 ڪروڙ رپين جو ٽينڊر جاري ڪيو ويو پر رقم ڪاغذن ۾ خرچ ڏيکاري وئي آهي، جڏهن ته اڄ به درگاهه ڏانهن ويندڙ رستو تباهه حال آهي ۽ روضي جي تعمير مڪمل نه ٿي سگهي آهي. پارٽي اڳواڻن موجب سيڪريٽري پبلڪ هيلٿ سنڌ پاران 27 آڪٽوبر تي جاري ڪيل ليٽر ذريعي انجنيئر عبدالوحيد شيخ، غلام حسين پنهور، سليم رضا ڪنڊ ۽ عبدالمجيد ابڙو خلاف مختلف ڪاتن کي جاچ لاءِ خط لکيا ويا آهن، هنن چيو ته هو گذريل ٽن مهينن کان دادو ضلعي ۾ پبلڪ هيلٿ کاتي جي ڪرپشن خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن، هنن اعلان ڪيو ته پبلڪ هيلٿ کاتي ۾ ڪرپشن خلاف 14 نومبر تي ڪراچي پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويندو، جڏهن ته انجنيئر عبدالوحيد شيخ ۽ سندس عملي خلاف ڪراچي هاءِ ڪورٽ ۾ به درخواست داخل ڪرائي ويندي، پارٽي اڳواڻن مطالبو ڪيو ته پبلڪ هيلٿ کاتي ۾ ڪرپشن جي شفاف ۽ غيرجانبدار جاچ ڪرائي، ذميوارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ دادو ضلعي جي عوام کي پيئڻ جي صاف پاڻي جون سهولتون فراهم ڪيون وڃن.

بقايا عوامي سوچ 06

وئي، ملوث ماڻهن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ ڪين تحفظ فراهم ڪري انصاف ڪيو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 07

اڪائونٽس آفيسر مقرر ڪري ڇڏيو آهي، فنانس کاتي سنڌ پاران جاري ڪيل هڪ نوٽيفڪيشن ۾ ڄاڻايو آهي ته ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيسر ٺٽو غلام قادر ميمڻ کان چارج ڇڏرائي سندس جاءِ تي ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيسر 1 خيرپور عمران خان پيماڻي کي ٽريزري آفيس ٺٽو ۾ نئون ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيسر طور مقرر ڪيو ويو آهي، جڏهن ته غلام قادر ميمڻ کي ٺٽي سميت سجاول جي به اضافي چارج ڏني وئي هئي، ياد رهي ته ڪجهه ڏينهن اڳ ٽريزري آفيس ٺٽو ۾ وڏي پيماني تي ٽيل رشوت خوري ۽ ڪرپشن خلاف ٺٽي ضلعي جي مختلف ڪاتن جي ملازمن پاران جوائنٽ ايڪشن ڪميٽي قائم ڪري احتجاجي مظاهرو ڪري ٽريزري آفيس ٺٽو اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو هو، جنهن ۾ پ ٽ الف، گسٽا، گواز آپڪا ۽ ٻين ملازم تنظيمن جي اڳواڻن پاران ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيسر غلام قادر ميمڻ کان چارج ڇڏائڻ واري فيصلي جي آجيان ڪندي حڪومت کان گهر ڪئي آهي ته ٽريزري آفيس ٺٽو ۾ مقرر ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيسر حسن چنگيزي کي به ضلعي بدر ڪيو وڃي ڇاڪاڻ جو سندس خلاف پڻ وڌيڪ رشوت خوري جون شڪايتون آهن.

بقايا عوامي سوچ 08

مدد ۾ 10 هزار رپين جو چيڪ ڏنو. ان موقعي تي عشر زڪوات ڪميٽي ضلعي ٺٽي جي چيئرمين حاجي عبدالڪريم شورو چيو ته اسان في سبيل الله غريب ماڻهن جي بنا فرق جي خدمت ڪرڻ ۾ مصروف بٽيل آهيون، هن چيو ته مڪلي واسي پورهيت اصغر پٽي جو پٽ رت جي ڪوٽ واري بيماري ٿيليسيميا ۾ مبتلا آهي، جنهن کي هر واري رت چڙهي ٿو جنهن کي 10 هزار رپين جو مالي مدد طور چيڪ ڏنو ويو آهي، جيئن ان جي ٿوري گهڻي مدد ٿي سگهي. هن چيو ته سندن آفيس جا عوام لاءِ هروقت دروزا کليل اهن، جتي عوام جي بنا فرق جي خدمت جاري آهي.

بقايا عوامي سوچ 09

ي مظاهرو ڪيو ويو، جنهن دوران احتجاج ڪندڙن پاران سخت نعريبازي ڪندي ضلعي انتظاميا ۽ لاڳاپيل اختيارين کان مقامي نوجوانن کي روزگار ۾ اوليت ڏيڻ جو مطالبو ڪيو ويو. احتجاج ۾ ملڪ نواز جوکيو، مريم ملاح، نورنبي خاصخيلي، پنهو ملاح ڪينجهرائي، شڪيل احمد جوکيو (صدر ايس يو پي گجو)، رضوان جوکيو، علي محمد جوکيو، شاهد بروهي ۽ بخش علي جوکيو سميت وڏي انگ ۾ بيروزگار نوجوانن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي احتجاج ڪندڙن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ٺٽي ضلعي جا مقامي نوجوان ڊگريون ۽ فني قابليت رکڻ باوجود روزگار لاءِ دربدر آهن، جڏهن ته ڪين پنهنجي ئي ضلعي ۾ روزگار جا مناسب موقعا فراهم نه پيا ڪيا وڃن. هنن چيو ته ضلعي جي مختلف سرڪاري توڙي خانگي ادارن ۾ نوڪرين جي سلسلي ۾ مقامي نوجوانن کي نظرانداز ڪرڻ سبب بيروزگاريءَ ۾ مسلسل اضافو ٿي رهيو آهي. هنن الزام لڳايو ته ٺٽي ضلعي جي مختلف ادارن ۽ منصوبن ۾ روزگار جي موقعن تي ٻاهرين ماڻهن کي ترجيح ڏني پئي وڃي، جڏهن ته هتان جا نوجوان معاشي بدحالي ۽ بيروزگاريءَ جو شڪار آهن. سندن چوڻ هو ته جڏهن ضلعي جا وسيلا، زمينون ۽ قدرتي وسيلا مقامي ماڻهن سان لاڳاپيل آهن ته پوءِ انهن وسيلن مان پيدا ٿيندڙ روزگار جي موقعن تي پهريون حق به مقامي نوجوانن جو هجڻ گهرجي. احتجاج ڪندڙن وڌيڪ چيو ته بيروزگاري صرف نوجوانن جو نه پر هڪ سنگين سماجي ۽ معاشي مسئلو بڻجي چڪي آهي، جنهن سبب ڪيترائي پڙهيل لکيل نوجوان مايوسيءَ جو شڪار ٿي رهيا آهن. حڪومت ۽ ضلعي انتظاميا جي ذميواري آهي ته نوجوانن جي مستقبل کي نظر ۾ رکندي روزگار جا نوان موقعا پيدا ڪري ۽ ڀرتين جي عمل ۾ شفافيت کي يقيني بڻائي. هنن سنڌ حڪومت، ضلعي انتظاميا ٺٽو ۽ چونڊيل نمائندن ۽ لاڳاپيل سرڪاري توڙي خانگي ادارن جي اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته ٺٽي ضلعي ۾ خالي پيل جاين تي مقامي ڊوميسائل ۽ قابليت رکندڙ نوجوانن کي اوليت ڏئي ميرٽ جي بنياد تي ڀرتيون ڪيون وڃن، ٻاهرين ماڻهن جي ڀرتين بابت اٿاريل خدشن جو نوٽيس وٺي شفاف جاچ ڪرائي وڃي ۽ مقامي نوجوانن لاءِ روزگار جا مناسب موقعا فراهم ڪيا وڃن. احتجاج ڪندڙن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن سندن جائز مطالبن تي سنجيدگيءَ سان غور ڪري عملي قدم نه کنيا ويا ته هو پنهنجي حقن لاءِ احتجاج جو دائرو وڌيڪ وسيع ڪرڻ تي مجبور ٿيندا.

بقايا عوامي سوچ 10

ن جو دورو ڪيو ۽ مقامي معززين توڙي سماجي شخصيتن سان ملاقاتون ڪيون. ان موقعي تي وفد ٻڌايو ته المصطفيٰ ويلفيئر سوسائٽي مستقبل ۾ ضلعي ٺٽي اندر پڻ پنهنجي فلاحي خدمتن جو دائرو وڌائڻ ۽ مستحق ماڻهن جي مدد لاءِ مختلف منصوبن تي ڪم ڪرڻ جو ارادو رکي ٿي. وفد ۾ المصطفيٰ ويلفيئر سوسائٽي جو سينيئر نائب صدر محمد الياس ميمڻ، جوائنٽ سيڪريٽري عبدالغفار سعيد ۽ سيڪريٽري اطلاعات معين خان شامل هئا، جڏهن ته المصطفيٰ ٺٽي جو ڪوآرڊينيٽر ملڪ محمد قذافي اعوڻ پڻ ساڻن گڏ هو. دوري دوران وفد جي ميمبرن سنڌ حڪومت جي انساني حقن واري کاتي جي ضلعي فوڪل پرسن الطاف حسين تنيي سان پڻ خصوصي ملاقات ڪئي. ملاقات دوران ضلعي ٺٽي جي مستحق خاندانن، يتيم ٻارن، بي سهارا بزرگن ۽ ضرورت مند ماڻهن جي ڀلائي ۽ بهبود بابت تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. وفد الطاف حسين تنيي کي ٻڌايو ته المصطفيٰ ويلفيئر سوسائٽي مستقبل ۾ ضلعي ٺٽي اندر پڻ فلاحي سرگرمين کي هٿي ڏيڻ ۽ انسانيت جي خدمت جي مختلف منصوبن ذريعي ضرورت مند ماڻهن جي مدد ڪرڻ چاهي ٿي. ان موقعي تي محمد الياس ميمڻ المصطفيٰ مائي هوم ۽ يتيم نياڻين لاءِ شروع ڪيل نئين منصوبي بابت آگاهي ڏني، جڏهن ته عبدالغفار سعيد ٻڌايو ته ادارو يتيم ۽ لاوارث ٻارن جي تعليم، تربيت، رهائش، خوراڪ ۽ علاج معالجي جون ذميواريون پڻ نڀائي ٿو. سيڪريٽري اطلاعات معين خان ٻڌايو ته المصطفيٰ ويلفيئر سوسائٽي چيپل چپن ۽ تالوءَ جي بيماري ۾ مبتلا ٻارن جي مفت سرجري سان گڏ اکين جي موتئي جا آپريشن پڻ مفت ڪري ٿي. ان کان علاوه بي سهارا بزرگ مردن ۽ عورتن لاءِ خاص رهائشي مرڪز پڻ قائم ڪيل آهن. بعد ۾ وفد مختلف هنڌن تي تعارفي پوسٽر لڳائي اندرون سنڌ ۾ المصطفيٰ جي عوامي آگاهي مهم جو آغاز ڪيو جڏهن ته ملڪ محمد قذافي اعوڻ کي انسانيت جي خدمت جي اعتراف ۾ يادگار شيلڊ پڻ پيش ڪئي وئي. ان موقعي تي المصطفيٰ ويلفيئر سوسائٽي جي سرپرست اعليٰ ۽ اڳوڻي وفاقي وزير پيٽروليم ڊاڪٽر حاجي حنيف طيب، صدر ڊاڪٽر عبدالرحيم ۽ جنرل سيڪريٽري احمد رضا طيب جي فلاحي خدمتن کي ساراهيو ويو جڏهن ته ڊاڪٽر حاجي حنيف طيب جي جلد ۽ مڪمل صحتيابي لاءِ خصوصي دعا پڻ گهري وئي

بقايا عوامي سوچ 11

ميڊيا ٽرائل خلاف نيشنل پريس ڪلب ڪنري آڏو احتجاج رڪارڊ ڪرايو ويو. ان موقعي تي جمعيت علماءِ اسلام تعلقي ڪنري جي جنرل سيڪريٽري مولانا عمار خالد ٻين عهديدارن سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته هڪ خانگي ٽي وي چينل پاران ڊرون ڪئميرا ذريعي قائد جمعيت مولانا فضل الرحمان جي گهر جي وڊيو ناهڻ ۽ چادر ۽ چوديواري جي تقدس کي پامال ڪرڻ واري عمل جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪريون ٿا هن چيو ته حڪومت بوکلاهٽ جو شڪار ٿي اهڙن هٿڪنڊن تي لهي آئي آهي، پر انهن هٿڪنڊن ذريعي نه ته مولانا فضل الرحمان کي دٻائي سگهجي ٿو ۽ نه ئي جهڪائي سگهجي ٿو. هن وڌيڪ چيو ته اسان جون پنهنجون مشرقي ۽ اسلامي روايتون آهن. اسلامي جمهوريه پاڪستان لا اله الا الله جي بنياد تي وجود ۾ آيو آهي، جتي چادر ۽ چوديواري، عصمت ۽ عزت جو هڪ خاص تقدس آهي. هن چيو ته هڪ خانگي ٽي وي چينل انهن روايتن جي ڀڃڪڙي ڪندي ڊرون ڪئميرا ذريعي مولانا فضل الرحمان جي گهر جي وڊيو ناهي، جنهن سان اسان جي مشرقي قدرن، روايتن، تقدس ۽ اسلامي معاشرتي اصولن کي نقصان پهچايو ويو آهي. مولانا عمار خالد چيو ته قائد جمعيت مولانا فضل الرحمان، جمعيت علماءِ اسلام جا امير ۽ اڳوڻي وڏي وزير خيبرپختونخواهه مولانا مفتي محمود جا فرزند آهن، جن جون امت مسلمه لاءِ بي پناهه خدمتون ۽ جمعيت جي عالمن جون وڏيون قربانيون آهن. هن چيو ته اهڙي عمل سان جمعيت علماءِ اسلام جي لکين ڪارڪنن ۽ عالمن جي دل آزاري ٿي آهي، جڏهن ته ڪارڪنن ۾ سخت ڪاوڙ ۽ بيچيني پکڙيل آهي. هن حڪومت کان مطالبو ڪيو ته ان عمل ۾ ملوث ٽي وي چينل خلاف فوري ڪارروائي ڪري عالمن ۽ ڪارڪنن ۾ پکڙيل بيچيني ختم ڪئي وڃي

بقايا عوامي سوچ 12

ڳوٺاڻيءَ ۾ ووٽر آگاهي مهم جي سلسلي ۾ دادو جي استاد بخاري گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ۾ آگاهي پروگرام منعقد ڪيو ويو، جنهن ۾ شاگردن کي ووٽ جي اهميت، جمهوري حقن ۽ ذميوارين بابت تفصيلي ڄاڻ فراهم ڪئي وئي. پروگرام دوران شاگردن کي ٻڌايو ويو ته ووٽ هر شهري جو آئيني حق ۽ قومي ذميواري آهي، جڏهن ته باشعور ۽ ذميوار ووٽرئي جمهوري نظام کي مضبوط بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو. ان موقعي تي نوجوانن کي چونڊ عمل ۾ ڀرپور حصو وٺڻ، پنهنجي ووٽ جو صحيح استعمال ڪرڻ ۽ جمهوري قدرن کي هٿي وٺرائڻ بابت پڻ آگاهي ڏني وئي. پروگرام کي وڌيڪ اثرائتو ۽ معلوماتي بڻائڻ لاءِ شاگردن کي پولنگ جي عملي طريقيڪار کان واقف ڪرائڻ خاطر فرضي پولنگ (موڪ پول) جو اهتمام پڻ ڪيو ويو، جنهن ۾ ووٽر جي سڃاڻپ ۽ تصديق، بيلٽ پيپر جاري ڪرڻ، ووٽ جو نشان لڳائڻ ۽ بيلٽ باڪس ۾ ووٽ وجهڻ سميت چونڊ عمل جا سمورا اهم مرحلا عملي طور ڏيکاريا ويا. شاگردن وڏي دلچسپي ۽ جوش سان فرضي پولنگ ۾ حصو ورتو، جنهن سان ڪين مستقبل ۾ ووٽر طور پنهنجي آئيني حقن ۽ ذميوارين کي سمجهڻ جو عملي موقعو مليو. اليڪشن ڪميشن جي هن آگاهي مهم جو مقصد نوجوان نسل ۾ چونڊ عمل بابت شعور پيدا ڪرڻ، ڪين بااختيار بڻائڻ ۽ جمهوري نظام ۾ باخبر، آزاد ۽ ذميوارانه شرڪت جي اهميت اجاگر ڪرڻ آهي. ان موقعي تي پيغام ڏنو ويو ته باشعور ووٽر مضبوط جمهوريت جو بنياد آهي، توهان جو ووٽ توهان جو آواز ۽ توهان جو مستقبل آهي

بقايا عوامي سوچ 13

ي سرگرمين ۾ رڪاوٽن سبب تعليمي صورتحال انتهائي ڳڻتي جوڳي ٿي وئي آهي. ڪيمپس جي آپريشنل رپورٽ ۾ عمارتن کي غير محفوظ قرار ڏيندي انهن ۾ فزيڪل ڪلاسن جو انعقاد بند ڪرڻ ۽ آن لائين تدريسي عمل جاري رکڻ جو انڪشاف ڪيو ويو آهي. رپورٽ موجب عمارتن جي خراب صورتحال سبب شاگردن کي تعليمي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي، جڏهن ته ڪلاسن جي بحالي لاءِ گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج عمرڪوٽ جون عمارتون عارضي طور استعمال ڪرڻ جي تجويز غور هيٺ آهي. ان سلسلي ۾ مفاهمت جي يادداشت (ايم او يو) جو مسودو پڻ تيار ڪيو ويو آهي، جنهن تحت جنوري 2027 ع کان ٻن سالن لاءِ ڪاليج جون عمارتون استعمال ڪرڻ ۽ ان عيوض ماهوار اڍائي لک رپيا ادا ڪرڻ جي تجويز شامل آهي. تنهن هوندي به تجويز ڪيل معاهدي جي منظوري ۽ عملي طور لاڳو ڪرڻ وارو مرحلو اجا مڪمل نه ٿي سگهيو آهي. آپريشنل رپورٽ ۾ ڪيمپس کي درپيش مالي مسئلن جي پڻ نشاندهي ڪئي وئي آهي، جنهن موجب ملازمن کي مڪمل پگهارن ۽ الائونسز جي ادائيگي ۾ ڏکيائيون پيش اچي رهيون آهن، جڏهن ته نين عمارتن جي اڏاوت ۾ دير ۽ مستقل مالي گرانٽ نه ملڻ پڻ ڪيمپس جي ترقي ۽ تعليمي سرگرمين ۾ وڏيون رڪاوٽون بڻيل آهن. رپورٽ ۾ وڌيڪ ڄاڻايو ويو آهي ته ڪيمپس جي ترقياتي منصوبن لاءِ 3 ارب 16 ڪروڙ رپين کان وڌيڪ ماليت جو نظرثاني ٿيل پي سي ون منظوري لاءِ هائير ايجوڪيشن ڪميشن ڏانهن اماڻيو ويو آهي، جنهن جي منظوري ۽ فنڊن جي فراهمي سان ڪيمپس جي بنيادي ڍانچي کي بهتر بڻائڻ ۽ تعليمي سهولتن جي بحالي ممڪن ٿي سگهندي. ٻئي طرف 4 نومبر تي پروفيسر ڊاڪٽر ضياءُ الحسن شاهه عمرڪوٽ ڪيمپس جي پرووائيس چانسلر جو اضافي چارج ڇڏڻ بابت خط جاري ڪندي پنهنجي اصل عهدي، ٽنڊو جام ۾ سوائل سائنس شعبي جي پروفيسر طور ذميواريون ٻيهر سنڀالڻ جو فيصلو ڪيو آهي. زرعي يونيورسٽي عمرڪوٽ ڪيمپس جي موجوده صورتحال شاگردن، والدين ۽ تعليمي حلقن ۾ سخت ڳڻتي پيدا ڪري ڇڏي آهي. تعليمي حلقن مطالبو ڪيو آهي ته ڪيمپس جي غير محفوظ عمارتن جي فوري تعمير ۽ مرمت، مستقل مالي وسيلن جي فراهمي ۽ فزيڪل ڪلاسن جي بحالي لاءِ هنگامي بنيادن تي قدم کنيا وڃن، جيئن شاگردن جو تعليمي مستقبل متاثر ٿيڻ کان بچائي سگهجي

بقايا عوامي سوچ 14

پيشل گيمز 2026 ع اڄ سکر ۾ وڏي جوش ۽ جذبي سان شروع ٿي ويون. صوبائي وزير راندين ۽ نوجوانن جا معاملا سردار محمد بخش خان مهر خاص مهمان طور شرڪت ڪندي راندين جو باقاعده افتتاح ڪيو. افتتاحي تقريب ۾ سيڪريٽري راندين منور علي مهيسر، سيڪريٽري ڪاتو امپاورمينٽ آف پرسنز ود ڊس ايبلٽيز طحه احمد فاروقي، ڊائريڪٽر اسپورٽس اسد اسحاق، ڪمشنر سکر ڊويزن عابد سليم قريشي، ڊپٽي ڪمشنر سکر ۽ گهوٽڪي، ايس ايس پي گهوٽڪي سميت ٻين اعليٰ عملدارن ۽ معزز شخصيتن شرڪت ڪئي. سنڌ اسپيشل گيمز 6 نومبر تائين سکر اسپورٽس ڪلب ۾ جاري رهنديون. جن ۾ سنڌ جي مختلف ضلعن مان 800 کان وڌيڪ خصوصي صلاحيتن وارا رانديگر 10 کان وڌيڪ راندين جي مقابلن ۾ حصو وٺي رهيا آهن. انهن ۾ 550 رانديگر خصوصي ماڻهن جي ڪيٽيگري، جڏهن ته 250 رانديگر اوپن ڪيٽيگري ۾ شامل آهن. خصوصي رانديگرن جي صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ ۽ سندن حوصلا افزائي لاءِ 22 خصوصي اسٽال پڻ قائم ڪيا ويا آهن. ان موقعي تي صوبائي وزير سردار محمد بخش خان مهر خطاب ڪندي چيو ته سنڌ حڪومت خصوصي صلاحيتن رکندڙ ماڻهن کي راندين جي ميدان ۾ اڳتي وڌڻ لاءِ هڪجهڙا موقعا فراهم ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي. هن چيو ته خصوصي ٻارن ۽ نوجوانن ۾ بي پناهه صلاحيتون موجود آهن، جن کي مناسب موقعا ۽ سرپرستي فراهم ڪري وڌيڪ اجاگر ڪري سگهجي ٿو. صوبائي وزير اعلان ڪيو ته خصوصي ماڻهن لاءِ پڻ يوٿ ڪارڊ جاري ڪيا ويندا ۽ ڪوشش ڪئي ويندي ته يوٿ ڪارڊ جي منصوبي ۾ خصوصي ماڻهن لاءِ پڻ مخصوص ڪوٽا رکي وڃي. هن وڌيڪ اعلان ڪيو ته ايندڙ سنڌ اسپيشل گيمز حيدرآباد ۾ منعقد ڪرايون وينديون ۽ سنڌ جي ٻين ڊويزنن ۾ پڻ اهڙن پروگرامن جي انعقاد لاءِ ڪوششون ڪيون وينديون. هن چيو ته سال 2025 ع ۾ پهريون پيرو ڪراچي ۾ اهڙو ايونٽ منعقد ڪيو ويو، جڏهن ته هن سال سکر ۾ سنڌ اسپيشل گيمز منعقد ڪيون پيون وڃن. صوبائي وزير ڪمشنر سکر، ميئر سکر ۽ چيئرمين ضلعي ڪائونسل سکر تي زور ڀريو ته خصوصي ماڻهن لاءِ هڪ الڳ مخصوص پارڪ قائم ڪرڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪن. جيئن ڪين تفريح ۽ مثبت سرگرمين جا بهتر موقعا ملي سگهن. هن چيو ته سندس ڪوشش هوندي ته سنڌ جي هر شهر ۾ خصوصي ٻارن لاءِ الڳ پارڪ قائم ڪيا وڃن. هن پاڪستان جي ويل چيئر ڪرڪيٽ ٽيم جي ڪارڪردگي کي ساراهيندي چيو ته پاڪستان جي ويل چيئر ڪرڪيٽ ٽيم ڀارت جي ٽيم کي شڪست ڏئي ملڪ لاءِ فخر جو ڪارڻ بڻي آهي. هن خواهش ظاهر ڪئي ته سمورن صوبن جي باصلاحيت ڪرڪيٽرن کي قومي ڪرڪيٽ ٽيم ۾ نمائندگي جا موقعا فراهم ڪيا وڃن. هن پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ جي چيئرمين محسن نقوي کي پڻ درخواست ڪئي ته ريجنل ڪرڪيٽ کي وڌيڪ هٿي ڏني وڃي ۽ ڊوميسٽڪ ڪرڪيٽ جي نظام کي مضبوط بڻائڻ لاءِ وڌيڪ ڪم ڪيو وڃي، جيئن سنڌ جي نوجوانن کي پنهنجي صلاحيتن جو مظاهرو ڪرڻ جا مناسب موقعا ملي سگهن. هن چيو ته سنڌ جي نوجوانن جي حق ۾ آواز اٿاريو ويندو ۽ سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سان پڻ سنڌ جي پنهنجي ڪرڪيٽ بورڊ قائم ڪرڻ جي امڪان بابت ڳالهه ٻولهه ڪئي ويندي. سردار محمد بخش خان مهر وڌيڪ اعلان ڪيو ته ان شاءَ الله ايندڙ سنڌ گيمز سکر ۾ منعقد ڪرايون وينديون. هن سيڪريٽري راندين کي هدايت ڪئي ته سکر اسپورٽس ڪمپليڪس جو دورو ڪري اتي جاري ترقياتي ڪمن جو جائزو وٺي تفصيلي رپورٽ پيش ڪئي وڃي. هن چيو ته سنڌ حڪومت راندين جي ترقي ۽ خصوصي صلاحيتن رکندڙ ماڻهن جي حوصلا افزائي لاءِ عملي قدم جاري رکندي، جيئن اهي رانديگر قومي سطح تي پنهنجي صلاحيتن جو ڀرپور مظاهرو ڪري سگهن. ان کان اڳ سيڪريٽري ڪاتو امپاورمينٽ آف پرسنز ود ڊس ايبلٽيز طحه احمد فاروقي ۽ سيڪريٽري يوٿ افيئرز اينڊ اسپورٽس منور علي مهيسر پنهنجي خطاب ۾ چيو ته ٻنهي ڪاتن پاران خصوصي ٻارن لاءِ راندين جا پروگرام منعقد ڪرائڻ ۾ ڀرپور سهڪار جاري آهي. هنن صوبائي وزير کان درخواست ڪئي ته حيدرآباد، شهيد بينظيرآباد ۽ سنڌ جي ٻين ڊويزنن ۾ پڻ اهڙن پروگرامن جي انعقاد لاءِ سهڪار فراهم ڪيو وڃي. تقريب ۾ ايڊيشنل سيڪريٽري ڊاڪٽر اسد اسحاق، ڪمشنر سکر عابد سليم قريشي، ڊپٽي ڪمشنر نادر شهزاد خان، سيڪشن آفيسر علي ڏنو گوپانگ، ڊائريڪٽر اسپيشل ايجوڪيشن سکر عبدالقدوس ميمڻ، ڊائريڪٽر اسپورٽس سکر مير محمد ڪلهوڙو، ڊپٽي ڊائريڪٽر اسپورٽس اخلاق ميمڻ، ايونٽ فوڪل پرسن پروفيسر سيد رئيس حيدر، ڊائريڪٽر انفارميشن سکر غلام عباس گورائهو ڊائريڪٽر اسپيشل ايجوڪيشن خيرپور حفيظ الله شيخ سميت مختلف لاڳاپيل ڪاتن جا عملدار پڻ موجود هئا.

بقايا عوامي سوچ 15

ٽن جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو. گرفتار جوابدارن جي قبضي مان 90 هزار 500 گٽڪي ۽ مين پڙي جون پڙيون، ٻه ڪارون، ٻه موبائل فون ۽ 5 هزار رپيا روڪ رقم هٿ ڪئي وئي. تفصيل موجب، ايس ايس پي عمرڪوٽ سهائي عزيز ٽالپر QPM، PSP جي خاص هدايتن تي ضلعي ۾ صحت لاءِ نقصانڪار گٽڪي ۽ مين پڙي جي غيرقانوني ڪاروبار خلاف زيرو ٽالرنس پاليسي تحت ڪارروايون جاري آهن. ان سلسلي ۾ عمرڪوٽ سٽي ٿاڻي جي پوليس ڪارروائي ڪندي ٽن جوابدارن رائمل ولد بيڙو ڀيل، پرڪاش ولد سويو ڀيل ۽ سويو ولد جوڙهيو ڀيل کي گرفتار ڪري ورتو. پوليس موجب گرفتار جوابدار تعلقي شهدادپور، ضلعي سانگهڙ جي علائقي برهون جا رهواسي آهن. پوليس جوابدارن جي قبضي مان آداب جا 850 پيڪٽ هٿ ڪيا، جن ۾ 85 هزار پڙيون شامل آهن، جڏهن ته سفينه جا 50 پيڪٽ پڻ هٿ ڪيا ويا، جن ۾ 5 هزار 500 پڙيون موجود هيون. ان کان علاوه 5 هزار رپيا روڪ رقم، ٻه موبائل فون، اڇي رنگ جي ليانا ڪار نمبر ALW_2930 ۽ اڇي رنگ جي ڪوري ڪار نمبر AACV_691 پڻ تحويل ۾ ورتيون ويون. پوليس موجب گرفتار جوابدارن خلاف عمرڪوٽ سٽي ٿاڻي تي ڪيس نمبر 278/2026، سنڌ گٽڪا ۽ مين پڙي ايڪٽ 2019 جي قلم 4، 5 ۽ 8 تحت داخل ڪري وڌيڪ قانوني ڪارروائي شروع ڪئي وئي آهي. ان موقعي تي ايس ايس پي عمرڪوٽ سهائي عزيز ٽالپر چيو ته نوجوان نسل کي گٽڪي ۽ مين پڙي جي هاڃيڪار اثرن کان بچائڻ ۽ عوام جي صحت جو تحفظ يقيني بڻائڻ لاءِ غيرقانوني ڪاروبار ۾ ملوث عنصرن خلاف بنا ڪنهن فرق جي قانوني ڪارروايون جاري رهنديون

بقايا عوامي سوچ 16

قريب ڪوٺائي وئي جنهن ۾ گستا اڳواڻ حافظ عبدالرزاق ميمڻ الطاف حسين سهتو فياض مري پروفيسر نذير احمد پنيرو وقار شيخ ڪامران ميراڻي لياقت فردوسي آفتاب پنيرو انور شيخ قاضي راز علي صمد پنيرو فتاح ڏاهري امتياز علي ۽ ٻين شرڪت ڪئي تقريب ۾ پروفيسر عبدالسميع پنيرو دلبر چندي حزب الله شا غلام شبير سمون کي بوسڪي جا پٽڪا پارايا ويا جڏهن ته گستا اڳواڻن لعل ميراڻي حافظ عبدالرزاق ميمڻ الطاف حسين سهتو قاضي راز علي ۽ ٻين پروفيسر عبدالسميع پنيرو سميت آيل مهمانن کي سنڌي اجرڪ لونگين هارن جا تحفا پيش ڪيا گلن جي ورکا ڪئي ان موقعي تي پروفيسر عبدالسميع پنيرو تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته خيرپور ضلعي ۾ تعليم جي بهتري لاءِ ڪوششون جاري رهنديون نون استادن جي ميرٽ تي مقرري سان سنڌ جي تعليم وڌيڪ ترقي ڪندي گستا اڳواڻن پنهنجي خطاب ۾ پروفيسر عبدالسميع پنيرو جي تعليمي خدمتن جي ساراهه ڪئي کيس خراج تحسين پيش ڪيو آخر ۾ مهمانن کي بهترين ۽ لذيذ کاڌن واري لنچ ڪرائي وئي

بقايا عوامي سوچ 17

اٿي جي اڳيان احتجاج جاري تحقيقات جو مطالبو. تفصيل موجب محرابپور محراب عيد گاهه محلي جي رهائشي نوجوان اڪبر ڪمبوه محرابپور پوليس طرفان بااثر ماڻهن سان ملي ڪري بلاجواز تنگ ڪرڻ تي تنگ ٿي ڪري زهر واريون گوريون کائي زندگي جو ڏيئو اجهائي ڇڏيو اسپتال ۾ وارثن احتجاج ڪندي ٻڌايو ته نظر اعوان نالي شخص گيس ميٽر جي بهاني اڪبر ڪمبوه کي تنگ ڪيو ۽ ڊي ايس پي محرابپور فتح محمد اعوڻ ذريعي پوليس ان کي پڪڙي ٽارچر ڪيو مسلسل حراسان ڪرڻ تي ان خودڪشي ڪري ڇڏي وارثن ٻئي ڏينهن به ٿاڻي جي اڳيان احتجاج ڪيو نوجوان کي خودڪشي ڪرڻ تي مجبور ڪرڻ وارن جي خلاف قانوني ڪارروائي جو مطالبو ڪيو سنڌ پوليس جاويد عالم اوڍو ڊي آئي جي شهيد بينظير آباد فيصل بشير ميمڻ ايس ايس پي نوشهرو فيروز مير روحل کوسو نوٽس وٺي انصاف ڪري،

بقايا عوامي سوچ 18

مان 6 ورهين جي نينگريءَ جو لاش هٿ آيو : پوليس فوتي نينگريءَ جي سڃاڻپ 6 ورهين جي امينه ڌيءَ اسماعيل طور ٿي آهي اطلاع ملڻ تي ايس ايڇ او سچل پوليس ٽيم سميت واقعي واري هنڌ پهچي ويو والدين جي بيان موجب نينگري گهر ٻاهران راند ڪري رهي هئي ته ان دوران سندس ڳچيءَ ۾ رئو ويڙهجي وڃڻ سبب ساهه ٻوساجڻ ڪري فوت ٿي وئي واقعي واري هنڌ ڪرائم سين يونٽ کي طلب ڪيو ويو، جڏهن ته لاش پوسٽ مارٽم لاءِ اسپتال منتقل ڪيو پيو وڃي پوليس

بقايا عوامي سوچ 19

بابت پتي معيار ختم ڪرڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو آهي. ڪمند جي آبادگار ڊاڪٽر علي رضا ميرجت پنهنجي لکيل بيان ۾ چيو آهي ته وفاقي حڪومت پاران 26 آڪٽوبر 2026 ع تي ڪٽڪ جو امدادي اگهه 4500 رپيا في 40 ڪلوگرام مقرر ڪرڻ ڪانپوءِ اهو سوال پيدا ٿئي ٿو ته جيڪڏهن حڪومت ڪٽڪ جو اگهه مقرر ڪري سگهي ٿي ته پوءِ ڪمند جي آبادگارن لاءِ ساڳيو قدم ڇو نه ٿي کڻي؟ ڊاڪٽر علي رضا ميرجت جو چوڻ آهي ته گذريل ٻن سالن کان سنڌ جي ڪمند جي آبادگارن کي آءِ ايم ايف جي شرطن جو جواز ڄاڻائي گهٽ ۾ گهٽ خريداري اگهه مقرر نه ڪرڻ بابت آگاهه ڪيو پئي ويو، جڏهن ته هاڻي ڪٽڪ جو اگهه مقرر ٿيڻ سان حڪومتي پاليسيءَ ۾ تضاد سامهون آيو آهي. هن چيو ته شوگر فيڪٽريز ڪنٽرول ايڪٽ 1950 ع ۽ سنڌ ۾ 2009 ع واري ترميم تحت صوبائي حڪومت کي ڪمند جو گهٽ ۾ گهٽ خريداري اگهه مقرر ڪرڻ جو اختيار حاصل آهي. هن وڌيڪ چيو ته سنڌ شگرڪين ڪنٽرول بورڊ جي اجلاس ۾ آبادگارن پاران ڪمند جي پيداواري لاڳت 650 رپيا في 40 ڪلوگرام ٻڌائي وئي، جڏهن ته حڪومتي نمائندن طرفان 570 رپيا في 40 ڪلوگرام جي تجويز سامهون آئي آهي. ڊاڪٽر علي رضا ميرجت مطالبو ڪيو ته ڪمند جي حقيقي پيداواري خرچن ۽ آبادگارن جي مناسب منافعي کي نظر ۾ رکندي 2026 ع_27 ع جي ڪرشنگ سيزن لاءِ فوري طور مناسب اگهه مقرر ڪيو وڃي. هن وفاقي حڪومت کان مطالبو ڪيو ته آءِ ايم ايف سان ڪيل معاهدن ۽ انهن ۾ شامل شرطن کي عوام آڏو ظاهر ڪيو وڃي ۽ وضاحت ڪئي وڃي ته ڪٽڪ جو اگهه مقرر ڪرڻ ۾ ڪا رڪاوٽ نه آهي ته پوءِ ڪمند جي اگهه بابت ڪهڙي رڪاوٽ آهي؟ هن سنڌ حڪومت کان اهو به مطالبو ڪيو ته شگر ملن کي وقت سر ڪرشنگ شروع ڪرڻ، ڪمند جو صحيح وزن ڪرڻ ۽ آبادگارن کي بروقت ادائيگيون يقيني بڻائڻ جو پابند بڻايو وڃي، جڏهن ته گذريل ڪرشنگ سيزن دوران آبادگارن کي پهتل نقصانن جي به شفاف جاچ ڪرائي وڃي. ڊاڪٽر علي رضا ميرجت جو چوڻ هو ته سنڌ جا آبادگار ڪنهن کان خيرات نٿا گهرن، پر پنهنجي محنت، زمين، پاڻي، پاڻ، مزدوري ۽ سيڙپڪاريءَ جو جائز معاوضو گهرن ٿا. هن سنڌ حڪومت ۽ وفاقي حڪومت کان مطالبو ڪيو ته ڪمند جي آبادگارن سان ٿيندڙ معاشي ناانصافي ختم ڪري ڪين شگر مل مالڪن جي رحم ڪرم تي ڇڏڻ بدران قانون موجب تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا عوامي سوچ 20

زرداري ۽ ليڊيزونگ جي مرڪزي صدر ايم پي اي فريال ٽالپر جي ويزن موجب سنڌ جي اڳوڻي صوبائي گهرو وزير ايم پي اي سهيل انور سيال جي ڀاءُ ڏڙي ٽائون جي چيئرمين شاهه رخ انور سيال طرفان 500 کان وڌيڪ مستحق ماڻهن وچ ۾ سولر پليٽون، بيٽريون، سلائي مشينون، ليپ ٽاپ ۽ ٻيو ضروري سامان ورهائڻ واري 3 روزه تقريب ڪوٺائي وئي. ان موقعي تي تقريب جي پهرين ڏينهن ڪيترن ئي مستحق عورتن ۽ مردن کي سولر پليٽون ۽ بيٽريون ڏنيون ويون. ميڊيا سان ڳالهائيندي ٽائون چيئرمين شاهه رخ انور سيال چيو ته پارٽي قيادت جي ويزن مطابق شهرين جي هر ممڪن مدد ۽ خدمت ڪئي پئي وڃي، ان سلسلي ۾ اڄ اسان مستحق ماڻهن وچ ۾ سولر پليٽون، بيٽريون، سلائي مشينون، جڏهن ته شاگردن ۽ شاگردياڻين وچ ۾ ليپ ٽاپ ورهائڻ واري تقريب منعقد ڪري ڪين سامان ڏنو ويو آهي، جيڪو سلسلو ايندڙ ٻن ڏينهن تائين جاري رهندو. هن چيو ته شهرين جي خدمت وارو عمل شروع کان ئي جاري آهي، جنهن ۾ هن وقت تيزي آندي وئي آهي، جڏهن ته اسان چاهيون ٿا ته بجلي جي ڏکي لوڊشيڊنگ دوران غريب خاندانن سان واسطو رکندڙ ماڻهن جي گهرن ۾ هوا ۽ روشني بحال رهي ته جيئن هو سک سان رهي سگهن. ان موقعي تي پ پ پ اڳواڻ غلام رسول لغاري، علي رضا سومرو، محمد يوسف ڏيٽو، محمد صديق ڪوريجو، مير اختر بروهي ۽ ٻيا پڻ موجود هئا.

بقايا عوامي سوچ 21

يم حاصل ڪرڻ تي مجبور آهن اسڪول جي تباهه ٿيل عمارت جي ٻيهر تعمير،فرنيچر ۽ بنيادي تعليمي سهولتن جي فراهمي لاءِ ڳوٺاڻن،شاگردن ۽ استادن پاران احتجاجي مظاهرو ڪري تعليم کاتي ۽ ضلعي انتظاميا خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي ان موقعي تي احتجاج جي اڳواڻي ڪندڙ ڳوٺاڻن الطاف جاگيراڻي،امتياز جاگيراڻي ۽ ٻين چيو ته سال 2010 ع ۾ آيل برساتن ۽ ٻوڏ دوران ڳوٺ جي پرائمري اسڪول جي عمارت مڪمل طور تباهه ٿي وئي هئي جنهن کي 16 سال گذرڻ باوجود اڄ ڏينهن تائين ٻيهر مرمت ناهي ڪرائي وئي اسڪول جي عمارت نه هجڻ ڪري ٻارڙن جي تعليم سخت متاثر ٿي رهي آهي پر افسوس جو تعليم کاتي جي لاڳاپيل اختيارين اجا تائين هن اهم مسئلي ڏانهن ڪو به ڌيان نه ڏنو آهي هنن چيو ته اسڪول ۾ نه ويهڻ لاءِ ڪا مناسب عمارت آهي نه ئي شاگردن لاءِ بينچون،ڊيسڪون ۽ ٻيو ضروري فرنيچر موجود آهي جڏهن ته تدريسي عمل لاءِ گهربل بنيادي سهولتون به اڻلڀ آهن نتيجي ۾ معصوم ٻارڙا سخت گرمي،سردي ۽ ٻين موسمي سختين باوجود کليل آسمان هيٺ ويهي تعليم حاصل ڪرڻ تي مجبور آهن اسڪول جي اهڙي صورتحال سبب نه رڳو شاگردن جي پڙهائي متاثر ٿي رهي آهي پر سندن تعليمي مستقبل پڻ خطري ۾ پئجي ويو آهي احتجاج ڪندڙن وڌيڪ چيو ته سنڌ حڪومت پاران تعليم جي واڌاري،اسڪولن جي بهتري ۽ هر ٻار تائين تعليم پهچائڻ جون دعوائون ته ڪيون وڃن ٿيون پر عملي طور ڳوٺ غلام مصطفيٰ جاگيراڻي جا ٻار بنيادي تعليمي سهولتن کان به محروم آهن هڪ سرڪاري پرائمري اسڪول جي عمارت جو 16 سالن تائين ٻيهر تعمير نه ٿيڻ لاڳاپيل تعليمي اختيارين ۽ ضلعي انتظاميا جي ڪارڪردگيءَ تي وڏو سواليا نشان آهي هنن چيو ته تعليم هر ٻار جو بنيادي حق آهي ۽ حڪومت جي ذميواري آهي ته ڳوٺاڻن علائقن جي ٻارن کي به شهري علائقن جهڙيون تعليمي سهولتون فراهم ڪري پر سندن ڳوٺ جا معصوم ٻارڙا سالن کان اسڪول جي عمارت ۽ ٻين بنيادي سهولتن جي انتظار ۾ آهن جيڪڏهن اسڪول جي عمارت جلد تعمير نه ڪرائي وئي ته ايندڙ وقت ۾ وڌيڪ ٻار تعليم کان محروم ٿيڻ جو خدشو آهي احتجاج ڪندڙ ڳوٺاڻن،شاگردن ۽ استادن سنڌ جي صوبائي وزير تعليم سردار شاهه،ضلعي انتظاميا سکر،تعليم کاتي جي اعليٰ اختيارين ۽ تڪ جي چونڊيل نمائندن کان پرزور مطالبو ڪيو ته ڳوٺ غلام مصطفيٰ جاگيراڻي جي پرائمري اسڪول جي تباهه ٿيل عمارت جو هنگامي بنيادن تي نوٽيس وٺي نئين عمارت جي تعمير،شاگردن لاءِ فرنيچر، پيئڻ جي صاف پاڻي سميت بنيادي سهولتن ۽ گهربل تدريسي عملي جي فراهمي يقيني بڻائي وڃي جيئن معصوم ٻارڙا تحفظ واري ماحول ۾ تعليم حاصل ڪري سگهن هنن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن سندن جائز مطالبن تي ترت عمل نه ڪيو ويو ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو ڇاڪاڻ ته ڳوٺ جي ٻارن جي مستقبل سان وڌيڪ ناانصافي برداشت نه ڪئي ويندي

بقايا عوامي سوچ 22

ته نئين بس ٽرمينل تي سيڪيورٽي،مسجد،روشني ۽ ٻين ضروري سهولتن جو انتظام نه هجڻ سبب مسافر سخت پريشانين کي منهن ڏئي رهيا آهن هنن چيو ته ٽرمينل تي مسافرن جي سهولت ۽ تحفظ لاءِ مناسب انتظامي بندوبست پڻ موجود ناهي مظاهرين جو چوڻ هو ته مختلف بس اڏن سان لاڳاپيل ماڻهو مسافرن کي تنگ ۽ پريشان ڪن ٿا جڏهن ته رات جي وقت روشني جو مناسب انتظام نه هجڻ سبب سڄو ٽرمينل اونداهي ۾ ٻڏل رهي ٿو جنهن ڪري مسافرن جي جان ۽ مال جي تحفظ بابت خدشا وڌي رهيا آهن هنن وڌيڪ چيو ته سنڌ ۽ پنجاب کي ملائيندڙ هي اهم بس ٽرمينل مسافرن جي اچ وڃ لاءِ وڏي اهميت رکي ٿو پر بنيادي سهولتن جي اڻهوند سبب مسافرن کي سخت مشڪلاتن پيش اچي رهيون آهن احتجاج ڪندڙن ڊپٽي ڪمشنر سکر،ضلعي انتظاميا ۽ لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو ته بس ٽرمينل تي سيڪيورٽي،روشني،مسجد ۽ ٻين بنيادي سهولتن جي فراهمي يقيني بڻائي وڃي جڏهن ته انتظامي بدانتظامي جو فوري نوٽيس وٺي مسافرن کي درپيش مسئلا حل ڪيا وڃن

بقايا عوامي سوچ 23

سي سي آءِ اي پاران جاري ڪيل نوٽيس خلاف داخل آئيني درخواست تي ڪمپني خلاف ڪارروائي کان روڪي ڇڏيو. عدالت درخواستگذار ڪمپني کي اين سي سي آءِ اي جي انڪوائري ۾ سهڪار ڪرڻ ۽ پنهنجو بيان رڪارڊ ڪرائڻ جي هدايت ڪندي ايندڙ ٻڌڻي تي جاچ ۾ اڳڀرائي بابت رپورٽ پڻ طلب ڪري ورتي. عدالت ڪيس جي وڌيڪ ٻڌڻي 20 جنوري تائين ملتوي ڪري ڇڏي. ٻڌڻي دوران درخواستگذار نجي ڪمپني جي وڪيل حيدر وحيد ايڊووڪيٽ موقف اختيار ڪيو ته اين سي سي آءِ اي پاران جوا، سٽو ۽ پونزي انويسٽمينٽ اسڪيم جي بنياد تي انڪوائري شروع ڪئي وئي آهي، جڏهن ته هي معاملو اين سي سي آءِ اي جي اختيار واري دائري ۾ نٿو اچي. وڪيل چيو ته اين سي سي آءِ اي پيڪا ايڪٽ تحت قائم ڪئي وئي آهي ۽ اها صرف سائبر ڪرائيم سان لاڳاپيل معاملن کي ڏسي سگهي ٿي، مني لانڊرنگ جو معاملو اين سي سي آءِ اي جي اختيار ۾ نٿو اچي. حيدر وحيد ايڊووڪيٽ جو چوڻ هو ته درخواستگذار ڪمپني جو ڪم مالي سرگرمين سان لاڳاپيل آهي ۽ اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان ڪمپني کي لاڳاپيل پليٽ فارم لاءِ لائسنس پڻ جاري ڪيو آهي. هن چيو ته ڪمپني جو ڪم مني لانڊرنگ جي نگراني يا ان کي روڪڻ ناهي، پر عوام کي مالي سهولت فراهم ڪرڻ لاءِ پليٽ فارم مهيا ڪيو ويو آهي. درخواست ۾ ڊي جي اين سي سي آءِ اي ۽ انڪوائري آفيسر رانا فيصل منير کي ڌر بڻايو ويو آهي. عدالت اين سي سي آءِ اي کي درخواستگذار خلاف ڪارروائي کان روڪيندي ايندڙ ٻڌڻي تي انڪوائري بابت اڳڀرائي رپورٽ پيش ڪرڻ جو حڪم ڏنو

بقايا عوامي سوچ 24

تي ٻڌل موسمياتي مالي سهڪار جي ضرورت تي زور ڏنو آهي. ڪراچي ۾ ٻن ڏينهن واري سنڌ انرجي اينڊ ڪلائميٽ ڪانفرنس 2026 جي پهرين ڏينهن "سنڌ جو توانائي ۽ موسمياتي منظرنامو: امڪان، چئلينج ۽ منصفاڻي منتقلي جو رستو" جي عنوان سان پينل بحث ٿيو جنهن ۾ توانائي، تحقيق، ترقياتي شعبي ۽ سول سوسائٽي سان لاڳاپيل ماهرن شرڪت ڪئي. پينل جي ميزباني CSSP جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر ۽ جسٽ انرجي ٽرانزيشن جي پروگرام ليڊ زارا آغا ڪئي، جڏهن ته پينل ۾ CSSP جي نور محمد باجراڻي، آلٽرنيٽ ڪليڪٽو جي ڊائريڪٽر ريسرچ زين مولوي، دي نالج فورم جي شريڪ باني ۽ ڊائريڪٽر زينيا شوڪت، آغا خان يونيورسٽي جي اسسٽنٽ پروفيسر ڊاڪٽر سنيلا ڪمار ۽ انڊس ڪنسورشيم جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر حسين جروار شرڪت ڪئي. مقررن چيو ته سنڌ ۾ هوا، شمسي، گئس ۽ ٿرمل توانائي جا وسيع وسيلا موجود هجڻ باوجود ٻهراڙي ۽ پٺتي پيل علائقن جي وڏي آبادي کي اڃا تائين قابل اعتماد بجلي دستياب ناهي. رڳو بجلي جي پيداوار وڌائڻ بدران توانائي جي نظام ۾ بنيادي سڌارن، غيرمرڪزي منصوبن ۽ مقامي ضرورتن موجب جامع منصوبابندي جي ضرورت آهي. پينل ۾ ورلڊ بينڪ جي هڪ تحقيق جو حوالو ڏيندي چيو ويو ته سنڌ جي توانائي جون ضرورتون غيرمرڪزي نظام ذريعي پوريون ڪرڻ جي وڏي گنجائش موجود آهي. ماهرن موجب مائڪرو گرڊز ۽ مني گرڊز انهن علائقن ۾ بجلي جي فراهمي جو مؤثر ذريعو بڻجي سگهن ٿا، جتي قومي گرڊ کي وڌائڻ ڏکيو يا مهانگو آهي. ماهرن چيو ته اهڙن نظامن لاءِ ضابطا ناهڻ سان گڏ عوامي مشاورت به ضروري آهي، جڏهن ته عملي طور تي منصوبن جي نفاذ ۾ مالي وسيلن جي کوٽ هڪ وڏي رڪاوٽ آهي. وڏن توانائي منصوبن ۾ سيڙپڪاري کان اڳ مقامي سطح تي بجلي جي حقيقي طلب ۽ ضرورتن جو درست اندازو لڳائڻ تي پڻ زور ڏنو ويو دي نالج فورم جي شريڪ باني ۽ ڊائريڪٽر زينيا شوڪت چيو ته سنڌ جي توانائي جي صلاحيت کي صوبي جي وڏي ٻهراڙي ۽ زراعت تي ڀاڙيندڙ آبادي جي حقيقي ضرورتن سان ڳنڍڻ ضروري آهي. هن چيو ته مختلف طبقن موجب ورهايل ۽ قابل اعتماد انگن اکرن جي کوٽ سبب عدم مساوات وڌي رهي آهي، جنهن جو سڀ کان وڌيڪ بار عورتن کي برداشت ڪرڻو پوي ٿو هن ڪي اليڪٽرڪ جي هڪ رپورٽ جو حوالو ڏيندي چيو ته لڳ ڀڳ ڏيڍ ڪروڙ ماڻهو روزانو 12 کان 13 ڪلاڪن تائين لوڊشيڊنگ کي منهن ڏين ٿا، جنهن سبب عورتن جي پاڻي تائين رسائي، صحت ۽ صفائي جون سهولتون پڻ متاثر ٿين ٿيون. مقررن توانائي منصوبن کان متاثر ٿيندڙ مقامي آبادي کي فيصلا سازي ۾ شامل نه ڪرڻ تي پڻ ڳڻتي ظاهر ڪئي. هنن چيو ته اڪثر متاثر ماڻهن سان منصوبي جي منصوبابندي يا تعمير مڪمل ٿيڻ کان پوءِ مشاورت ڪئي وڃي ٿي، جنهن ڪري ڪين فيصلن تي اثرانداز ٿيڻ جو حقيقي موقعو نٿو ملي. ماهرن آزاد، اڳواٽ ۽ باخبر رضامندي (FPIC) جي اصول کي مقامي آبادي جي شموليت، منصوبن تي مقامي ملڪيت ۽ انهن جي فائدن ۾ منصفاڻي حصي کي يقيني بڻائڻ لاءِ اهم قرار ڏنو. موسمياتي موافقت بابت آغا خان يونيورسٽي جي ڊاڪٽر سنيلا ڪمار چيو ته موسمياتي تبديلي جا اثر سنڌ جي ڪيترن ئي گهرن کي پنهنجا روزگار جا ذريعا تبديل ڪرڻ تي مجبور ڪري رهيا آهن. هن سوال اٿاريو ته موجوده موسمياتي موافقت جا قدم ڇا واقعي متاثر آبادي جي ضرورتن کي پورو ڪري رهيا آهن؟هن چيو "جيڪو اسان لاءِ آهي، ان ۾ اسان شامل ئي ناهيون، ته پوءِ اهو اسان لاءِ ڪيئن ٿيو؟"موسمياتي مالي سهڪار بابت انڊس ڪنسورشيم جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر حسين جروار چيو ته 2022 ع جي ٻوڏ پاڪستان جي موسمياتي مالي ضرورتن کي عالمي سطح تي اجاگر ڪيو پر قرضن جي صورت ۾ ملندڙ مالي سهڪار اڳ ئي معاشي مشڪلاتن کي منهن ڏيندڙ ملڪن تي قرضن جو وڌيڪ بار وجهي ٿو هن مطالبو ڪيو ته موسمياتي مالي سهڪار قرضن بدران گرانٽس جي صورت ۾ فراهم ڪيو وڃي ۽ ان کي موسمياتي انصاف جي اصولن موجب ترتيب ڏنو وڃي. هن عالمي مالياتي ادارن، جن ۾ آءِ ايم ايف ۽ ورلڊ بينڪ شامل آهن، کان موسمياتي فنانس جي موجوده طريقيڪار تي نظرثاني ڪرڻ جو مطالبو پڻ ڪيو ماهرن چيو ته سنڌ ۾ توانائي ۽ موسمياتي منصوبابندي جو مرڪز رڳو توانائي جي پيداوار يا وڏن منصوبن جي تعمير نه هجڻ گهرجي، پر ان جو بنيادي مقصد عام شهرين، خاص طور ٻهراڙي، گهٽ آمدني وارن ۽ موسمياتي تبديلي کان متاثر گهرن کي قابل اعتماد توانائي، معاشي موقعا ۽ بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ هجڻ گهرجي. ڪانفرنس ۾ مائڪرو گرڊز ۽ مني گرڊز جهڙن غيرمرڪزي توانائي نظامن کي هٿي ڏيڻ، توانائي منصوبن کان اڳ حقيقي طلب جو جائزو وٺڻ، منصوبابندي جي شروعاتي مرحلي کان مقامي آبادي کي شامل ڪرڻ، موسمياتي موافقت جي قدمن کي مقامي ضرورتن سان هم آهنگ ڪرڻ ۽ موسمياتي مالي سهڪار کي گرانٽ تي ٻڌل بڻائڻ جا مطالبا ڪيا ويا.

بقايا عوامي سوچ 25

مت پنهنجي اهڙين حرڪتن کان باز اچي هنن چيو ته اسان کي حڪم ٿيو ته لکين ڪارڪن مولانا فضل الرحمان جي حمايت ۾ روڊن تي ايندا

بقايا عوامي سوچ 26

جي ترقي لاءِ لاڳاپيل ڌرين کان تجويزون ۽ رايا طلب، جامشورو: ڊائريڪٽوريٽ آف اربن ريجنل پاليسي اينڊ اسٽريٽجڪ پلاننگ، پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ، حڪومت سنڌ جي سهڪار سان جامشوري جي ڊولپمينٽ ماسٽر پلان بابت آگاهي ۽ مشاورتي سيمينار ڊپٽي ڪمشنر جامشورو غضنفر علي قادري جي صدارت هيٺ دربار هال جامشورو ۾ منعقد ٿيو سيمينار جو مقصد جامشوري جي تجويز ڪيل ڊولپمينٽ ماسٽر پلان بابت لاڳاپيل ڌرين کي آگاهي فراهم ڪرڻ، مستقبل جي شهري ۽ علائقائي ترقي لاءِ سندن تجويزون ۽ رايا حاصل ڪرڻ ۽ گڏيل مشاورت ذريعي ترقياتي رٿابندي کي وڌيڪ بهتر ۽ اثرائتو بڻائڻ هو. سيمينار کي خطاب ڪندي ڊپٽي ڪمشنر جامشورو غضنفر علي قادري چيو ته ضلعي جامشوري جي چئني تعلقن ڪوٽڙي، مانجهند، سيوهڻ ۽ ٿاڻو بولا خان جي مستقبل جي ترقي لاءِ هڪ جامع ۽ زميني حقيقتن تي ٻڌل ڊولپمينٽ ماسٽر پلان تيار ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. هن چيو ته ماسٽر پلان ۾ هر تعلقي جا بنيادي مسئلا، ضرورتون ۽ ترقياتي ترجيحون نظر ۾ رکڻ ضروري آهي، ته جيئن ترقيءَ جا ثمر ضلعي جي شهري توڙي ٻهراڙي وارن علائقن تائين پهچي سگهن. هن وڌيڪ چيو ته ضلعي ۾ جاري ۽ تجويز ڪيل ترقياتي اسڪيمن، خاص طور تي پاڻي جي فراهمي، پيئڻ جي صاف پاڻي، تعليم، صحت، روڊن، نيڪال واري نظام ۽ ٻين بنيادي سهولتن بابت مڪمل انگ اکر ۽ معلومات فراهم ڪئي وينديون، ته جيئن مستقبل جي رٿابندي موجوده ضرورتن ۽ زميني حقيقتن موجب ڪري سگهجي. ڊپٽي ڪمشنر چيو ته جيڪڏهن ڪنهن ڳوٺ يا علائقي ۾ پيئڻ جي پاڻي جي کوٽ يا فراهمي جو مسئلو درپيش آهي ته ان جي نشاندهي ڪري ان کي ماسٽر پلان ۾ ترجيحي بنيادن تي شامل ڪيو وڃي. اهڙيءَ طرح تعليم کاتي سميت سمورن لاڳاپيل ڪاتن جا آفيسر پنهنجن پنهنجن علائقن جا مسئلا، ضرورتون ۽ ترقياتي تجويزون پيش ڪن، ته جيئن رٿابندي دوران ڪنهن به اهم مسئلي کي نظرانداز نه ڪيو وڃي. هن زور ڀريو ته ڊولپمينٽ ماسٽر پلان کي صرف شهري ترقي تائين محدود نه رکيو وڃي، پر ان ۾ ٻهراڙي وارن علائقن جون بنيادي ضرورتون، پاڻي جي فراهمي، تعليمي ادارا، صحت مرڪز، روڊن جي تعمير، نيڪال جو نظام ۽ مستقبل ۾ وڌندڙ آبادي جون ضرورتون پڻ شامل ڪيون وڃن. ان موقعي تي شرڪت ڪندڙن کي جامشوري جي مستقبل جي ترقي، شهري رٿابندي ۽ ڊولپمينٽ ماسٽر پلان جي اهميت بابت آگاهي ڏني وئي، جڏهن ته تجويز ڪيل منصوبي کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ لاءِ بامقصد مشاورت ۽ گڏيل اتفاق راءِ تي زور ڏنو ويو. سيمينار ذريعي ضلعي جامشوري جي چئني تعلقن جي متوازن ترقي، بنيادي سهولتن جي فراهمي، گڏيل ۽ منظم رٿابندي کي هٿي وٺرائڻ ۽ لاڳاپيل ادارن وچ ۾ رابطن ۽ هم آهنگي کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. جامشوري جي ترقياتي ماسٽر پلان کي آخري شڪل ڏيڻ لاءِ چونڊيل عوامي نمائندن، ايم پي ايز ۽ ايم اين ايز کان پڻ تجويزون ۽ ترقياتي منصوبا حاصل ڪيا ويندا، ته جيئن علائقي جي ضرورتن ۽ عوامي مفادن کي نظر ۾ رکندي مستقبل جي ترقياتي رٿابندي ڪري سگهجي. سيمينار ۾ ڊائريڪٽوريٽ آف اربن ريجنل پاليسي اينڊ اسٽريٽجڪ پلاننگ جي ڊائريڪٽر جنرل مسٽر فضل اڪبر، ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ٽو محمد طارق ڪاڪا، ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر جامشورو عبدالغفار شيخ، انفارميشن آفيسر جامشورو سيد غلام محمد شاهه ڪاظمي، ڊائريڪٽر ٽيڪنيڪل مسٽر ذوالفقار علي، ڊپٽي ڊائريڪٽر محترمه نائله حق، وومين ڊولپمينٽ انچارج سيف هائوس سيده قرالعين شاهه، ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر روزينه بلوچ، ايگزيڪيوٽو انجنيئر پبلڪ هيلٿ صدام حسين مري، محترمه عظميٰ، علي مراد ابڙو ۽ سومر ملاح سميت ايگزيڪيوٽو انجنيئر هاءِ ويز، تعليم، صحت، ميونسپل، ٽائون ڪميٽي ۽ ٻين لاڳاپيل ڪاتن جي آفيسرن شرڪت ڪئي.

بقايا عوامي سوچ 27

باد آمد، صحافين سان ملاقات، اتحاد ۽ ايڪي تي زور پاڪستان جرنلسٽ يونٽي جي مرڪزي چيئرمين سيد تحسين ڪمال، مرڪزي صدر اسرار رحيمي ۽ سنڌ جي سينيئر نائب صدر اسلم محمود ڏلوي سميت وفد پاڪستان پريس ڪلب حيدرآباد پهچي صحافين سان ملاقات ڪئي، جنهن دوران ورڪنگ جرنلسٽن جي مسئلن، صحافتي حقن جي تحفظ ۽ اتحاد ۽ ايڪي جي اهميت بابت خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. وفد ۾ قانوني ماهر ايڊووڪيٽ پير سيد محمود جعفري، حاجي احمد عباسي ۽ اقبال قاضي پڻ شامل هئا. ان موقعي تي پاڪستان جرنلسٽ يونٽي جي مرڪزي چيئرمين سيد تحسين ڪمال پاڪستان پريس ڪلب حيدرآباد جي صحافين کي يونٽي جي پليٽ فارم تي گڏ ٿيڻ جي دعوت ڏيندي چيو ته ورڪنگ جرنلسٽن جي مسئلن جي حل ۽ حقن جي تحفظ لاءِ اتحاد ۽ ايڪو وقت جي اهم ضرورت آهي. صحافي جيڪڏهن گڏجي هڪ آواز ٿيندا ته پنهنجا مسئلا وڌيڪ بهتر نموني حل ڪرائي سگهندا. پاڪستان پريس ڪلب حيدرآباد جي صدر جهانزيب علي ڪاتيار ۽ جنرل سيڪريٽري دانش قاضي وفد کي يقين ڏياريو ته صحافين جي حقن ۽ مسئلن جي حل لاءِ هو هميشه گڏ بيٺل آهن. هنن چيو ته جڏهن به پاڪستان جرنلسٽ يونٽي پاران آواز ڏنو ويندو ته پاڪستان پريس ڪلب حيدرآباد جا صحافي متحد ٿي ان آواز جو ڀرپور ساٿ ڏيندا. ان موقعي تي سينيئر صحافي لالا منير احمد زهري بلوچ، ذيشان علي، فرحان قريشي، علي اسد الله سومرو، راحب علي سميت ٻيا صحافي پڻ موجود هئا. ملاقات دوران صحافتي برادري کي درپيش مسئلن جي حل لاءِ گڏيل جدوجهد، اتحاد ۽ يڪجهتي کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ تي اتفاق ڪيو ويو.

بقايا عوامي سوچ 28

ڊن جي غلط استعمال جو انڪشاف ٿيو آهي. اينٽي ڪرپشن پاران جاچ مڪمل ڪرڻ بعد چئن سرڪاري آفيسرن خلاف چارج شيٽ اسپيشل جج اينٽي ڪرپشن عدالت ۾ جمع ڪرائي وئي آهي. اينٽي ڪرپشن جي چارج شيٽ ۾ اڳوڻي پروجيڪٽ ڊائريڪٽر ڪراچي موبلٽي پروجيڪٽ ضمير احمد عباسي، ڊائريڪٽر ٽيڪنيڪل طٰ عزيز سيد، ڊپٽي ڊائريڪٽر پروڪيورمينٽ سليم حسين ۽ اڳوڻي ڊائريڪٽر پروڪيورمينٽ جهان دادس کي جوابدار نامزد ڪيو ويو آهي. چارج شيٽ موجب جوابدارن تي الزام آهي ته عالمي بئنڪ جي مالي سهڪار سان جاري منصوبن ۾ قانوني ۽ معاهدي تحت مقرر ڪيل طريقيڪار کي نظرانداز ڪندي ٺيڪيدارن کي اربين رپين جون اڳواٽ ادائيگيون ڪيون ويون. جاچ رپورٽ ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته ٽنهي منصوبن لاءِ ٺيڪيدارن کي مجموعي طور 8 ارب 56 ڪروڙ 77 لک 74 هزار 416 رپيا ايڊوانس ادائيگين جي مد ۾ جاري ڪيا ويا. جڏهن ته انهن ادائيگين لاءِ ضروري قانوني منظوري، انجنيئر جي تصديق ۽ انٽرم پيمنٽ سرٽيفڪيٽ (IPC) جو لازمي طريقيڪار اختيار نه ڪيو ويو. رپورٽ موجب نئين جام صادق پل جي تعمير لاءِ زيڊ ڪي بي (ZKB) ڪمپني کي 5 ارب 68 ڪروڙ 27 لک 74 هزار 416 رپيا، ڊيپو ون لاءِ ايس ايم ڪي_ايم اي سي جوائنٽ وينچر کي 88 ڪروڙ 40 لک 27 هزار 759 رپيا، جڏهن ته ڊيپو ٽو لاءِ چائنا سول انجنيئرنگ ڪنسٽرڪشن ڪارپوريشن کي 2 ارب رپيا ادا ڪيا ويا. چارج شيٽ ۾ وڌيڪ الزام لڳايو ويو آهي ته ٺيڪيدارن کي تعميراتي ڪم جي حقيقي اڳڀرائي ۽ تعميراتي سامان جي سائيٽ تي موجودگي جي تصديق کان اڳ ئي ادائيگيون ڪيون ويون، جڏهن ته جاري ڪيل رقم ۽ زميني سطح تي مڪمل ٿيل ڪم ۾ نمايان فرق موجود هو. جاچ رپورٽ موجب ڪجهه ادائيگيون انجنيئر جي منظوري ۽ انٽرم پيمنٽ سرٽيفڪيٽ ڪانسواءِ سڌي ريت ٺيڪيدارن کي جاري ڪيون ويون، جنهن کي سرڪاري خزاني کي نقصان ۽ مالي ضابطن جي ڀڃڪڙي قرار ڏنو ويو آهي. اينٽي ڪرپشن جي جاچ ٽيم رپورٽ ۾ قرار ڏنو آهي ته منصوبن ۾ عالمي بينڪ جي خريداري واري طريقيڪار ۽ تعميراتي معاهدن جي شرطن جي به ڀڃڪڙي ڪئي وئي. منصوبن جي فزيڪل اڳڀرائي جي پيٽ ۾ مالي ادائيگيون وڌيڪ ڪيون ويون، جنهن سبب سرڪاري فنڊن جي استعمال بابت سنگين سوال اٿن ٿا. چارج شيٽ ۾ جوابدارن جو انفرادي ڪردار پڻ بيان ڪيو ويو آهي. اڳوڻي پروجيڪٽ ڊائريڪٽر ضمير احمد عباسي تي اختيارن جي مبينا ناجائز استعمال، اڳوڻي ڊائريڪٽر پروڪيورمينٽ جهان دادس پٽيا تي معاهدن ۽ پروڪيورمينٽ ضابطن جي ڀڃڪڙي، جڏهن ته ڊائريڪٽر ٽيڪنيڪل طٰ عزيز سيد ۽ ڊپٽي ڊائريڪٽر پروڪيورمينٽ سليم حسين پايو تي مبينا غير قانوني ادائيگين ۾ سهڪار جا الزام لڳايا ويا آهن. جاچ آفيسر عدالت کي جوابدارن خلاف قانوني ڪارروائي جي استدعا ڪندي ادائيگين کي غير قانوني قرار ڏنو آهي. عدالت ايندڙ ٻڌڻي تي اڳوڻي پروجيڪٽ ڊائريڪٽر ضمير احمد عباسي سميت ٻين نامزد جوابدارن کي طلب ڪري ورتو آهي.

بقايا عوامي سوچ 29

ي زال ۽ ان مائٽ ملڪيت تي قبضو ڪرڻ چاهن ٿا هنن اسان جي گهر مٿان هلا پڻ ڪئي ۽ موتمار ڌمڪيون ڏنيون ۽ حراس ڪندا رهن ٿا هن چيو اهڙي دانهن علائقي جي نيڪ مردن توڙي حد جي پوليس کي پڻ ڏني پر پوليس ڪا به ڪاروائي ڪرڻ لاءِ تيار ناهي هن چيو منهنجي مڙس مختيار ٻبر کان اڳوڻي زال گهڻو وقت اڳ طلاق وٺي وئي ان جا ٻار به اسان پاليا هاڻ ملڪيت ڦٻائڻ لاءِ ڊراما ڪري رهيا آهن مڙس پورهيت ڪارخاني ۾ ڪم ڪري گهر جو چرخو هلائي ٿوان کي مسلسل تنگ ڪري هاڻ اسان کي ڌمڪيون ڏنيون ٿيون وڃن هن اعلي اختيارين ڊي آءِ جي حيدرآباد ايس ايس پي جامشورو کان مطالبو ڪيو آهي ته تحفظ فراهم ڪري انصاف ڪيو وڃي

بقايا عوامي سوچ 30

۽ روڪ رقم ڦر ٿيڻ جا واقعا روز جو معمول بڻجي ويا. صدر ٿاڻي جي حد دوست علي روڊ تي ڳوٺ خاوند ڏنو خاصخيلي وٽ نامعلوم هٿياربندن امداد علي بروهيءَ کان سي ڊي موٽرسائيڪل، موبائل فون ۽ روڪ رقم ڦر ڪري آسانيءَ سان فرار ٿي ويا.متاثر امداد علي بروهيءَ موجب هڪ چئن هٿيار هٿياربندن ڪيس هٿيارن جي زور تي يرغمال بڻائي ڦرلٽ ڪئي ۽ واردات بعد فرار ٿي ويا. واقعي سبب علائقي ۾ خوف ۽ هراس پکڙجي ويو جڏهن ته شهرين قمبر ۾ وڌندڙ بدامنيءَ تي ڳڻتي ظاهر ڪندي پوليس جي اعليٰ اختيارين کان نوٽيس وٺڻ ۽ ڌوهارين خلاف اثرائتي ڪارروائي جو مطالبو ڪيو آهي.

بقايا عوامي سوچ 31

سبب انتقال ڪري ويو محمد رمضان لاشاري جي هڪ هفتو اڳ دما غ جي رڳ ڦاٽي پئي جنهن کي سکر جي ضياءُ الدين اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو هو هڪ هفتي تائين هن کي هوش نه اچي سگهيو جنهن بعد گذريل رات هو زندگي جي جنگ هارائي دم ڏئي ڇڏيو محمد رمضان کي 2 مهينا اڳ بلڊ ڪينسر جي تشخيص ٿي هيي جنهن جو علاج هلندڙ هيو ۽ ان ۾ هو رڪور به ٿي چڪو هو مرحوم جي جنازي نماز پنهنجي اباڻي ڳوٺ ڇتو جويو ۾ ادا ڪئي وئي، جتي سياسي سماجي اڳواڻ سميت علائقي واسين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، رمضان لاشاري کي سوين آلين اکين سان مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو.

بقايا عوامي سوچ 32

لاڏاڻو ڪري ويو مرحوم جي تدفين دبئي ۾ ڪئي ويندي، جڏهن ته سندس ايصال ثواب لاءِ ڪراچي ۽ ٽنڊوآدم ۾ تعزيت جو سلسلو جاري رهندو. مرحوم جو ٽڏو ٽنڊوآدم ۾ رکيو ويندو. انجنيئر فريد طاهر صديقي جي لاڏاڻي تي ميونسپل چيئرمين غلام مرتضي جوٽيجو اڳوڻي چيئرمين مسرور احسن غوري، اڳوڻي تعلقي نائب ناظم شيخ لياقت علي، جماعت اسلامي جي اڳواڻن سيد عريف الله، مشتاق عادل ۽ عبدالغفور انصاري، ٽنڊوآدم بار ايسوسيئيشن جي صدر ايڊووڪيٽ عبدالله ختڪ، جنرل سيڪريٽري شيخ جاويد علي، بار جي ميمبرن ايڊووڪيٽ فيصل عزيز غوري، ايڊووڪيٽ ڪامران عزيز غوري ۽ ايڊووڪيٽ سيد توحيد شاهه، انجمن تاجران جي صدر محمد اقبال پٽي، نائب صدر حبيب خان، نوشاد شيخ ۽ قدير مغل سميت ٻين سياسي، سماجي ۽ واپاري اڳواڻن گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي. هنن دعا ڪئي ته الله تعاليٰ مرحوم جي مغفرت فرمائي، کيس جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا ڪري ۽ پونئرن کي صبر جميل عطا فرمائي

بقايا عوامي سوچ 33

۾ به جمعيت علماءِ اسلام طرفان احتجاج ڪيو ويو. ان سلسلي ۾ جمعيت علماءِ اسلام تعلقه پٿورو جي جوائنٽ سيڪريٽري مولانا محمد اسحاق نهڙي، ڊپٽي جنرل سيڪريٽري جان محمد پنهور ۽ حافظ ابوبڪر نهڙي پٿورو پريس ڪلب پهچي احتجاج رڪارڊ ڪرايو. ان موقعي تي صحافين سان ڳالهائيندي اڳواڻن چيو ته گذريل ڏينهن هڪ نجي ٽي وي چينل طرفان اسان جي قائد مولانا فضل الرحمان جي گهر مٿان ڊرون ڪئميرا ذريعي فوٽيج ناهڻ ۽ رهائشگاهه جي چوديواري جو تقدس پائمال ڪرڻ واري عمل جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪريون ٿا. ڪنهن به شهري جي گهرجي نجي زندگي ۽ چوديواري جي احترام کي نظرانداز ڪرڻ ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪيو ويندو. هنن حڪومت پاڪستان ۽ لاڳاپيل ادارن کان مطالبو ڪيو ته واقعي جو نوٽيس وٺي ذميوارن خلاف جلد کان جلد قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي، ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو. جمعيت علماءِ اسلام جي اڳواڻن وڌيڪ چيو ته اسان پنهنجي قائد جي عزت، احترام ۽ تحفظ لاءِ هر قرباني ڏيڻ لاءِ تيار آهيون ۽ ڪنهن به صورت ۾ پنهنجي قائد جي عزت تي وار برداشت نه ڪنداسين.

نمائندا گهرجن

هر خبر تي نظر
روزاني عوامي سوچ ڪراچي کي سنڌ جي ننڍن
وڏن شهرن مان رپورٽر گهرجن صحافت سان
دلچسپي رکندڙ اداري سان رابطو ڪن.
رابطي لاءِ:
03072308754_03003924502

سجاول بار ايسوسيئيشن پاران ضلع ڪائونسل چيئرمين سجاول دانش غلام قادر خان ملڪاڻي جن جي مان ۾ آجياڻو

ان موقعي تي ڊي سي سجاول ڪيپٽن سعيد لغاري محمد سليم ملڪاڻي ايڊووڪيٽ اعجاز احمد جماڻي ايڊووڪيٽ لياقت جماري شريڪ

ايڊووڪيٽ سجاد خواجہ ايڊووڪيٽ قادر خاصخيلي ايڊووڪيٽ اياز خواجہ ايڊووڪيٽ عبدالرحيم ميمڻ ايڊووڪيٽ علي رضا جت موجود

ضلع ڪائونسل چيئرمين سجاول دانش غلام قادر خان ملڪاڻي پاران سجاول بار لاءِ 5 لک رپين جو چيڪ پڻ ڏنو ويو

سجاول (رپورٽ امتياز ميمڻ) سجاول بار ايسوسيئيشن پاران ضلع ڪائونسل چيئرمين سجاول دانش غلام قادر خان ملڪاڻي جن جي مان ۾ آجياڻو ڏنو ويو ان موقعي تي ڊي سي سجاول ڪيپٽن سعيد لغاري محمد سليم ملڪاڻ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر1

ڪراچي ۾ اعلانيل احتجاجي مظاهري ۾ شرڪت لاءِ پوري سنڌ جيان ٺٽي ضلعي مان ٻ گاڏين جا وڏا قافلا ٺٽي مان روانا

سنڌ جي مختلف کاتن جي ملازمن سميت پرائمري استادن جا پڻ ڪافي جائز مسئلا آهن، جيڪي حل ٿي ناهن سگهيا

جن جي حل لاءِ پريس ڪلب ڪراچي تي احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي، جنهن ۾ شرڪت لاءِ ٺٽي کان وڃون پيا

استادن جا جائز مسئلا حل نه ٿيا ته مسئلن جي حل تائين احتجاج کي جاري رکيو ويندو، هنن سنڌ حڪومت، تعليم کاتي کان مطالبو ڪيو

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) پ ٽ الف ضلعي ٺٽي پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ ڪراچي ۾ اعلانيل احتجاجي مظاهري ۾ شرڪت لاءِ پوري سنڌ جيان ٺٽي ضلعي مان ٻ گاڏين جا وڏا قافلا ٺٽي مان پ ٽ الف ضلعي ٺٽي جي جنرل سيڪريٽري خير م/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر2

سکر بيوريجز پرائيويٽ لميٽيڊ ۾ ڪيميڪل سيفٽي، فائر سيفٽي ۽ هيلٿ سيفٽي ايس او پيز تي آگاهي ورڪشاپ منعقد

باهه ۽ هيلٿ سيفٽي جي شعبن ۾ بهترين طريقي سان ڪم ٿي رهيو آهي : ميڊم سعيده اڪمل لغاري

تنهن هوندي به، ڪارخانن ۽ صنعتي ادارن ۾ حفاظتي قدمن تي وڌيڪ ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي

سکر (بيورو رپورٽ) آمريڪن ڪيميڪل سوسائٽي پاران سکر بيوريجز پرائيويٽ لميٽيڊ ۾ ڪيميڪل سيفٽي، فائر سيفٽي ۽ هيلٿ سيفٽي اي/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر3

چيلهار شهر ۾ ڪاهي ويجهو خدا بخش سميجو جا گهر ڊاهڻ خلاف چيلهار ۾ احتجاج

ڪاهي ويجهو اسحاق سميجو جا گهرن جي ڊاهڻ واري عمل خلاف سخت احتجاج ڪندي اختيارين ڪان مطالبو ڪيو

متاثر خاندان سان انصاف ڪيو وڃي ۽ گهر ڊاهڻ واري معاملي جو نوٽيس وٺي ذميوارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي

گهر ڊاهڻ واري معاملي جو نوٽيس وٺي ذميوارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي

مٺي (ڊ ر محمد رحيم مگريو) چيلهار شهر ۾ ڪاهي ويجهو خدا بخش سميجو جا گهر ڊاهڻ خلاف چيلهار ۾ احتجاج، اڪليون جي سميجا برادري ۽ ٻين جو مين چوڪ تي مظاهرو چيلهار خدا بخش سميجو جا گهر ڊاهڻ واري عمل خلاف اڪليو/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر4

دادو پبلڪ هيلٿ کاتي ۾ اربين رپين جي ڪرپشن جا الزام، 14 نومبر تي ڪراچي پريس ڪلب آڏو ڌرڻي جو اعلان

ضلعي ۾ ڪرپشن انتها تي پهچي وئي آهي، سکر ۽ لاڙڪاڻي کانپوءِ دادو ڪرپشن جي حوالي سان سنڌ ۾ ٽئين نمبر تي آهي

پبلڪ هيلٿ کاتي دادو جي ايگزيڪيوٽو انجنيئر عبدالوحيد شيخ جي دور ۾ ڪميشن جو سلسلو 10 سيڪڙو مان وڌي 80 سيڪڙو تائين پهچي ويو آهي

هلندڙ سال پبلڪ هيلٿ کاتي ۾ هڪ ارب 80 ڪروڙ رپين جا ترقياتي ڪم منظور ٿيا، پر اهي ڪم زمين تي ڪرائڻ بدران ڪاغذن ۾ مڪمل ڏيکاري رقمون هڙپ ڪيون ويون آهن

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) جيئي سنڌ وطن پارٽي جي چيئرمين غازي خان سولنگي، مرڪزي جنرل سيڪريٽري اياز ملاح ۽ شاگرد ونگ اڳواڻ ڪريم سولنگي دادو پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪرڻ بعد پريس ڪانفرنس ڪندي دادو ضلعي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر5

يوسي سونڊا ۾ پوليو ورڪرن سان جهيڙي جو واقعو، انصاف جو مطالبو

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) يوسي سونڊا ۾ پوليو ورڪرن سان جهيڙي جو واقعو، انصاف جو مطالبو ٺٽو يوسي سونڊا جي ڳوٺ عبدالله پارج ۾ ڳوٺاڻن پاران پوليو ورڪرز زرينا خاصخيلي ۽ امداد سومرو سان مبينا جهيڙي جو واقعو پيش آيو آهي. واقعي بعد پوليو ورڪرن ضلعي انتظاميا ٺٽو کان مطالبو ڪيو آهي ته واقعي جو نوٽيس/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر6

DADU PRESS CLUB
DPC
دادو پريس ڪلب ضلع دادو

غلام قادر ميمڻ کان چارج ڇڏرائي سنڌس جاءِ تي عمران خان پيماڻي کي نئون ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيسر مقرر ڪري ڇڏيو

جاءِ تي ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيسر 1 خيرپور عمران خان پيماڻي کي ٽريزري آفيس ٺٽو ۾ نئون ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيسر طور مقرر ڪيو ويو

مختلف کاتن جي ملازمن پاران جوائنٽ ايڪشن ڪميٽي قائم ڪري احتجاجي مظاهرو ڪري ٽريزري آفيس ٺٽو اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو هو

ملازم تنظيمن جي اڳواڻن پاران ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيسر غلام قادر ميمڻ کان چارج ڇڏائڻ واري فيصلي جي آجيان

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) ٺٽي ضلعي جي سرڪاري ملازمن جي احتجاجن کانپوءِ ناڻي کاتي پاران ٽريزري آفيس ٺٽو جي ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيسر ٺٽو غلام قادر ميمڻ کان چارج ڇڏرائي سنڌس جاءِ تي عمران خان پيماڻي کي نئون ڊسٽرڪٽ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر7

مڪلي واسي اصغر پيٽي جي ٿيليسيميا بيماري ۾ مبتلا پٽ کي عشر زڪوات کاتي طرفان علاج جي مدد ۾ 10 هزار رپين جو چيڪ ڏنو

اسان في سبيل الله غريب ماڻهن جي بنا فرق جي خدمت ڪرڻ ۾ مصروف بڻيل آهيون

مڪلي واسي پورهيت اصغر پيٽي جو پٽ رت جي ڪوٽ واري بيماري ٿيليسيميا ۾ مبتلا آهي، جنهن کي هر واري رت چڙهي ٿو

جنهن کي 10 هزار رپين جو مالي مدد طور چيڪ ڏنو ويو آهي، جيئن ان جي ٿوري گهڻي مدد ٿي سگهي

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) عشر زڪوات ڪميٽي ضلعي ٺٽي جي چيئرمين حاجي عبدالڪريم شورو پاران پنهنجي مڪلي واري آفيس ۾ مڪلي واسي اصغر پيٽي جي ٿيليسيميا بيماري ۾ مبتلا پٽ کي عشر زڪوات کاتي طرفان علاج جي/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر8

ٺٽي ۾ بيروزگار نوجوانن جو ايوان صحافت پريس ڪلب اڳيان احتجاج

مقامي نوجوانن کي روزگار ۾ نظرانداز ڪرڻ خلاف سخت نعريبازي، ضلعي جي نوڪرين تي ٻاهرين ماڻهن جي قبضي جو الزام

ٺٽي ضلعي ۾ وڌندڙ بيروزگاري ۽ مقامي نوجوانن کي روزگار جا موقعا فراهم نه ٿيڻ خلاف بيروزگار نوجوانن پاران ايوان صحافت پريس ڪلب ٺٽو اڳيان احتجاجي مظاهرو

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) ٺٽي ۾ بيروزگار نوجوانن جو ايوان صحافت پريس ڪلب اڳيان احتجاج، مقاميَ نوجوانن کي روزگار ۾ نظرانداز ڪرڻ خلاف سخت نعريبازي، ضلعي جي نوڪرين تي ٻاهرين ماڻهن جي قبضي جو الزام ٺٽي ضلعي ۾ وڌندڙ بيروزگاري ۽ مقامي نوجوانن کي روزگار جا موقعا فراهم نه ٿيڻ خلاف بيروزگار نوجوانن پاران ايوان صحافت پريس ڪلب ٺٽو اڳيان احتجاج/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر9

المصطفيٰ ويلفيئر سوسائٽي پاران ضلعي ٺٽي ۾ فلاحي خدمتون انجام ڏيڻ جا منصوبا

المصطفيٰ ويلفيئر سوسائٽي جي هڪ وفد ٺٽي، گهارو ۽ ڌاٻيجي جي مختلف علائقن جو دورو ڪيو

مقامي معززين توڙي سماجي شخصيتن سان ملاقاتون ڪيون

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) المصطفيٰ ويلفيئر سوسائٽي پاران ضلعي ٺٽي ۾ فلاحي خدمتون انجام ڏيڻ جا منصوبا، وفد جي الطاف حسين تنيو سان ملاقات المصطفيٰ ويلفيئر سوسائٽي جي هڪ وفد ٺٽي، گهارو ۽ ڌاٻيجي جي مختلف علائق/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر10

ڏڙي ٽائون جي چيئرمين شاهه رخ انور سيال طرفان 500 کان وڌيڪ مستحق ماڻهن وچ ۾ سامان ورهايو ويو

ڏڙي ٽائون جي چيئرمين شاهه رخ انور سيال طرفان 500 کان وڌيڪ مستحق ماڻهن وچ ۾ سامان ورهايو ويو

پارٽي قيادت جي ويزن مطابق شهرين جي هر ممڪن مدد ۽ خدمت ڪئي پئي وڃي

لاڙڪاڻو (رپورٽ عبدالستار سيال) لاڙڪاڻي ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، ڪو چيئرمين صدر پاڪستان آصف علي/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمب20

سنڌ ۾ ڪمند جي آبادگارن حڪومت جي زرعي پاليسيءَ تي سوال

ڪٽڪ ۽ ڪمند جي اگهن بابت ٻٽي معيار ختم ڪرڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو

معاشي ناانصافي ختم ڪري ڪين شگر مل مالڪن جي رحم ڪرم تي ڇڏڻ بدران قانون موجب تحفظ فراهم ڪيو وڃي

متياري (تعلقہ رپوٽر غلام نبي چنو) سنڌ ۾ ڪمند جي آبادگارن حڪومت جي زرعي پاليسيءَ تي سوال اٿاريندي ڪٽڪ ۽ ڪمند جي اگهن /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر19

ڪراچي غازي ڳوٺ ۾ گهر مان 6 ورهين جي نينگريءَ جو لاش هٿ

سچل ٿاڻي جي حد ۾ غازي ڳوٺ ۾ گهر مان 6 ورهين جي نينگريءَ جو لاش هٿ آيو : پوليس

فوتي نينگريءَ جي سڃاڻپ 6 ورهين جي امينہ ڌيءَ اسماعيل طور تي آهي

ڪراچي (رپورٽ منصور چانڊيو) ڪراچي غازي ڳوٺ ۾ گهر مان 6 ورهين جي نينگريءَ جو لاش هٿ ڪراچي: سچل ٿاڻي جي حد ۾ غازي ڳوٺ ۾ گهر/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمب18

پوليس ۽ بااثر ماڻهن جي ستايل هڪ غريب محنت ڪش نوجوان خودڪشي ڪري ڇڏي

وارثن جو ٻئي ڏينهن به ٿاڻي جي اڳيان احتجاج جاري تحقيقات جو مطالبو

محرابپور (رپورٽر) پوليس ۽ بااثر ماڻهن جي ستايل هڪ غريب محنت ڪش نوجوان خودڪشي ڪري ڇڏي، وارثن جو ٻئي ڏينهن به ٿ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر17

سابق ڊي اي او خيرپور پروفيسر عبدالسميع پنهور جي مان ۾ ڳسٽا پاران تاج محل هوٽل ڳمبٽ ۾ هڪ شاندار پر وقار تقريب

ڪامران ميراڻي لياقت فردوسي آفتاب پنهور انور شيخ قاضي راز علي صمد پنهور فتاح ڏاهري امتياز علي ۽ ٻين شرڪت

تقريب ۾ پروفيسر عبدالسميع پنهور دلبر چنڊي حزب الله شا غلام شبير سمون کي بوسڪي جا پٽڪا پارايا ويا

ڳمبٽ (رپوٽر) سابق ڊي اي او خيرپور پروفيسر عبدالسميع پنهور جي مان ۾ ڳسٽا پاران تاج محل هوٽل ڳمبٽ ۾ هڪ شاندار پر وقار ت/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر16

عمرڪوٽ پوليس صحت لاءِ هاڃيڪار گٽڪي ۽ مين پڙي جي غيرقانوني ڪاروبار خلاف وڏي ڪارروائي

90 هزار 500 گٽڪي ۽ مين پڙي جون پڙيون، ٻه ڪارون، ٻه موبائل فون ۽ 5 هزار رپيا روڪ رقم هٿ ڪئي وئي

نقصانڪار گٽڪي ۽ مين پڙي جي غيرقانوني ڪاروبار خلاف زيرو ٽالرنس پاليسي تحت ڪارروايون جاري

ڪنري (رپورٽ/ذوالفقار علي پٽي) عمرڪوٽ پوليس صحت لاءِ هاڃيڪار گٽڪي ۽ مين پڙي جي غيرقانوني ڪاروبار خلاف وڏي ڪارروائي ڪندي/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر15

ٽن ڏينهن وارين سنڌ اسپيشل گيمز 2026ع اڄ سکر ۾ وڏي جوش ۽ جذبي سان شروع ٿي وين

صوبائي وزير رانديـن ۽ نوجوانن جا معاملا سردار محمد بخش خان مهر خاص مهمان طور شرڪت

ڊپٽي ڪمشنر سکر ۽ گهوٽڪي، ايس ايس پي گهوٽڪي سميت ٻين اعليٰ عملدارن ۽ معزز شخصيتن شرڪت ڪئي

سکر (بيورو چيف محمد قاسم ملڪ) سنڌ حڪومت جي رانديـن ۽ نوجوانن جي معاملن واري کاتي جي اهتمام هيٺ ٽن ڏينهن وارين سنڌ اس/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر14

سنڌ ايگريڪلچر يونيورسٽي ٽنڊوڄام جي عمرڪوٽ ڪيمپس ۾ عمارتن جي زبون حالي

مالي بحران ۽ تدريسي سرگرمين ۾ رڪاوٽن سبب تعليمي صورتحال انتهائي ڳڻتي جوڳي ٿي وئي

فزيڪل ڪلاسن جو انعقاد بند ڪرڻ ۽ آن لائين تدريسي عمل جاري رکڻ جو انڪشاف ڪيو ويو

ڪنري (رپورٽ/ذوالفقار پٽي) سنڌ ايگريڪلچر يونيورسٽي ٽنڊوڄام جي عمرڪوٽ ڪيمپس ۾ عمارتن جي زبون حالي، مالي بحران ۽ تدريس/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر13

دادو ۾ ووٽر آگاهي مهم، استاد بخاري ڪاليج ۾ شاگردن لاءِ فرضي پولنگ جو عملي مظاهرو

نوجوانن کي ووٽ جي اهميت، جمهوري حقن ۽ ذميوارين بابت آگاهي ڏني وئي، شاگردن فرضي پولنگ ۾ ڀرپور حصو ورتو

باشعور ووٽر مضبوط جمهوريت جو بنياد آهي، توهان جو ووٽ توهان جو آواز ۽ توهان جو مستقبل آهي

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان جي هدايتن تي ڊسٽرڪٽ اليڪشن ڪمشنر دادو محمد حنيف جي ا/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر12

فضل الرحمان جي گهر جي چادر ۽ چوديواري جو تقدس پامال ڪرڻ ۽ سنڌس ميڊيا ٽرائل خلاف احتجاج

جمعيت علماءِ اسلام تعلقي ڪنري جي جنرل سيڪريٽري مولانا عمار خالد ٻين عهديدارن سان گڏ پريس ڪانفرنس

فضل الرحمان جي گهر جي ويڊيو ناهڻ ۽ چادر ۽ چوديواري جي تقدس کي پامال ڪرڻ واري عمل جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪريون ٿا

ڪنري (رپورٽ/ذوالفقار پٽي) جمعيت علماءِ اسلام جي سربراهه مولانا فضل الرحمان جي گهر جي چادر ۽ چوديواري جو تقدس پامال ڪرڻ ۽ سنڌس/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر11

روهڙي پرسان دبر جي ڳوٺ غلام مصطفيٰ جاگيراڻي جو پرائمري اسڪول گذريل 16 سالن کان زبون حالي جو شڪار بڻيل

اسڪول جي عمارت نه هجڻ سبب معصوم شاگرد کليل آسمان هيٺ تعليم حاصل ڪرڻ تي مجبور آهن

اسڪول جي تباهه ٿيل عمارت جي ٻيهر تعمير، فرنيچر ۽ بنيادي تعليمي سهولتن جي فراهمي لاءِ ڳوٺاڻن، شاگردن ۽ استادن پاران احتجاجي مظاهرو

ڳوٺاڻن، شاگردن ۽ استادن پاران احتجاجي مظاهرو ڪري تعليم کاتي ۽ ضلعي انتظاميا خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي

روهڙي (رپورٽ : جمال ڪٽپر) روهڙي پرسان دبر جي ڳوٺ غلام مصطفيٰ جاگيراڻي جو پرائمري اسڪول گذريل 16 سالن کان زبون حالي جو شڪار بڻيل آهي جڏهن ته اسڪول جي عمارت نه هجڻ سبب معصوم شاگرد کليل آسمان هيٺ تعل/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر21



روهڙي جي ٽنڊو ڀوراهو واري نئين تعمير ٿيل بس ٽرمينل تي بنيادي سهولتون فراهم نه ٿيڻ خلاف احتجاج

نئين بس ٽرمينل تي سيڪيورٽي، مسجد، روشني ۽ ٻين ضروري سهولتن جو انتظام نه هجڻ سبب مسافر سخت پريشانين کي منهن ڏئي رهيا آهن

ٽرمينل تي مسافرن جي سهولت ۽ تحفظ لاءِ مناسب انتظامي بندوبست پڻ موجود ناهي

رات جي وقت روشني جو مناسب انتظام نه هجڻ سبب سڄو ٽرمينل اونداهي ۾ ٻڏل رهي ٿو

روهڙي (رپورٽر) روهڙي جي ٽنڊو ڀوراهو واري نئين تعمير ٿيل بس ٽرمينل تي بنيادي سهولتون فراهم نه ٿيڻ خلاف مسافرن ۽ شهرين پاران محمد انور پٽي جي اڳواڻي ۾ ٿيل احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهرين ڏانهيندي چيو/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر22

مني لانڊرنگ معاملو: سنڌ هاءِ ڪورٽ ڪمپني خلاف ڪارروائي کان روڪي ڇڏيو

اين سي سي آءِ اي پاران جوا، سٽو ۽ پونزي انويسٽمينٽ اسڪيم جي بنياد تي انڪوائري شروع ڪئي وئي

درخواست ۾ ڏي جي اين سي سي آءِ اي ۽ انڪوائري آفيسر رانا فيصل منير کي ڌر بڻايو ويو آهي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ مائيڪرو فنانسنگ سروس (جاز ڪيش) ذريعي مبينا مني لانڊرنگ جي معاملي ۾ نجي ڪمپني خلاف اين/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر23

ڪراچي ۾ ٻن ڏينهن واري سنڌ انرجي اينڊ ڪلائميٽ ڪانفرنس جو انعقاد

ڪانفرنس ۾ توانائي، تحقيق، ترقياتي شعبي ۽ سول سوسائٽي سان لاڳاپيل ماهرن شرڪت ڪئي

پينل جي ميزباني CSSPجي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر ۽ جسٽ انرجي ٽرانزيشن جي پروگرام ليڊ زارا آغا ڪئي

سنڌ ۾ توانائي ۽ موسمياتي منصوبابندي جو مرڪز رڳو توانائي جي پيداوار يا وڏن منصوبن جي تعمير نه هجڻ گهرجي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ انرجي اينڊ ڪلائميٽ ڪانفرنس 2026 جي پينل ۾ ماهرن سنڌ ۾ توانائي جي منصفاڻي منتقلي کي عوامي مفاد سان ڳنڍڻ لاءِ غيرمرڪزي توانائي نظام، مقامي آبادي جي بامعنيٰ شموليت ۽ قرضن بدران گرانٽ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر24

جمعيت علماءِ اسلام نوابشاهه تعلقي جي صدر جي اڳواڻي ۾ نوابشاهه پريس ڪلب آڏو مظاهرو

مولانا فضل الرحمان جي گهر جا ڊرون فوٽيج ناهڻ ڪريل حرڪت آهي حڪومت پنهنجي اهڙين حرڪتن کان باز اچي

اسان کي حڪم ٿيو ته لکين ڪارڪن مولانا فضل الرحمان جي حمايت ۾ روڊن تي ايندا

جمعيت علماءِ اسلام نوابشاهه تعلقي جي صدر احمد خان جمالي شاهد جوکيو محمد خان خاصخيلي نوابشاهه پريس ڪلب آڏو مظاهرو

نوابشاهه (رپورٽر) جمعيت علماءِ اسلام نوابشاهه تعلقي جي صدر احمد خان جمالي شاهد جوکيو محمد خان خاصخيلي نوابشاهه پريس ڪلب آڏو مظاهرو ڪندي چيو ته مولانا فضل الرحمان جي گهر جا ڊرون فوٽيج ناهڻ ڪريل حرڪت آهي حڪو/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر25

نوابشاهه: جمعيت علماءِ اسلام نوابشاهه تعلقي جي صدر جي اڳواڻي ۾ نوابشاهه پريس ڪلب آڏو مظاهروڪندي

جامشوري جي ڊولپمينٽ ماسٽر پلان بابت آگاهي ۽ مشاورتي سيمينار

جامشورو (رپورٽر) جامشوري جي ڊولپمينٽ ماسٽر پلان بابت آگاهي ۽ مشاورتي سيمينار، مستقبل /ڏسو صفحو 3 بقايا نمب26

پاڪستان جرنلسٽ يونٽي جي وفد جي حيدرآباد پريس ڪلب آمد

جامشورو (رپورٽر) جامشورو پاڪستان جرنلسٽ يونٽي جي وفد جي پاڪستان پريس ڪلب حيدرا/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر27

ڪراچي موبلٽي پروجيڪٽ تحت منصوبن ۾ ڪرپشن جو انڪشاف

جاچ مڪمل ڪرڻ بعد ڇهن سرڪاري آفيسرن خلاف چارج شيٽ اسپيشل جج اينٽي ڪرپشن عدالت ۾ جمع ڪرائي وئي

ٺيڪيدارن کي مجموعي طور 8 ارب 56 ڪروڙ 77 لک 74 هزار 416 رپيا ايڊوانس ادائيگين جي مد ۾ جاري ڪيا ويا

عدالت اينڊڙ ٻڌڻي تي اڳوڻي پروجيڪٽ ڊائريڪٽر ضمير احمد عباسي سميت ٻين نامزد جوابدارن کي طلب ڪري ورتو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي موبلٽي پروجيڪٽ تحت ييلو لائن بي آر ٽي، نئين جام صادق پل ۽ ڊيپو ۽ ٻين تعميراتي منصوبن ۾ 8 ارب 56 ڪروڙ رپين کان وڌيڪ جي مبينا مالي بي ضابطگين، غير قانوني ادائيگين ۽ سرڪاري فن/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر28

ڪوٽڙي واسي عورت طرفان مڙس جي مائٽن مٿان ملڪيت تي قبضي جو خدشو احتجاج

منهنجي مڙس جي اڳوڻي زال ۽ ان مائٽ ملڪيت تي قبضو ڪرڻ چاهن ٿا هنن اسان جي گهر مٿان هلا پڻ ڪئي ۽ موتمار ڌمڪيون ڏيئون ۽ حراس ڪندا رهن ٿا : مظاهرين

اهڙي ڏانهن علائقي جي نيڪ نردن توڙي حد جي پوليس کي پڻ ڏني پر پوليس ڪا به ڪاروائي ڪرڻ لاءِ تيار ناهي

منهنجي مڙس مختيار ٻير کان اڳوڻي زال گهڻو وقت اڳ طلاق وٺي وئي ان جا ٻار به اسان پاليا هاڻ ملڪيت ڦٻائڻ لاءِ ڊراما ڪري رهيا آهن

ڪوٽڙي (رپورٽر) ڪوٽڙي واسي عورت طرفان مڙس جي مائٽن مٿان ملڪيت تي قبضي جو خدشو احتجاج ڪوٽڙي خدا جي بستي جي رهواسڻ مسمات ارشاد مستوئي نياڻين سان گڏ احتجاج ڪندي ڏانهيو آهي ته منهنجي مڙس جي اڳوڻ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر29

ڪوٽڙي واسي عورت طرفان مڙس جي مائٽن مٿان ملڪيت تي قبضي جو خدشواحتجاج ڪندي

قمبر ۾ بدامنيءَ وڌي وئي، موٽرسائيڪل، موبائل فون ۽ روڪ رقم ڦر

قمبر (رپورٽر) قمبر ۾ بدامنيءَ جي واقعن تي ضابطو اچي نه سگهيو موٽرسائيڪلون موبائل فون/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر30

بهرام ٿاڻي جو وڏو منشي محمد رمضان لاشاري لاڏاڻو ڪري ويو

بهرام (رپورٽر) بهرام ٿاڻي جو وڏو منشي سب انسپيڪٽر محمد رمضان لاشاري دماغي رڳ ٽٽڻ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر31

ٽنڊو آدم جي ناليواري سياسي ۽ سماجي شخصيت انجنيئر فريد طاهر صديقي 70 سالن جي ڄمار ۾ دبئي ۾ لاڏاڻو ڪري ويو

مرحوم جي تدفين دبئي ۾ ڪئي ويندي، سندس ايصال ثواب لاءِ ڪراچي ۽ ٽنڊو آدم ۾ تعزيت جو سلسلو جاري رهندو

الله تعاليٰ مرحوم جي مغفرت فرمائي، کيس جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا ڪري ۽ پوئرن کي صبرجميل عطا فرمائي

ٽنڊو آدم (رپورٽر) ٽنڊو آدم جي ناليواري سياسي ۽ سماجي شخصيت انجنيئر فريد طاهر صديقي 70 سالن جي ڄمار ۾ دبئي ۾ لاڏاڻو ڪري ويو رپورٽ موجب ٽنڊو آدم ميونسپل ڪميٽي جي اڳوڻي چيئرمين ڊاڪٽر طاهر حسين صديقي جو فرزند ناليواري سياسي ۽ سماجي شخصيت انجنيئر فريد طاهر صديقي 70 ورهين جي ڄمار ۾ دبئي ۾ دل جي دوري سبب/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر32



پٿورو ۾ مولانا فضل الرحمان جي گهر تي چڙهائي خلاف احتجاج

سڄي ملڪ جيان پٿورو ۾ به جمعيت علماءِ اسلام طرفان احتجاج ڪيو ويو

واقعي جو نوٽيس وٺي ذميوارن خلاف جلد کان جلد قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي

پٿورو (رپورٽر) جمعيت علماءِ اسلام جي سربراهه مولانا فضل الرحمان جي رهائشگاهه مٿان هڪ نجي ٽي وي چينل طرفان ڊرون ڪئميرا ذريعي فوٽيج ناهڻ ۽ گهر جي چوديواري جو تقدس پائمال ڪرڻ واري واقعي خلاف سڄي ملڪ جيان پٿورو /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر33